ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) چنڇر 19 سيپٽمبر 2026ع 06 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (35)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Saturday 19th September 2026

خيبرپختونخواهه ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، فتنہ الهندستان جا 10 خوارجي مارجي ويا، 6 اهلڪار شهيد

سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ۾ خوارجين جي موجودگي جي ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي جنهن دوران ڀارتي حمايت يافته 6 خوارجين کي جهنم پهچايو ويو

ضلعي هنگو ۾ هڪ ٻي ڪامياب ڪارروائي دوران سيڪيورٽي فورسز 4 ٻين خوارجين کي ماريو ويو، سيڪيورٽي فورسز جي قافلي تي بم حملي ۾ وطن جا 6 بهادر سپوت شهيد ٿي ويا

ڪارروائين دوران ڀارتي حمايت يافته دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار ۽ ڌماڪي دار مادو هٿ ڪيو ويو، مارجي ويل دهشتگرد علائقي ۾ مختلف ڪارروائين ۾ ملوث رهيا هئا

"عزم استحڪام" تحت دهشتگردن جي مڪمل خاتمي لاءِ سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جون ڪارروايون پوري قوت سان جاري رهنديون: آءِ ايس پي آر

وطن جي دفاع، امن ۽ سلامتي لاءِ اسان جي بهادر سپوتن ۽ شهيدن جون عظيم قربانيون اسان جي عزم کي وڌيڪ پختو ڪن ٿيون: پاڪ فوج جو ترجمان

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز خيبرپختونخواهه جي مختلف ضلعن ۾ ڀارتي حمايت يافته فتنہ الخوارج خلاف گڏريل ڪن ڏينهن دوران ڪامياب ڪارروايون ڪري 10 خوارجين کي جهنم پهچائي ڇڏيو جڏهن تہ انهن ڪارروائين دوران سيڪيورٽي فورسز جا 6 اهلڪار شهيد ٿيا. پاڪ فوج جي سڌ سماءَ واري شعبي (آءِ ايس پي آر) موجب سيڪيورٽي فورسز اتر وزيرستان ۾ خوارجين جي موجودگي جي ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي جنهن دوران خوارجين ۽ سيڪيورٽي فورسز وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ جي نتيجي ۾ ڀارتي حمايت يافته فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ 6 خوارجين کي جهنم پهچايو ويو آءِ ايس پي آر پاران جاري پڌرائي ۾ ٻڌايو ويو تہ خيبرپختونخوا جي ضلعي هنگو ۾ هڪ ٻي ڪامياب ڪارروائي دوران سيڪيورٽي فورسز 4 ٻين خوارجين کي جهنم پهچايو بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سيئول: سپريم ڪورٽ جو جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب ايشيا ۽ پيسفڪ ريجن جي چيف جسٽسن جي ڪانفرنس ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪري رهيو آهي

ڪوهاٽ ۾ پوليس لائنز پرسان جمع نماز دوران آپگهاتي ڌماڪو، اهلڪارن سميت 16 ڄڻا شهيد، 78 زخمي

دهشتگردن بارود سان ڀريل گاڏي ڀرائي پوليس لائنز جي گيٽ سان ٽڪرائي ڇڏي، ڌماڪي کان پوءِ فائرنگ بہ ڪئي وئي، اسپيشل برانچ جي عمارت تي هڪ ٻيو آپگهاتي ڌماڪو پڻ ڪيو ويو

آپگهاتي ڌماڪي ۽ فائرنگ سبب 16 پوليس اهلڪار ۽ 5 عام شهري شهيد ٿي ويا ۽ 78 ڄڻا زخمي ٿيا، ڌماڪي جي زخمين کي ڊي ايچ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو

دهشتگرد پوليس لائنز ۾ 7 هٿياربند داخل ٿيا، جن سان پوليس ۽ سي ٽي ڊي ڀرپور مقابلو ڪيو، ڪارروائي دوران آپگهاتي بمبار ۽ اسنائپر سميت 6 دهشتگرد مارجي ويا آهن: سي پي او

سيڪيورٽي فورسز ۽ پوليس علائقي کي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي، ڊي ايچ ڪيو اسپتال ۾ ايمرجنسي لاڳو ڌماڪي جي زخمين ۾ پوليس اهلڪار پڻ شامل آهن: ترجمان

خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي ڌماڪي جو نوٽيس وٺندي پوليس اختيارين کان رپورٽ طلب ڪري ورتي، واقعي جي سمورن رخن جو جائزو وٺي تفصيلي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم

دهشتگردي جو هي بزدلاڻو واقعو انتهائي افسوسناڪ ۽ ناقابل قبول آهي. سمورا وسيلا ڪتب آڻي زخمين جي علاج سان گڏ ضروري طبي سهولتن جي فراهمي يقيني بڻايون وڃن: هدايت

ڪوهاٽ (مانٽرنگ ڊيسڪ) ڪوهاٽ پوليس لائنز پرسان جمعي جي نماز دوران آپگهاتي ڌماڪي جي نتيجي ۾ پوليس اهلڪارن سميت 21 ڄڻا شهيد ۽ 78 زخمي ٿي پيا آهن پوليس موجب، ڌماڪو جمعي جي نماز دوران ٿيو جنهن سبب مسجد جي ڀاڪران وڏو ڪار پهچي رهي جڏهن تہ مسجد جو ٻاهريون حصو سخت متاثر ٿيڻ سان ڇت بہ ڪري پئي ڊي ايچ او ڪوهاٽ ڊاڪٽر ناصر بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڪوهاٽ: پوليس لائين جي مسجد ۾ ٿيل آپگهاتي ڌماڪي کانپوءِ امدادي ڪارروايون ڪيون پيون وڃن

پاڪستان جا ناڻي ذخيرا تاريخ جي بلند ترين سطح تائين پهچڻ هيو تاريخي سنگ ميل آهي: وزيراعظم

ناڻي جا ذخيرا 21.4 ارب ڊالر تائين پهچڻ معاشي ٽيم جي محنت ۽ صحيح رخ ۾ کنيل قدمن جو ثبوت آهي

عالمي مالياتي مارڪيٽن تائين پاڪستان جي ٻيهر ڪامياب پهچ ۽ عالمي اعتماد جي بحالي جو مظهر آهي

مستحڪم معاشي صورتحال ملڪ ۾ پرڏيهي اعتماد، سيڙپڪاري ۽ پائيدار معاشي ترقي لاءِ نوان دروازا کوليندي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان جا مستحڪم جي ناڻي جا ذخيرا تاريخ جي بلند ترين سطح 21.4 ارب ڊالر تائين پهچڻ تي ڀرپور جو اظهار ڪيو آهي. جمعي جي ڏينهن بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪوهاٽ جي مسجد ۾ خودڪش ڌماڪو افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳو آهي: مراد علي شاهه

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ پوليس ۽ شهرين جون قربانيون ناقابل فراموش آهن

سنڌ جي وڏي وزير پاران شهيدن لاءِ مغفرت ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه جو ڪوهاٽ ۾ جمعي جي نماز دوران خودڪش حملي تي افسوس جو بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير پاران بصارت کان محروم هنسراج جي شاندار ڪاميابين تي خاص اعزاز

ٽاٿي بولا خان واسي اکين کان نابين شاگرد مختلف امتحانن ۾ نمايان پوزيشنون حاصل ڪيون

بين الاقوامي روئنگ ريگاٽا ۾ برونز تمغو ۽ ماڊل يونائيٽيڊ نيشنز ۾ بهترين نمائندگي جا ايوارڊ ماڻيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿاڻو بولا خان سان تعلق رکندڙ بينائيءَ کان محروم باصلاحيت شاگرد هنس راج کي خاص اعزاز سان نوازيو جيڪو تعليمي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

انڊونيشيا جو پهريون جهاز بردار سامونڊي جهاز جڪارتہ پهچي ويو

جڪارتہ (اي پي پي) اٽلي جو جنگي سامونڊي جهاز جوسيپي گيري بالڊي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

فلسطين جو صدر محمود عباس آمريڪي ويزا نہ ملڻ سبب گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي کي وڊيو ڪانفرنس ذريعي خطاب ڪندو

والاريل بيت المقدس (اي پي پي) فلسطين جو صدر محمود عباس ايندڙ هفتي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم فيول رليف اسڪيم تحت 10 لک ماڻهن جي رجسٽريشن مڪمل

اسڪيم تحت هن وقت تائين 8 لک کان وڌيڪ ٽوڪن جنريٽ ڪيا ويا آهن: ترجمان

شفافيت ۽ فوري رليف جي فراهمي يقيني بڻائڻ لاءِ خاص ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم فيول رليف اسڪيم تحت سڄي ملڪ ۾ مستحق ماڻهن کي رليف جي فراهمي لاءِ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جرئت ۽ عوامي حقن لاءِ جدوجهد جي علامت هو: بلاول ڀٽو زرداري

سندس سياسي جدوجهد ۽ عوام لاءِ آواز اٿارڻ وارو ڪردار جمهوريت پسند قوتن لاءِ هميشه يادگار رهندو

ڀٽو خاندان جون قربانيون پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو نہ وسرندڙ باب آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي سالگرهه جي موقعي تي ڪيس پيدا پيش ڪندي چيو آهي تہ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جرئت ۽ عوامي حقن بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

مذهبي آزادي، اقليتين ۽ عورتن کي برابر موقعا ڏيڻ سنڌ حڪومت جي ترجيح آهن: وڏو وزير

سنڌ صدين کان مذهبي رواداري، پرامن گڏيل بقا ۽ بين المذاهب هم آهنگي جي ڌرتي رهي آهي

صوبائي حڪومت سڀني شهرين جي آئيني حقن جي تحفظ ۽ برابر شهريت تي يقين رکي ٿي

جرمن مذهبي آزادي واري ڪمشنر سان ملاقات دوران بين المذاهب هم آهنگي ۽ اقليتي حقن تي بابت ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي تہ مذهبي آزادي، اقليتي برادرين جي حقن جو تحفظ ۽ عورتن کي تعليم، صحت، روزگار ۽ فيصلا سازي ۾ برابر موقعا فراهم ڪرڻ سنڌ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم سان پرڏيهي سيڪريٽري آمنہ بلوچ جي جي سينيئر آفيسرن سان گڏ الوداعي

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان پرڏيهي سيڪريٽري سفير آمنہ بلوچ پرڏيهي وزارت جي سينيئر آفيسرن سان گڏ گڏريل ڏينهن آفيس ۾ پنهنجي آخري ڏينهن بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

جرمن وفد جي شام سنڌر آڏواڻي سان ملاقات، اقليتي حقن ۽ مذهبي هم آهنگي تي ڳالهيون

عبادتگاهن جي مرمت، سيڪيورٽي، اقليتي ڀلائي ۽ حقن بابت سنڌ حڪومت جي قدمن جي واکاڻ

وفد پاران اقليتي نوجوانن لاءِ تعليم، فني مهارتن ۽ روزگار جا موقعا وڌائڻ تي گڏيل سهڪار جو عزم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جرمني جي اعليٰ سطحي وفد ڪراچي ۾ رڪن سنڌ اسيمبلي، سنڌ جي وڏي وزير جي اقليتي معاملن بابت خاص معاون ۽ سنڌ ايواڪيو ٽرسٽ پراپرٽي بورڊ جي چيئرمين ڊاڪٽر بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

صوبن کي انهن جي ضرورت موجب ڪڻڪ جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي: اسحاق ڊار

اسٽيئرنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ قيمتن جي استحڪام جي لاءِ ڪڻڪ جي درآمد جي عمل جو جائزو ورتو ويو

سنڌ، پنجاب، گلگت بلتستان، آزاد ڪشمير ۽ اسلام آباد جي عملدارن اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

ٽي سي پي ۽ پاسڪو کي پنهنجي اسٽاڪ مان صوبن کي مقدار موجب ڪڻڪ فراهم ڪرڻ جي هدايت

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار هدايت ڪئي آهي تہ صوبن کي انهن جي ضرورت موجب ڪڻڪ جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي جمعي ڏينهن نائب وزيراعظم بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۽ نيپال جا لاڳاپا گڏيل احترام ۽ اعتماد تي ٻڌل آهن: صدر زرداري

صدر پاران نيپالي حڪومت ۽ عوام کي قومي ڏينهن ۽ دستور ڏهاڙي تي مبارڪباد پيش

سارڪ ۽ ٻين فورمن تي ٻطرفي سهڪار کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جي عزم جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري نيپال جي حڪومت ۽ عوام کي نيپال جي قومي ڏينهن ۽ دستور ڏهاڙي جي بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

آمريڪا چين جون 64 قيمتي ثقافتي ۽ قديمي حياتياتي شيون چين حوالي ڪري ڇڏيون

بيجنگ (اي پي پي) چين جي ثقافتي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد بند ڪرڻ جي اجازت نہ ڏينداسين، گاڏي واري شهر تي ڪاهه نٿي ڪري سگهجي: گهرو وزير

پي ٽي آءِ 27 سيپٽمبر تي لانگ مارچ ۽ احتجاج جي ڪال ڏني آهي، ڪيس اڳواٽ ٻڌايا ن پيو پوءِ ميار نہ ڏجو

سيڪيورٽي فورسز کي شهر ڏانهن نڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ هر ممڪن طريقي سان روڪڻ جي هدايت ڪئي آهي

هڪ پاسي شهيدن جا جنازا کڄن ۽ ٻي پاسي ڌرڻن جون تياريون ٿين، اهو مناسب نہ آهي

اسلام آباد (م د) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو آهي تہ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کانپوءِ ڪنهن بہ صورت وفاقي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

صدر ۽ وزيراعظم پاران خيبر پختونخوا ۾ شهادت ماڻيندڙ جوانن کي خراج عقيدت پيش

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف

CLASSIFIED ADVERTISMENT

کورٽ نوٽيس

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج اينڊ سيشن جج III حيدرآباد
سڪسيشن سوٽ نمبر 153 سال 2026

فرزانه اشفاق زال فوتي اشفاق شوڪت ڌيءُ محمد عمر ميمڻ رهاڻڪ گهر نمبر G-82 مصري شاهه ٽنڊو يوسف روڊ حيدرآباد..ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) ڊي جي هيلٿ حيدرآباد (2) ايم ايس / سول سرجن آف سروس اسپتال وحدت ڪالوني حيدرآباد (3) ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس / ٽريزري آفيس حيدرآباد (4) شوڪت حسين ولد شفع محمد (فوتي جي والد) (5) ماروي ڌيءُ فوتي اشفاق شوڪت (6) شبناز زال شوڪت حسين (ماءُ فوتي) (7) جهانزيب عرف شاهزيب ولد فوتي اشفاق شوڪت (8) ڪائنات ڌيءُ فوتي اشفاق شوڪت (9) سسئي عرف پارس ڌي فوتي اشفاق شوڪت رهاڻڪ G/103 مصري شاهه ڪالوني تلاب نمبر 03 ٽنڊو يوسف روڊ سٽي حيدرآباد (10) جنرل پبلڪ ايٽ لارج..اپوزيٽنس

معين اپوزيٽنس ڏانهن:
جيئن ته مٿين اپيليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي اشفاق شوڪت ولد شوڪت حسين شناختي ڪارڊ نمبر 4130388177225 وفات جي تاريخ 21-11-2024 پراپرٽي ۾ بينڪ اڪائونٽ نمبر 3054583939 ۾ ڇڏيل رقم تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 26-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج اينڊ سيشن جج III حيدرآباد

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 287 سال 2026

مسمات حاڪمزادي ..پلينٽف. بخلاف. سلطان احمد ابڙو ولد مرحوم محمد Abul ابڙو رهاڻڪ خانزاده ڪالوني نزد بهار ڪالوني ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو سيل نمبر 03361575800 ...ڊفينڊنٽس

معين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف رڪوري حق مهر، مينٽيننس، ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 326 سال 2026

مسمات شبروز Halo ..پلينٽف. بخلاف. محبوب علي ولد خدا بخش رهاڻڪ فوجي محبوب هولو ڪرياڻه اسٽور نزد فاسٽ پيٽرول پمپ پٽائي ڪالوني سائيٽ ڪوٽڙي سيل نمبر 03133816730 ...ڊفينڊنٽس

معين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 1388 سال 2026

مسمات شگفته ڌيءُ رشيد احمد خاصخيلي رهاڻڪ گهر نمبر 121 خورشيد ٽائون فيز 2 نزد ايڌهي سينٽر هالا ناڪ حيدرآباد ..پلينٽف. بخلاف. سجاد ولد محمد رهاڻڪ ڳوٺ شير محمد نوڙها پي او اوڏيرو لعل تعلقو ضلعو مٽياري ...ڊفينڊنٽس

معين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، مينٽيننس فار عدت پيرڊ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/فيملي جج حيدرآباد

کورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سعيد آباد
(روبرو جناب عبدالستار)
فيملي سوٽ نمبر 125 سال 2026

(1) مسمات نسيمان ڌيءُ عيدن ماڇي زال رشيد احمد ماڇي (2) نجمه ڌيءُ رشيد احمد ماڇي (3) اويس ولد رشيد احمد ماڇي (4) شاهه ويز ولد رشيد احمد ماڇي (5) انيس ولد رشيد احمد ماڇي سڀ ماڇي معرفت ماءُ مسمات نسيمان رهاڻڪ جمالي ڪالوني سعيد آباد ..پلينٽف. بخلاف. رشيد احمد ولد محرم ذات ماڇي رهاڻڪ ڳوٺ خميسو ماڇي تعلقو سعيد آباد ضلعومٽياري 03043791575 ...ڊفينڊنٽس

معين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊاور امائونٽ اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سعيد آباد

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج چمبڙ
فيملي سوٽ نمبر 12 سال 2026

شريمتي نذيران ڌيءُ گل بيل زال ممتاز هندو بالغ رهاڻڪ ڳوٺ محمد خان منڊراڻي لاٽ پي او چمبڙ ضلعو ٽنڊو الهيار ..پلينٽف. بخلاف. ممتاز ولد ساجن هندو بالغ رهاڻڪ ماتلي سٽي ضلعو بدين ...ڊفينڊنٽس

معين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار جوڊيشل سيپريشن زير قلم 11(2) ۽ مينٽيننس اينڊ رڪوري ڊاور لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج چمبڙ

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين سوٽ نمبر 121 سال 2026

مسمات عزيزان بيواهه سيفل خان ڪاتيار رهاڻڪ صادق آباد ڪالوني نيو ناڪ نوابشاهه ..ايپليڪينٽ. بخلاف. Sunharo ولد قادر بخش ڪاتيار رهاڻڪ ڳوٺ غازي خان ڪاتيار تعلقو ٽنڊو آدم ضلعو سانگهڙ ...اپونٽنس

معين اپونٽنس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن (1) حبيب (2) بيبي پارس جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج شهيد بينظير آباد

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ فرسٽ سول/ فيملي جج ٽنڊو محمد خان
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

عنايت علي ولد محمد عثمان رهاڻڪ ڳوٺ اصغرآباد سعيدپور تعلقو بلڙي شاهه ڪريم ضلعو ٽي ايم خان ..ايپليڪينٽ. بخلاف. (1)مسمات تسليم زال عنايت علي (2) Aini ڌي عنايت علي (3) عريشا ڌيءُ عنايت علي (4) آذان ولد عنايت علي (5) سويرا ڌيءُ عنايت علي (6) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...اپونٽنس (1) عبدالرحمن عمر 12سال. مائنر

معين اپونٽنس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غيرحاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/ فيملي جج ٽنڊو محمد خان

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج X حيدرآباد
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

محمد حسن ولد مير خان ميرجت مسلم بالغ رهاڻڪ ڳوٺ پير محمد زمان شاهه پي او ٽنڊو جام ضلعو حيدرآباد ..ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) مسمات فريده ميرجت ڌيءُ مير خان زال احمد مير جت (2) مسمات زينب ڌيءُ مير خان زال محمد اسلم (3)محمد شريف ميرجت ولد مير خان (4) مسمات ليلان ڌيءُ مير خان زال محمد عرفان مسلم بالغ رهاڻڪ ڳوٺ پير محمد زمان شاهه پي او ٽنڊو جام ضلعو حيدرآباد (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپونٽنس (1) محمد حنيف ولد مير خان عمر 16 سال (2) حميرا ڌيءُ مير خان عمر 14 سال.. مائنر

معين اپونٽنس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف گارڊين درخواست زير قلم 3،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج X حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي جان محمد ولد مولوي تاج محمد جوڻيجو درخواست ڏني آهي ته هن جي ماءُ نالي مسمات سليمت ڌي الهڏنو زال مولوي تاج محمد جوڻيجو جيڪا فوت ٿي ويل آهي فوتڻ کي ديهه سيالڪي تپو ٽنڊو شهر تعلقي وضلع بدين ۾ سروي نمبر 1/2، 160 مان حصو 1000=625/ 16 ايراضي حصي موجب 13_1 ايڪڙ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جاڙ وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام حيدرآباد روڊ نزد الله والا چوڪ شهر بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جاڙ وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتڻ نالي مسمات سليمت ڌي الهڏنو زال مولوي تاج محمد جوڻيجو جي جاڙ وارثن جو نالا وارثن جا 1 جان محمد جوڻيجو پٽ فوتڻ جو جاڙ وارث ڇڏيا آهن تنهنڪري هر عام ۽ خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين جائيل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جاڙ وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي رفيق احمد ولد محمد عمر ڪوسو درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي محمد عمر ولد محمد اسماعيل ڪوسو جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه قائم پور تپو قائم پور تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 3/4، 105_111، 3/4، 103 ۽ ٻين مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جاڙ وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ احمد خان ڪوسو تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جاڙ وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي محمد عمر ولد محمد اسماعيل ڪوسو جي جاڙ وارثن جو نالا وارثن جا 1 رفيق احمد پٽ فوتي جو 2 نثار احمد پٽ فوتي جو 3 مسمات ڪوثر ڌي فوتي جي 4 مسمات زينت زال فوتي جي جاڙ وارث ڇڏيا آهن تنهنڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين جائيل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جاڙ وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

لاتعلقي جو اظهار

مان واحد بخش عرف پورو ولد جان محمد سبزوئي ويٺل گلشير محله ڪنڌڪوٽ، پنهنجي پٽ ديدار علي ولد واحد بخش عرف پورو سبزوئي بابت هي واضح اعلان ڪريان ٿو ته هو ڪجهه عرصي کان غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي ويو آهي ۽ ڏوهاري قسم جي ماڻهن سان دوستي رکي ٿو.مان پنهنجي پٽ جي اهڙين سڀ ۽ سنڌس طرفان ڪيل ڪنهن به غيرقانوني يا ڏوهاري عمل جي ذميواري قبول نٿو ڪريان.تنهن ڪري مان ديدار علي ۽ سنڌس ڪنهن به غيرقانوني سرگرمي کان مڪمل لاتعلقي جو اعلان ڪريان ٿو هي بيان سرڪاري رڪارڊ تي محفوظ رکيو وڃي. جيئن مستقبل ۾ ڪنهن به قانوني معاملي يا ضرورت جي صورت ۾ هن بيان کي وقت سر مدِنظر رکيو وڃي

واحد بخش عرف پورو ولد جان محمد سبزوئي شناختي ڪارڊ نمبر 4310358484283 پتو گلشير محله ڪنڌڪوٽ

عام اطلاع

جيئن ته نالي مسمات زينت ڪوسو بيواهه مرزو خان ڪوسو ويٺل ڳوٺ محمد عمر ڪوسو تعلقو ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس گهرواري مرزو خان ولد عمر ڪوسو جيڪو فوت ٿي ويو آهي ۽ زرعي بيلدار هو ۽ فقه سني جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 28-08-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جاڙ وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات زينت ڪوسو (بيواهه) (2) شاهد علي ڪوسو (پٽ) (3) صائمه ڪوسو (ڌي) (4) شبانه ڪوسو (ڌي) (5) عظمه ڪوسو (ڌي) (6) راحيلا ڪوسو (ڌي) (7) ڪومل ڪوسو (ڌي) ته هن اهڙي تصديق بن شاهدن کان هڪ نالي پتو ولد چيڙ خان ڪوسو 4180107173723 ۽ اشرف ولد علي شير ڪوسو 4180105960295 جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي تنهنڪري هر خاص عام کي اطلاع ڏنو ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جاڙ وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪنڊ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب جو مٿين جاڙ وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيوتعلقومٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي محمد امين ولد يوسف راڄپر جٽ ويٺل غلام علي جٽ تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي بشيران زال يوسف علي جيڪو تاريخ 01-01-2022 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهه شاهپور تپو شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جاڙ وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) منير احمد راڄپر (پٽ) (2) محمد سليم (پٽ) (3) محمد مرتضيٰ (پٽ) (4) محمد مصطفيٰ (پٽ) (5) محمد امين (پٽ) (6) مسمات منور بي بي (ڌي) (7) مسمات ڪلثوم بي بي (ڌي) (8) مسمات مسرت بي بي (ڌي) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس گهروار/ والد / والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) محمد عدنان مرتضيٰ ولد محمد مرتضيٰ راڄپر جٽ (2) عمران جٽ ولد منير احمد راڄپر جٽ ڳوٺ شاهپور ۽ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي تنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جاڙ وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪنڊ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيوتعلقومٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي غلام قادر ابڙو ولد غلام حسين ويٺل ڏاتو لوريڙو تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والده نالي نورخاتون زال فريد حسين تاريخ 15-06-2020تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهه جهڪي تپو شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جاڙ وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) جميلا (ڌي) (2) غلام رسول ابڙو (پٽ) (3)نوشين (ڌي)(4) شهناز (ڌي) (5) غلام قادر ابڙو (پٽ) (6) مسمات بيگم (ڌي) (7) مسمات آست (ڌي) (8) مسمات ريمان (ڌي) (9) مسمات خالده (ڌي) (10) مسمات سلميٰ (ڌي) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس گهروار/ والد / والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) خدابخش ولد محمد عثمان (2) وقار علي ولد اڪبر ڳوٺ ڏاتو لوريڙو ۽ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي تنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جاڙ وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪنڊ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيوتعلقومٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي سيد گل محمد شاهه ولد سيد امام الدين شاهه ويٺل موسيٰ ڪتيار تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس گهرواري نالي بيبي صالو زال سيد گل محمد شاهه جيڪو تاريخ 10-03-2015 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهه سهڪي تپو شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جاڙ وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) سيد ذوالقرنين علي شاهه (پٽ) (2) احمد شاهه (پٽ) (3) سيد علي رضا شاهه (پٽ) (4) سيد امجد شاهه (پٽ) (5) سيد نجف علي شاهه (پٽ) (6) سيد اسد علي شاهه (پٽ) (7) صاحبزادي (ڌي) (8) رخسانه (ڌي) (9) بيبي گلشن بخاري (ڌي) (10) ڪائنات (ڌي) (11) سيد گل محمد شاهه (گهرواري) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد / والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) سيدشاهزيب شاهه ولد بچل شاهه (2) الهجڙايو شاهه ولد قربان علي جن ڳوٺ موسيٰ ڪتيار ۽ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي تنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جاڙ وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪنڊ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيوتعلقومٽياري

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد علي ڪلهوڙو)
فيملي سوٽ نمبر 1655 سال 2025

مسمات گل بانو عرف دعا زال رمضان ملڪ رهاڻڪ ڳوٺ بچل شورو ڪٽر اسٽيشن لطيف آباد حيدرآباد ..پلينٽف. بخلاف. رمضان ملاح ولد نواز ملاح رهاڻڪ ڳوٺ الهه بخش بروهي ايئرپورٽ لطيف آباد حيدرآباد ...ڊفينڊنٽس

معين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 24-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج V حيدرآباد

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي غلام قادر ابڙو ولد غلام حسين ويٺل ڏاتو لوريڙو تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي غلام حسين ولد عبدالله ابڙو جيڪو تاريخ 22-01-2013تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهه جهڪي تپو شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جاڙ وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) جميلا (ڌي) (2) غلام رسول (پٽ) (3) نوشين (ڌي) (4) سهناز (ڌي) (5) غلام قادر ابڙو (پٽ) (6) مسمات بيگم (ڌي) (7) مسمات آست (ڌي) (8) مسمات ريمان (ڌي) (9) مسمات خالده (ڌي) (10) مسمات سلميٰ (ڌي) (11) مسمات نورخاتون (فوتي) بيواهه درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد / والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) خدابخش ولد محمد عثمان (2) وقار علي ولد اڪبر جن ڳوٺ ڏاتو لوريڙو ۽ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي تنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جاڙ وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪنڊ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيوتعلقومٽياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي محمد طارق ولد محمد عمر ٽيگڙو ويٺل ڳوٺ پاڻٽي ٽيگڙو تعلقو مٽياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد نالي محمد عمر ولد محمد اسماعيل جيڪو تاريخ 20-07-2023 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي کاتي تي زرعي زمين ديهه جهڪي تپو شاهپور تعلقو مٽياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جاڙ وارث جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) صابر علي (پٽ) (2) نصيبه (ڌي) (3) مسمات بگو ٽيگڙو (بيواهه) (4) ساجد علي (پٽ) (5) شازيه (ڌي) (6) سنيا ٽيگڙو (ڌي) (7) گلني (ڌي) (8) ساجده (ڌي) (9) سجاد علي (پٽ) (10) محمد طارق (پٽ) (11) اعجاز علي (پٽ) (12) اياز علي (پٽ) (13) مسمات آمي (ڌي) (14) مسمات ڪريمان (ڌي) (15) محمد قاسم (پٽ) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد / والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي (1) لعل محمد ولد محمد اسماعيل (2) الاهي بخش ولد محمد سلطان جن ڳوٺ پاڻٽي ٽيگڙو ۽ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو پڻ ڪئي آهي تنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جاڙ وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪنڊ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيوتعلقومٽياري

عام اطلاع

هرعام وخاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي مسمات شبانه زال اياز علي ذات جمالي رهاڻڪ پيپلز ڪالوني شهر ٽنڊو محمد خان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته سندس مڙس نالي اياز علي ولد امير بخش جيڪو ايريگيشن ڊپارٽمينٽ ۾ ملازم هوجيڪو تاريخ 10-01-2024 تي وفات ڪري چڪو آهي جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جاڙ وارث ڇڏيا آهن تفصيل وارث فوتي اياز علي جمالي (1) مسمات شبانه زال فوتي (2) مسمات ناهيد زال فوتي (3) اسران فوتي(4) مسمات ياسمين ماءُ فوتي (5) امير بخش پيءُ فوتي تنهن ڪانسواءِ فوتي جو ڪو به جاڙ قانوني خواهه شرعي وارث ڪونه آهي ان ڳالهه جي شاهدي هر هڪ نالي (1) شاهد ولد عبدالله ذات منترو رهاڻڪ پيپلز ڪالوني شهر ٽنڊو محمد خان (2) سجاد علي ولد امير بخش ذات جمالي رهاڻڪ پيپلز ڪالوني شهر ٽنڊو محمد خان اسان جي روبرو بنهي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي مٿي ذڪر گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪو اعتراض هجي ته پاڻ يا پنهنجو مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هيٺ صحيح ڪنڊ جي آفيس ۾ پنهنجا اعتراضات 07 روز اندر پيش ڪري ٻي صورت ۾ وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو

مختيارڪار روينيوتعلقوٽنڊو محمد خان

کورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج نارا
(روبرو جناب سيد آنڊل شاهه)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

شريمتي سمدا ڪماري ڌيءُ جمعو ذات مارواڙي هندو ويٺل سڪندر آباد تعلقو نارا ضلعو خيرپور ميرس ..پلينٽف. بخلاف. اشو ولد حاڪم مارواڙي هندو ويٺل ڳوٺ ٺٺ تعلقو پنو عاقل ضلعو سکر..ڊفينڊنٽس

معين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج نارا

بقايا 1 روزاني عبرت

حسين موجب، ڌماڪي ۾ 16 پوليس اهلڪارن ۽ 5 عام شهرين سميت 21 ڄڻا شهيد، جڏهن ته 78 ڄڻا زخمي ٿيا آهن. خيبرپختونخوا جي آءِ جي ذوالفقار حميد جو چوڻ آهي بارود سان ڀريل گاڏي پراڻي پوليس لائنز جي گيٽ سان ٽڪرائجي وئي، جنهن ڪانپوءِ ڌماڪو ٿيو ۽ فائرنگ به ڪئي وئي، فائرنگ دوران اسپيشل برانچ جي عمارت تي هڪ ٻيو آپگهاتي ڌماڪو پڻ ٿيو سينٽرل پوليس آفيس پشاور جي ترجمان موجب، 7 هٿياربند دهشتگرد پوليس لائنز ۾ داخل ٿيا جن سان پوليس ۽ سي ٽي ڊي ڀرپور مقابلو ڪيو. ڪارروائي دوران هيل تائين 6 دهشتگرد مارجي ويا آهن جن ۾ آپگهاتي بمبار ۽ اسنائپر پڻ شامل آهن سيڪيورٽي ذريعن موجب، سيڪيورٽي فورسز ۽ پوليس علائقي کي گهيري ۾ وٺي چڪيو آهي

بقايا 2 روزاني عبرت

جي آفيس پاران جاري بيان موجب اسحاق ڊار جي صدارت ۾ ڪڻڪ جي درآمد تي اسٽيئرنگ ڪميٽي جو اجلاس جمعي ڏينهن ٿيو اجلاس ۾ قيمتن جي استحڪام جي لاءِ ڪڻڪ جي درآمد جي عمل جو جائزو ورتو ويو هن ٽي سي پي کي هدايت ڪئي ته صوبن کي انهن جي ضرورت موجب ڪڻڪ جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي هن پاسڪو کي به هدايت ڪئي ته صوبن کي پنهنجي اسٽاڪ مان انهن جي طئي ٿيل مقدار موجب ڪڻڪ جي فراهمي يقيني بڻائي

بقايا 3 روزاني عبرت

ورثي جي قومي انتظاميه (اين سي ايڇ اي) چيو آهي ته آمريڪا، 64 قيمتي ثقافتي ۽ قديمي حياتياتي شيون چين حوالي ڪري ڇڏيون آهن . پرڏيهي ميڊيا مطابق اهي شيون واشنگٽن ۽ نيويارڪ ۾ ٻن مرحلن ۾ ٽرئيبوار هوم لينڊ سيڪيورٽي انويسٽيگيشنز (ايڇ ايس آءِ) ۽ مين هٽن ڊسٽرڪٽ اٽارني جي آفيس طرفان حوالي ڪيون ويون . واپسي جي تقريب دوران ثقافت ۽ سياحت بابت نائب وزير ۽ اين سي ايڇ اي جو منتظم رائو ڪوان چيني حڪومت طرفان شين جي واپسي ۽ وصولي جي تصديق تي صحيحون ڪيون .

بقايا 4 روزاني عبرت

موقعي تي مبارڪباد ڏني آهي جمعي ڏينهن ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب نيپال جي صدر رام چندر پائوڊل جي نالي پنهنجي خط ۾ صدر آصف علي زرداري چيو ته پاڪستان ۽ نيپال جي وچ ۾ گڏيل احترام اعتماد ۽ خيرسگالي تي ٻڌل پراڻا ۽ خوشگوار لاڳاپا قائم آهن جن کي ٻنهي ملڪن جي عوام جي وچ ۾ دوستي جي مضبوط رشتن سان وڌيڪ سگهه ملي ٿي.

بقايا 5 روزاني عبرت

گادي واري شهر تي ڪاهه نٿي ڪري سگهجي عدالتي فيصلي جي پڄڪوڙي ڪندڙن خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪئي ويندي اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي محسن نقوي چيو ته ايندڙ ڏينهن ۾ پي ٽي آءِ طرفان ڏنل احتجاج جي سڏ بابت تفصيلي اجلاس ڪيو ويو آهي ڪنهن کي به بدامني پکيڙڻ جي اجازت ناهي اها ڳالهه اڳواٽ ٻڌائي رهيا آهيون. پوءِ ميار نه ڏيجو" واضح رهي ته پي ٽي آءِ 27 سيپٽمبر تي اسلام آباد ڏانهن لانگ مارچ ۽ احتجاج جي ڪال ڏني آهي جنهن ۾ باني عمران خان کي علاج جون سهولتون ڏيڻ سميت مختلف مطالبا شامل آهن

بقايا 6 روزاني عبرت

ضلعن ۾ پارٽي حمايت يافته فتنه الخوارج جي خلاف ڪامياب ڪارروايون دوران 10 خوارج کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي جاري ڪيل بيان موجب فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي خلاف بهادري سان وڙهندي شهادت ماڻيندڙ ڇهن جوانن کي خراج عقيدت پيش ڪندي شهيدن جي خاندانن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو ويو . صدر ۽ وزيراعظم چيو ته مُلڪ جي دفاع، امن ۽ سلامتي لاءِ پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪندڙ آسان جا بهادر سپوت پوري قوم جا هيرو آهن شهيدن جون عظيم قربانيون قوم لاءِ مشعل راهه آهن ۽ انهن جو رت رائيگان نه ويندو هنن چيو ته "عزم استحڪام" تحت دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جون ڪارروايون پوري طاقت سان جاري رهنديون

بقايا 7 روزاني عبرت

روٽ شروع ڪيو ويو آهي هڪ بيان ۾ سنڌ جي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ٿهه ٽئون روٽ شروع ٿيڻ سان لاڙڪاڻي، قمبر ۽ شهدادڪوٽ جي شهرين کي جديد، آرامده ۽ سستي سفري سهولت ملندي. هن چيو ٿهه پيپلز بس سروس کي سنڌ جي مختلف ضلعن تائين وڌايو پيو وڃي ٿهه جيئن وڌ کان وڌ شهرين کي معياري پبلڪ ٽرانسپورٽ جي سهولت ڏئي سگهجي. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ٿهه سنڌ حڪومت جو عزم آهي

بقايا 8 روزاني عبرت

سرپرستي ۾ سرگرم فتنه الخوارج خلاف ڪامياب ڪارروايون تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي جمعي ڏينهن جاري ڪيل بيان ۾ هن چيو ته فتنه الخوارج خلاف ڪامياب ڪارروايون سيڪيورٽي فورسز جي قومي عزم ۽ پيشيوراڻي مهارت جي ترجماني آهي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر دهشتگردن خلاف ڪارروايون دوران شهيد ٿيل سيڪيورٽي فورسز جي جوانن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو ته سيڪيورٽي فورسز دهشتگردي خلاف جنگ ۾ بي مثال قربانيون ڏنيون آهن .

بقايا 9 روزاني عبرت

44 سيڪڙو کان وڌيڪ جو نمايان اضافو ٿيو آهي . اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان (ايس بي پي) جي انگن اکرن مطابق هلندڙ مالي سال ۾ جولاءِ ۽ آگسٽ 2026 ع دوران فري لانس جي روانگي وارن مان 352 ملين ڊالرن جو پرڏيهي مٽاسٽا وارو ناڻو ڪمايو ويو هو . اهڙي طرح گذريل مالي سال جي پيٽ ۾ جاري مالي سال جي شروعاتي ٻن مهينن دوران فري لانس جي روانگي وارن ۾ 108 ملين ڊالرن يعني 44.26 سيڪڙو جو نمايان اضافو رڪارڊ ٿيو آهي ايس بي پي مطابق جولاءِ ۽ آگسٽ 2026ع ۾ فري لانس جي آءِ ٽي سان لاڳاپيل روانگي وارن جو ڳاڻيٽو 213 ملين ڊالرن ۽ غير آءِ ٽي جي خدمتن جي روانگي وارن مان 139 ملين ڊالرن جو پرڏيهي مٽاسٽا جو ناڻو ڪمايو ويو آهي .

بقايا 10 روزاني عبرت

تعليمي ۽ هم نصابي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ تي غور ڪيو ويو اجلاس ۾ اسپيشل سيڪريٽري ڪاليجز آصف جان صديقي، ڊي جي ڪاليجز زاهد راڄپر ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز ڪراچي گلاب راءِ سميت لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي جڏهن ته ٻين ريجنل ڊائريڪٽرن آن لائن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ شاگردن ۽ استادن لاءِ تشدد ۽ انتهاپسندي کي روڪڻ برداشت، ڳالهه ٻولهه ۽ هاڪاري سوچ جي موضوعن تي آگاهي ورڪشاپس ۽ تربيتي سيشن منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو.سيڪريٽري ڪاليج ايجوڪيشن نديم الرحمان ميمڻ سڀني ڪاليجن ۾ شاگردن کي مثبت ۽ بامقصد سرگرمين ۾ مصروف رکڻ لاءِ ڪوئز مباحثا، تقريرن جا مقابلا ۽ ٻين هم نصابي سرگرمين باقاعدگي سان منعقد ڪرڻ جي هدايت ڪئي اجلاس ۾ ان ڳالهه تي پڻ زور ڏنو ويو ته ڪاليجن ۾ اهڙو تعليمي ماحول پيدا ڪيو وڃي

بقايا 11 روزاني عبرت

روڪٿام پروگرام تحت هلندڙ مهيني 21 کان 27 سيپٽمبر تائين پوليو جي خاتمي بابت قومي ڏيلي مهم منعقد ڪئي ويندي، جنهن دوران سڄي ملڪ جي 115 هاءِ رسڪ ضلعن ۾ پنجن سالن کان گهٽ عمر جي 3 ڪروڙ 10 لک ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيئاريا ويندا. نيشنل ايمرجنسي آپريشنز سينٽر طرفان جاري بيان مطابق سيپٽمبر جي اها مهم بلوچستان، گلگت بلتستان، اسلام آباد، خيبرپختونخواهه، پنجاب ۽ سنڌ ۾ منعقد ڪئي ويندي.

بقايا 12 روزاني عبرت

گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي جمعي ڏينهن ڪوهاٽ اولڊ پوليس لائن وٽ ٿيل ڌماڪي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي گورنر هائوس پشاور جي ترجمان موجب گورنر چيو ته ڪوهاٽ اولڊ پوليس لائن ۾ ڌماڪي جو واقعو انتهائي افسوسناڪ ۽ مذ مت جوڳو آهي هن چيو ته دهشتگردي جي بزدلاڻين ڪارروايون سان قوم جا حوصلا ڪمزور نه ٿا ڪري سگهجن هن چيو ته زخمين کي فوري ۽ بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن گورنر ڌماڪي ۾ زخمي ٿيل جوانن جي جلد صحت يابي لاءِ پڻ دعا ڪئي هن چيو ته دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پوري قوم سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي جڏهن ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز ۽ قوم جون ڏنل قربانيون ضايع نه وينديون

بقايا 13 روزاني عبرت

وفاقي وزير ۽ استحڪام پاڪستان پارٽي جي صدر عبدالعليم خان دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروايون ۽ وطن لاءِ شهادت جو رتبو حاصل ڪندڙ سيڪيورٽي فورسز جي بهادر جوانن کي خراج عقيدت پيش ڪيو آهي جاري ڪيل بيان ۾ وفاقي وزير آءِ ڌماڪي ۾ شهيد ٿي ويل 6 بهادر سپاهين جي عظيم قربانين کي سلام عقيدت پيش ڪندي چيو ته فورسز جا جوان قوم جو قيمتي اثاثو آهن هن واضح ڪيو ته پوري قوم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي ۽ ملڪ مان فتني ۽ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين فورسز جو اهو جذبو برقرار رهندو وفاقي وزير شهيدن جي درجن جي بلندي ۽ ڏکويل ڪٽنب لاءِ صبر ۽ تحمل جي دعا گهري

بقايا 14 روزاني عبرت

طاهر محمود اشرفي کي چرچ آف پاڪستان پاران گلوبل پيس ايوارڊ ڏنو ويو علماء ڪائونسل جي ترجمان موجب لاهور ۾ منعقد هڪ شاندار تقريب ۾ چرچ آف پاڪستان جي صدر بشپ آزاد مارشل کيس اهو اعزاز ڏنو ۽ پاڪستان ۾ امن، بين المذاهب هم آهنگي ۽ مذهبي رواداري کي هٿي ڏيڻ لاءِ سندس خدمتن جي تعريف ڪئي حافظ محمد طاهر محمود اشرفي چرچ آف پاڪستان ۽ بشپ آزاد مارشل جو ٿورو مڃيندي چيو ته بشپ آزاد مارشل جي قيادت ۾ چرچ آف پاڪستان مختلف مذهبن ۽ مسلم مڪتب فڪر جي قيادت سان گڏجي امن قومي سلامتي ۽ استحڪام پاڪستان لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن چيو ته قومي پيغام امن ڪميٽي جي پليٽ فارم سان مسلم ۽ غير مسلم مذهبي قيادت جي گڏيل جدوجهد پاڪستان ۾ امن، بين المذاهب ۽ بين المسالڪ هم آهنگي ۽ قومي وحدت کي وڌيڪ مضبوط ڪندي بشپ آزاد مارشل چيو ته حافظ محمد طاهر محمود اشرفي پاڪستان ۾ رهندڙ غير مسلم شهرين جي حقن جي تحفظ ۽ مختلف مذهبن وچ ۾ ڳالهين هم آهنگي کي هٿي ڏيڻ لاءِ مسلسل جدوجهد ڪئي آهي بين المذاهب هم آهنگي ۽ امن لاءِ سندس قومي ۽ عالمي ڪردار هر پاڪستاني ۽ امن جي خواهشمند ماڻهن لاءِ تعريف جوڳو آهي

بقايا 15 روزاني عبرت

مسيح کي معطل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته معاملي جي جاچ اينٽي ڪرپشن کاتي کان ڪرائڻ لاءِ لاڳاپيل اختيارين کي لکڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ذريعن موجب وائيس چانسلر انجنيئر الطاف سيال ڪرپشن بابت شڪايتن جو نوٽيس وٺندي جاچ ڪاميٽي جوڙي ورتي آهي، جنهن ڪانپوءِ اوچتو هنگامي بنيادن تي سنڊيڪيٽ جو اجلاس طلب ڪيو ويو اجلاس ۾ مالي معاملن ۾ ڪروڙن روپين جي گهوٽالن بابت اهم انڪشاف سامهون آيا. سنڊيڪيٽ ميمبر مير الله بخش ٽالپر موجب اجلاس دوران ستن ڪروڙ روپين جي مالي گهوٽالن جو اعتراف ڪيو ويو جڏهن ته يونيورسٽي جي پگهارن واري اڪائونٽ مان پگهارن جي مد ۾ مختلف اڪائونٽن ڏانهن لکين روپيا اضافي منتقل ٿيڻ جو پڻ انڪشاف ٿيو آهي مير الله بخش ٽالپر جو چوڻ هو ته ست ڪروڙ روپين جو انگ به حتمي ناهي، مالي گهوٽالي ان کان وڌيڪ ٿي سگهي ٿو تنهنڪري معاملي جي گهري رکي ۽ آزاد جاچ ضروري آهي سنڊيڪيٽ ميمبر مير الله بخش ٽالپر مطالبو ڪيو ته يونيورسٽي جو 2015ع کان سمورو مالي رڪارڊ جي نيب کان جانچ ڪرائي وڃي ۽ رڳو هيٺين سطح جي ٻن ملازمن کي معطل ڪرڻ بدران انهن سمورن آفيسرن ۽ اختيارين جو ڪردار سامهون آندو وڃي.

بقايا 16 روزاني عبرت

برساتن ۽ ٻوڏ کان پوءِ روايتي رد عمل مان نڪري پائيدار ۽ ڊگهي مدي واري شهري تحفظ جي رٿابندي ڏانهن وڌڻ پوندو هو اين ڊي ايم اي جي انتظام هيٺ اربن فلڊنگ کي منهن ڏيڻ لاءِ پائيدار قدمن ويزن 2027، برساتن ۽ ٻوڏ کان اڳيان جي عنوان سان منعقد سيمينار جي پڄاڻي واري تقريب کي خطاب ڪري رهيو هو سيمينار ۾ لاڳاپيل سرڪاري کاتن ترقياتي ادارن جي نمائندن اربن پلاننگ جي ماهرن آبي معاملن جي ماهرن ۽ ٻين اسٽيڪ هولڊرن شرڪت ڪئي ته جيئن روز روز پيش ايندڙ اربن فلڊنگ ۽ ان کان بچاءَ جي صلاحيت کي مضبوط بڻائڻ وارن قدمن تي غور ڪري سگهجي شرڪت ڪندڙن ڳالهه تي روشني وڌي ته اربن فلڊنگ جي مسئلي کي رڳو برساتن جي انتظام ذريعي حل نٿو ڪري سگهجي

بقايا 17 روزاني عبرت

روبرو بيان وٺڻ بدران انهن کان لکت ۾ جواب وٺڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي ڪميشن گذريل ڏينهن ٿيل ٻڌڻي جو حڪم نامو جاري ڪندي ڪيس جي جاچ دوران رڪارڊ ڪيل بيانن، روزنامچن ۽ ٻين معاملن بابت اهم تفصيل پڻ سامهون آڻي ڇڏيا آهن جوڊيشل ڪميشن جي حڪم نامي موجب ٻڌڻي دوران اڳوڻي جاچ آفيسر شبير لغاري جو بيان رڪارڊ ڪيو ويو جڏهن ته مير رضا جي ڪاروباري ساٿي احمد جو موقف پڻ ٻڌو ويو احمد ڪميشن کي ٻڌايو ته هو مير رضا جي وارثن سان ملاقات ڪري ساڻن ڳالهائڻ چاهي ٿو جنهن لاءِ هن وقت طلب ڪيو ڪميشن چيو ته احمد کي مير رضا جي وارثن سان ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو ويندو ۽ جيڪڏهن وارثن سان ملاقات ۽ ڳالهه ٻولهه ڪانپوءِ هو ڪجهه چوڻ چاهي ٿو ته هو پنهنجو موقف حلف نامي ذريعي ڪميشن وٽ جمع ڪرائي سگهي ٿو حڪم نامي ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته احمد پاران حلف نامي ذريعي جمع ڪرايل بيان به عوام لاءِ دستياب هوندو. جوڊيشل ڪميشن جي حڪم نامي ۾ فيروز آباد ٿاڻي ۽ گلستان جوهر ٿاڻي جي روزنامچن بابت پڻ تفصيل ڏنا ويا آهن ڪميشن موجب ٻنهي ٿاڻن جا روزنامچا سيل ٿيل حالت ۾ ڪميشن کي مليا، پر افسوس جي ڳالهه اها آهي ته روزنامچن بابت شاهدن جا بيان اڳ ئي رڪارڊ ڪيا ويا هئا. ڪميشن موجب روزنامچا جنهن حالت ۾ وصول ٿيا هئا، ساڳئي حالت ۾ سنڌ حڪومت جي فوڪل پرسن کي واپس ڪيا ويا آهن

بقايا 18 روزاني عبرت

(TPA)وچ ۾ معاهدو طئي ٿي ويو آهي معاهدي تحت ڪي يو جي ضروري فنڊ فراهم ڪندي، جڏهن ته چائنيل ڪمپني ڪراچي سميت ملڪ جي 300 کان وڌيڪ اسپتالن ۾ KUJڪي يو جي ميمبرن ۽ انهن جي خاندانن لاءِ طبي علاج جو انتظام ڪرڻ ۽ ان جي نگراني ڪرڻ جي ذميوار هوندي جمعي ڏينهن ڪمپني جي آفيس ۾ هڪ سادي پر وقار تقريب منعقد ٿي، جنهن ۾ ڪي يو جي جي جنرل سيڪريٽري لبنا جرار نقوي ۽ مينٽر ٽي پي اي جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر (CEO)سرمد شفيع صديقي معاهدي تي صحيحون ڪيون ان موقعي تي ڪي يو جي جو صدر اعجاز احمد، نائب صدر محمد ناصر شريف ۽ راهب گهاهي خزانچي ياسر محمود، جوائنٽ سيڪريٽري روبينا ياسمين، ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جا ميمبر محمد سلطان چاڪي سومرو ۽ غلام مصطفيٰ رند، مينٽر هيلٿ لميٽيڊ (مينٽر ٽي پي اي) جي پيرنٽ آرگنائيزيشن مينٽور هيلٿ لميٽيڊ جي چيف ايگزيڪٽو آفيسر (سي اي او) جواد رضوي، هيڊ آف سيلز وقار ڏائڪا، مينٽور ٽي پي اي ۾ آپريشنز جا هيڊ دانش جليل ۽ ٻيا موجود هئا ان دوران ڪي يو جي جي صدر اعجاز احمد ۽ جنرل سيڪريٽري لبنا جرار ميمبرن تي زور ڏنو آهي ته اهي 15 آڪٽوبر تائين آن لائن فارم ڀري جمع ڪرائين ته جيئن انهن ۽ انهن جي خاندانن کي جلد کان جلد هيلٿ ڪارڊ جاري ڪري سگهجن.

بقايا 19 روزاني عبرت

وفاقي وزير ڪارروائي دوران 10 خوارجين کي جهنم پيڙو ڪرڻ تي فورسز جي بهادري کي ساراهيندي چيو ته سيڪيورٽي فورسز جا جوان قوم جو فخر ۽ پاڪستان جا حقيقي محافظ آهن هن دهشتگردي خلاف جنگ ۾ شهادت ماڻيندڙ 6 جوانن کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته وطن جي دفاع ۽ امن ۽ سلامتي لاءِ حياتين جو نذرانو پيش ڪندڙ شهيد اسان جا اصل هيروز آهن ۽ سندن قربانيون ڪڏهن به ضايع نه وينديون هن شهيدن جي عظيم مائرن کي سلام پيش ڪندي چيو ته جيڪي مائرون پنهنجي جوان پٽن کي وطن تان قربان ٿيڻ لاءِ محاذ تي موڪلين ٿيون انهن جي قربانين تي پوري قوم کي فخر آهي

بقايا 20 روزاني عبرت

ڪندي سيشن ڪورٽ کي ڪيس ۾ وڌيڪ ڪارروائي کان روڪي ڇڏيو آهي جسٽس محمد علي مظهر جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي ٻه رڪني بينچ جمعي ڏينهن ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي عدالت ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي چيو ته معاملو لارجر بينچ جي جوڙجڪ لاءِ چيف جسٽس آف پاڪستان کي موڪلي ڇڏيو آهي عدالت ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 13 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 21 روزاني عبرت

چنگ چي رڪشائن کي فوري طور تي شامل ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب پهرين جنوري 2006ع کانپوءِ رجسٽرڊ سمورين موٽرسائيڪلون، رڪشائن چنگ چي وزيراعظم فيول ريليف اسڪيم ۾ رجسٽريشن جي لاءِ اهل هونديون وزيراعظم فيول ريليف اسڪيم مان هاڻي 20 سال پراڻي موٽرسائيڪلون، رڪشائن چنگ چي هلائيندڙ پڻ فائدو کڻي سگهندا.

بقايا 22 روزاني عبرت

سيڙپڪاري ۽ خودمختيار بحالي مان وسيع سرمائي جي جوڙجڪ ڏانهن وڌي ريو آهي. ماليات ۽ پرڏيهي شعبي جي استحڪام، مهانگائي قرضن جي انتظام ۽ عالمي مالياتي مارڪيٽن تائين بيهر پهچ جي شعبن ۾ نمايان اڳڀرائي ٿي آهي. ايس ايم اين زراعت ۽ هائوسنگ جي شعبن ۾ مالي وسيلن تائين پهچ کي وڌايو پيو وڃي هن اها ڳالهه لنڊن ۾ جي پي مورگن جي ايمرجنگ اينڊ فرنٽيئر مارڪيٽن جا موقعا، ڪانفرنس جي موقعي تي منعقد خاص ويهڪ کي خطاب ڪندي چئي ناڻي واري وزير پاڪستان جي معيشت کي درپيش پرڏيهي معاشي دٻاءَ ڪلي معيشت جي استحڪام ۽ مستقبل جي معاشي حڪمت عملي تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ۽ معاشي استحڪام حاصل ڪرڻ ۾ پاڪستان جي اڳڀرائي ۽ سيرڪاري، سيڙپڪاري جي جوڙجڪ، روانگي وارن نجي شعبي جي قيادت ۾ ترقي ڏانهن حڪومت جي ترجيحن تي روشني وڌي ڪانفرنس ۾ پاڪسان جي حوالي سان مشهور عالمي اداره جاتي سيڙپڪارن ۽ وڏن مني مئنيجرز پاران ڀرپور دلچسپي جو اظهار ڪيو ويو مجموعي طور تي 55 عالمي سيڙپڪار فنڊز پاڪستاني وفد سان ڪيترن ئي ون آن ون ملاقاتن ۽ هڪ مڪمل سيڙپڪار سيشن ۾ شرڪت ڪئي سيڙپڪارن جي ڀرپور دلچسپي کي نظر ۾ رکندي سمورين ملاقاتون هڪ ئي ڏينهن ۾ منعقد ڪيون ويون جن ۾ پاڪستان جي مستقبل جي معاشي رخ، سيڙپڪاري جي موقعن ۽ جاري معاشي تبديلي جي پائيدار ٿيڻ وارن معاملن تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون جي پي مورگن پاڪستان جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ۽ ڪنٽري هيڊ امين خواجه به ملاقاتن دوران موجود هو. ناڻي واري وزير حڪومت جي معاشي رخ واضح ڪندي ڇهن اهم ترجيحن تي روشني وڌي جن ۾ معاشي استحڪام کي پائيدار بڻائڻ ۽ مالياتي ۽ پرڏيهي معاشي دٻاءَ کي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت مضبوط ڪرڻ، استحڪام سبب پيداواري صلاحيت، سيڙپڪاري ۽ روانگي وارن تي ٻڌل پائيدار ۽ ذميواراڻي ترقي ڏانهن اڳڀرائي ڍانچو جاتي سڌارن جو سلسلو جاري رکڻ سان وارن ۽ سيڙپڪاري طرف منتقلي، عوام ۽ معاشري جي مختلف طبقن لاءِ مالي وسيلن تائين پهچ ۾ توسيع ۽ ڊجيٽلائيزيشن بلاڪ چين ۽ ويب 3.0 سميت نئين معيشت لاءِ پاڪستان کي موثر طور تيار ڪرڻ شامل آهن ناڻي واري وزير چيو ته گذريل 3 سالن دوران پاڪستان جي بنيادي ترجيح معاشي استحڪام جي بحالي ۽ معاشي ساک جي نئين سر تعمير هئي مالياتي استحڪام، پرڏيهي شعبي جي استحڪام، مهانگائي قرضن جي انتظام ۽ عالمي مالياتي مارڪيٽن تائين بيهر پهچ جي شعبن ۾ نمايان اڳڀرائي ٿي آهي مالي سال 2026 ع ۾ جي ڊي پي جي اوسر واري شرح 3.7 سيڪڙو تائين بحال ٿي جڏهن ته مالياتي خسارو جي ڊي پي جي 2.6 سيڪڙو تائين گهٽ ٿيو جيڪو ڪيترن ئي سالن جي گهٽ ترين سطح آهي جڏهن ته ملڪ مسلسل ٽيون ڀيرو پرائمري سرپلس به رڪارڊ ڪيو ناڻي واري وزير چيو ته حڪومت فعال انتظام ذريعي ملڪي قرضن جي عرصي ۾ اضافي ۽ ري فنانسنگ جي خطرن ۾ گهٽتائي ڪئي آهي مالياتي استحڪام سان اهي قدم مجموعي خودمختار مالياتي پوزيشن کي مضبوط بڻائي رهيا آهن ۽ پاڪستان جي معاشي مستقبل تي اعتماد ۾ اضافو ڪري رهيا آهن ناڻي واري وزير چيو ته پاڪستان مالياتي ذريعن ۽ سيڙپڪارن جي مختلف طبقن ذريعي عالمي ڪيپيٽل مارڪيٽن تائين بيهر پهچ حاصل ڪئي آهي، پاڪستان جي پهرين ايوارڊ يافته پانڊا بانڊ ۽ ان کان پوءِ رڪارڊ 3 ارب آمريڪي ڊالرن جي ٻن حصن تي ٻڌل يورو بانڊ ٽرانزيڪشن جو حوالو ڏيندي هن چيو ته ٻنهي کي جاري ڪرڻ ۾ سيڙپڪارن پاران ڀرپور طلب سامهون آئي اسان جو مقصد رڳو فنانسنگ حاصل ڪرڻ ناهي پر عالمي مارڪيٽن تائين مستقل پهچ برقرار رکڻ سيڙپڪارن جي دائره ڪار کي وسيع ڪرڻ قرضن جي عرصي ۾ اضافو ۽ آهستي آهستي بهتر شرطن تي فنانسنگ حاصل ڪرڻ آهي سينيٽر محمد اورنگزيب پاڪستان ۾ وسيع تر سرمائي جي جوڙجڪ جي نمايان امڪان کي اجاگر ڪندي چيو ته حڪومت ايڪوٽي ۽ ڪارپوريٽ ڊيبٽ مارڪيٽن کي مضبوط بڻائڻ سيڙپڪارن جي شرڪت کي وسيع ڪرڻ، آءِ پي اوز جي سرگرمين ۾ اضافو ۽ مارڪيٽ جي بنيادي ڍانچي کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي. پرڏيهي سرمائي جي وڌيڪ شموليت سان اسلامي فنانس ۽ سڪوڪ مارڪيٽن جي ترقي ڊگهي مدي واري سيڙپڪاري لاءِ دستياب ذريعن کي وڌيڪ وسعت ڏئي سگهي ٿي ناڻي واري وزير پاڪستان جي وڏي داخلي مارڪيٽ، نوجوان افرادي قوت ۽ اسٽريٽجڪ جاگرافيائي بيهڪ کي اجاگر ڪندي چيو ته ملڪ جي سيڙپڪاري جي ڪشش سڌارن ۽ وڏي پئماني تي موجود معاشي موقعن تي ٻڌل آهي هن چيو ته ٽيڪس انتظاميه ٽيرف ۾ معقوليت، توانائي سرڪاري ادارن ۽ مالياتي شعبي ۾ سڌارن جو مقصد پيداواري صلاحيت ۾ اضافو ۽ معيشت جي روانگي وارو ٽيڪنالاجي، مينيوفيڪچرنگ، معدنيات، زراعت ۽ ويليو ايڊڊ خدمتن ڏانهن منتقل ڪرڻ آهي پرڏيهي معاشي رابطن جي حوالي سان هن چيو ته پاڪستان روايتي طور امداد تي ٻڌڻ کان اڳيان وڌندي واپار ۽ سيڙپڪاري جي مضبوط رابطن ڏانهن فيصلاڪن اڳڀرائي ڪري رهيو آهي ناڻي واري وزير چيو ته پاڪستان جي سيڙپڪاري جي ڪهاڻي هاڻي رڳو فوري معاشي دٻاءَ تي ضابطو آڻڻ تائين محدود ناهي رهي پر ان ۾ سڌارن ۽ معاشي ري ريٽنگ جا وسيع امڪان موجود آهن هن مالياتي نظم و ضبط، پرڏيهي شعبي جي استحڪام ۽ سڌارن جي عمل کي برقرار ڪرڻ جي عزم جو ورجاءَ ڪندي چيو ته حڪومت ملڪي ۽ عالمي نجي سرمائي لاءِ وڌيڪ گنجائش پيدا ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي ان موقعي تي گورنر اسٽيٽ بئنڪ جميل احمد پاڪستان جي پرڏيهي پوزيشن ۾ بهتري کي اجاگر ڪندي چيو ته مٽاسٽا جي ناڻي جي ذخيرن ۾ اضافي، ذخيرن ۾ ٿيندڙ اضافي جي معيار ناڻي واڌ ۾ وڌندڙ رجحان .

بقايا 23 روزاني عبرت

شاهه سنڌر آڏواڻي سان سنڌس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران اقليتي برادرين جي معاملن، ڀلائي ۽ حقن سيڪيورٽي، عبادتگاهن جي مرمت ۽ سار سنڀال بين المذهبي هم آهنگي ۽ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، جرمن وفد ۾ وفاقي آفيس برلن جي مذهب ۽ عقيدن بابت وفاقي ڪمشنر مسٽر ريچل سنڌس معاون مسٽر ڊرڪسن، اسلام آباد ۾ جرمني جي سفارتخاني جي قونصل مس وائولينا آنند، ڪراچي ۾ جرمني جي قونصليٽ جي قونصل ۽ ڊپٽي هيڊ آف مشن مسٽر مارڪس فورسٽر ۽ ڪراچي ۾ جرمن قونصليٽ جي ثقافتي قونصل مس ڊاگمار ڪراوپ ايوانز شامل هئا. ڊاڪٽر شاهه سنڌر آڏواڻي جرمن وفد جو گرمجوشي سان استقبال ڪندي روايتي سنڌي انداز ۾ "ڀلي ڪري آيا" چئي آجيان ڪئي. ملاقات دوران ڊاڪٽر شاهه سنڌر آڏواڻي جرمن وفد کي سنڌ حڪومت پاران اقليتي برادرين جي ڀلائي حقن جي تحفظ ۽ ترقي لاءِ کنيل قدمن بابت آگاهه ڪيو هن خاص طور تي اقليتي برادرين جي عبادتگاهن جي مرمت، بحالي تزئين ۽ آرائش، سيڪيورٽي ۽ سار سنڀال بابت حڪومت سنڌ جي قدمن تي بريفنگ ڏيندي، ڊاڪٽر شاهه سنڌر آڏواڻي چيو ته سنڌ حڪومت سمورن شهرين لاءِ برابري واري شهريت، مذهبي آزادي، بين المذهبي هم آهنگي ۽ سمورين برادرين جي حقن جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي هن چيو ته اهو عزم قائداعظم محمد علي جناح جي 11 آگسٽ 1947ع واري تاريخي خطاب ۾ بيان ڪيل تصور سان هم آهنگ آهي، جنهن ۾ سمورن شهرين جي برابري ۽ مذهبي آزادي تي زور ڏنو ويو هو هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي اعلي قيادت جي هدايتن ۽ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي رهنمائي هيٺ اقليتي معاملن وارو کاتو سڄي صوبي ۾ اقليتي برادرين جي ڀلائي، حقن جي تحفظ ۽ ترقي لاءِ مسلسل قدم کڻي رهيو آهي اقليتي برادرين کي درپيش مسئلن جي حل عبادتگاهن جي تحفظ ۽ ٻين بنيادي ضرورتن جي فراهمي لاءِ پڻ مختلف قدم جاري آهن ملاقات ۾ اقليتي نوجوانن لاءِ تعليم، فني مهارتن جي ترقي ۽ پيشوراڻي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، ٻنهي ڌرين ان ڳالهه تي زور ڏنو ته نوجوانن کي تعليم ۽ فني پيشوراڻي مهارتن سان ليس ڪري کين معاشي ۽ سماجي ترقي جا بهتر موقعا فراهم ڪري سگهجن ٿا، جرمن وفد سنڌ حڪومت پاران اقليتي برادرين جي ڀلائي ۽ بين المذهبي هم آهنگي جي فروغ لاءِ کنيل قدمن کي ساراهيو ۽ اقليتي برادرين جي ڀلائي مذهبي هم آهنگي ۽ گڏيل تعاون لاءِ مسلسل رابطن ۽ ڳالهه ٻولهه جي اهميت تي زور ڏنو ملاقات جي پڄاڻي تي ٻنهي ڌرين اقليتي برادرين جي ڀلائي، مذهبي هم آهنگي ۽ گڏيل تعاون لاءِ رابطا ۽ سهڪار جاري رکڻ جي عزم جو اظهار ڪيو سنڌ جي روايتي مهمان نوازي ۽ خيرسگالي طور ڊاڪٽر شاهه سنڌر آڏواڻي جرمن وفد جي ميمبرن کي روايتي سنڌي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا.

بقايا 24 روزاني عبرت

جي جدوجهد جي علامت هئا، جيڪي اڄ به انصاف، جمهوريت ۽ عوامي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙن جي دلين ۾ زنده آهن بلاول ڀٽو زرداري چيو ته ڀٽو خاندان جون قربانيون پاڪستان جي جمهوري تاريخ جو نه وسرندڙ باب آهن قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، مادر جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو، شهيد محترمه بينظير ڀٽو، شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ شهيد شاهنواز ڀٽو جون يادون اسان جي جدوجهد جو قيمتي سرمايو آهن هن چيو ته ڀٽو خاندان جمهوريت ۽ عوامي حقن جي جدوجهد لاءِ بي پناهه قربانيون ڏنيون آهن جن کي قوم هميشه ياد رکندي شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي سياسي جدوجهد، جرئت ۽ عوامي حقن لاءِ آواز اٿارڻ وارو ڪردار جمهوريت پسند قوتن لاءِ هميشه يادگار رهندو بلاول ڀٽو زرداري چيو ته شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي يوم پيدائش تي اسان ترقي پسند، جمهوري ۽ جامع پاڪستان لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جي عزم جي تجديد ڪريون ٿا هن چيو ته عوام جي حقن، جمهوريت، انصاف ۽ برابري لاءِ جدوجهد جاري رهندي

بقايا 25 روزاني عبرت

هن وقت تائين 10 لک کان وڌيڪ ماڻهن جي رجسٽريشن مڪمل ٿي چڪي آهي انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيلي ڪميونيڪيشن واري وزارت جي ترجمان موجب اسڪيم تحت هن وقت تائين 8 لک کان وڌيڪ ٽوڪن جنريٽ ڪيا ويا آهن ٽوڪن ريڊيمشن جي عمل ۾ پنجاب ۽ اسلام آباد پهرين نمبر تي آهن ترجمان ٻڌايو ته شفافيت ۽ فوري رليف جي فراهمي يقيني بڻائڻ لاءِ خاص ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويو آهي جتان کان 24 ڪلاڪ سڄي ملڪ ۾ ريئل ٽائيم مانيٽرنگ ڪئي ويندي عوام جي رهنمائي ۽ وڌيڪ معلومات لاءِ سرڪاري پورٽل pmfuelrelief.pk فعال آهي جتان کان شهري معلومات حاصل ڪري سگهن ٿا.

بقايا 26 روزاني عبرت

وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان جا مٽاسٽا جي ناڻي جا ذخيرا تاريخ جي بلند ترين سطح 21.4 ارب ڊالر تائين پهچڻ تي الله تعاليٰ جو ٿورو ادا ڪندي ان کي معاشي استحڪام طرف هڪ ٻيو تاريخي سنگ ميل قرار ڏنو آهي هن چيو ته مٽاسٽا جي ناڻي جا ذخيرا 21.4 ارب ڊالر تائين پهچڻ معاشي ٽيم جي محنت ۽ صحيح رخ ۾ کنيل قدمن جو ثبوت آهي هن چيو ته مٽاسٽا جي ناڻي ۽ خدمتن جي روانگي واپار ۾ نمايان بهتري، ڪرنٽ اڪائونٽ جي بهتر صورتحال ۾ مالياتي نظم ۽ ضبط مٽاسٽا جي ناڻي جي ذخيرن ۾ واڌ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي وزيراعظم چيو ته عالمي مالياتي مارڪيٽن تائين پاڪستان جي بيهر ڪامياب پهچ به ملڪي معيشت تي عالمي اعتماد جي بحالي جو مظهر آهي مٽاسٽا جي ناڻي جي ذخيرن ۾ واڌ نه رڳو ملڪ جي ٻاهرين ادائيگين جي صلاحيت کي مضبوط ڪندي پر عالمي معاشي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ جي آسان جي سگهه به بيهتر وڌائيندي وزيراعظم چيو ته هڪ مستحڪم معاشي صورتحال ملڪ ۾ پرڏيهي اعتماد، سيڙپڪاري ۽ پائيدار معاشي ترقي لاءِ نوان دروازا کوليندي وزيراعظم ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب، اسٽيٽ بينڪ جي گورنر حڪومت جي معاشي ٽيم ۽ خاص طور تي پرڏيهه رهندڙ پاڪستانين کي ان اهم ڪاميابي تي خراج تحسين پيش ڪيو آهي هتي اها ڳالهه قابل ذڪر آهي ته ماضي جي اينٽ مٽاسٽا جي ناڻي جي ذخيرن ۾ اضافو ٻاهرين قرضن ۾ اضافي جي ڪري نه پر بنيادي طور تي اسٽيٽ بينڪ آف پاڪستان مٽاسٽا جي ناڻي جي خريداري جي ڪري ٿيو آهي ان ڪانسواءِ اسٽيٽ بينڪ پنهنجي مٽاسٽا جي ناڻي بابت پنهنجي رهڻ ۾ به نمايان لاٿ ڪئي آهي.

بقايا 27 روزاني عبرت

ڪيو پريس رليز مطابق 17 سيپٽمبر تي سيڪيورٽي فورسز جي هڪ قافلي تي بم حملي ۾ وطن جا 6 بهادر سپوت شهيد ٿي ويا پارٽي حمايت يافته دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار ۽ ڌماڪي دار مادو هٿ ڪيو ويو جيڪي علائقي ۾ مختلف دهشتگرد ڪارروائين ۾ ملوث رهيا هئا پريس رليز مطابق "عزم استحڪام" تحت دهشتگردن جي مڪمل خاتمي لاءِ سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جون ڪارروايون پوري قوت سان جاري رهنديون پريس رليز ۾ وڌيڪ چيو ويو ته وطن جي دفاع، امن ۽ سلامتي لاءِ اسان جي بهادر سپوتن ۽ شهيدن جون عظيم قربانيون اسان جي عزم کي وڌيڪ پختو ڪن ٿيون

بقايا 28 روزاني عبرت

ڪاميابي خودمختياري ۽ عزم جو هڪ شاندار مثال بڻجي اڀريو آهي هنسراج جنهن بورڊ آف انٽرميڊيٽ ايجوڪيشن ڪراچي (BIEK)جي 2025 واري امتحانن ۾ پهرين پوزيشن حاصل ڪئي هئي انکي سنڌس ڪاميابين ۽ معذور ماڻهن لاءِ وڌيڪ موقعا فراهم ڪرڻ جي ڪوشش جي مڃتا طور داد ڏنو ويو ان تقريب ۾ اين اي ڊي (NED)يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ۽ معذور ماڻهن جي اختيارن واري کاتي (DEPD)جي سيڪريٽري طحٰ فاروقي ۽ ٻين شرڪت ڪئي هنسراج ننڍي چمار ۾ ٿي پنهنجي اکين جي جوت وڃائي ويٺو ۽ نظر ختم ٿيڻ ڪانپوءِ هو ٻي سال اسڪول کان ٻاهر رهيو هن ننڍي هوندي ئي پنهنجي والد کي پڻ وڃائي ڇڏيو هو جنهن ڪري سنڌس خاندان سنڌس مستقبل جي تعليم بابت غير يقيني صورتحال جو شڪار هو سنڌس زندگي ان وقت تبديل ٿي وئي جڏهن هو ڊي اي پي ڊي (DEPD)جي هڪ شريڪ تنظيم آئيڊا ريو (Ida Rieu)۾ شامل ٿيو جتي کيس تعليمي مدد، هاسٽل جي سهولت ۽ خودمختياري پيدا ڪرڻ جا موقعا مليا. اڄ هو اين اي ڊي (NED) يونيورسٽي مان 3.93 سي جي پي اي (CGPA)سان بي ايس ڪمپيوٽر سائنس جي پڙهائي ڪري رهيو آهي هن انسٽيٽيوٽ آف چارٽرڊ اڪائونٽنٽس آف پاڪستان (ICAP)ذريعي پنهنجي پروفيشنل تعليم کي پڻ جاري رکيو هڪ وڏي اڳڀرائي ۾ آئي سي اي پي (ICAP) تصديق ڪئي آهي ته هنس راج جولاءِ 2026 ۾ ٿيل پري-ريڪوزٽ ڪمپيٽينسز (PRC)امتحان ڪاميابي سان پاس ڪري ورتو آهي جنهن ڪانپوءِ هو سي اي ايف (CAF)امتحان ۾ ويهڻ جو اهل بڻجي ويو آهي انهن ٻنهي زندگين جي وچ ۾ پل آئيڊا ريو (Ida Rieu)هئي جنهن کي سنڌ حڪومت ۽ ڊي اي پي ڊي (DEPD)جي سهڪار سان وڌيڪ خودمختياري ملي ان مون کي تعليم هاسٽل خودمختياري ۽ موقعا ڏنا هنسراج ڪمپيوٽر تي BIEKجا امتحان ڏيندڙ پهريون نابين شاگرد بڻجي ويو جنهن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته ڪيئن پهچ ۾ ايندڙ ٽيڪنالاجي نظر جي معذوري رکندڙ شاگردن لاءِ تعليم ۾ رڪاوٽون ختم ڪري سگهي ٿي تعليم کان هٽي ڪري، هن هڪ بين الاقوامي روئنگ ريگاٽا ۾ برونز تمغو کٽيو آهي ۽ ماڊل يونائيٽيڊ نيشنز (MUN)جي تقريبن ۾ بهترين نمائندي جا ايوارڊ حاصل ڪيا آهن هو پنهنجي دوستن سان گڏ آئيڊا ريو لاءِ هڪ مڪمل پهچ واري ويب سائيٽ تي پڻ ڪم ڪري رهيو آهي جنهن ۾ هڪ مربوط چيٽ بوٽ شامل آهي اهو پروجيڪٽ هن وقت پنهنجي آخري مرحلن ۾ آهي بين الاقوامي خواندگي واري ڏينهن تي وڏي وزير ۽ سنڌ حڪومت جا ٿورا مڃيندي، هنس راج چيو ته سنڌس تجربي مان معذور ماڻهن لاءِ تعليم جي تبديل ڪندڙ طاقت ظاهر ٿئي ٿي هن چيو ته خواندگي ذريعي معذور ماڻهن کي سگهه ڏيڻ سان زندگيون بدلجي سگهن ٿيون

بقايا 29 روزاني عبرت

جمعي ڏينهن صبح جو انڊونيشيا جي اتر جڪارته جي ٽانجونگ پريوڪ بندرگاهه پهچي وين جيڪو انڊونيشيا جو پهريون جهاز بردار سامونڊي جهاز هوندو پرڏيهي ميڊيا مطابق جمعي ڏينهن صبح جو اٽڪل 7 لڳي 53 منٽن تي آجيائي واري تقريب جي شروعات ٿي جنهن دوران انڊونيشيا جي بحريه جي نيول ايوي ايشن سينٽر جي پنجن جهازن ٽانجونگ پريوڪ جي علائقي مٿان اڏام ڪئي

بقايا 30 روزاني عبرت

نيويارڪ ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ شرڪت لاءِ آمريڪا پاران مسلسل ٻئين سال ويزا نه ڏيڻ جي فيصلي بعد گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي کي وڊيو ڪانفرنس ذريعي خطاب ڪندو پرڏيهي ميڊيا مطابق اهو انڪشاف گذريل ڏينهن پرڏيهي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو ويو ان کان اڳ فلسطيني اٿارٽي مسلسل ٻئين سال نيويارڪ ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ فلسطيني صدر کي ويزا ڏيڻ کان آمريڪي پرڏيهي وزارت جي انڪار کي رد ڪري ڇڏيو هو

بقايا 31 روزاني عبرت

حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي سنڌ صدين کان مذهبي رواداري، پرامن گڏيل بقا ۽ بين المذاهب هم آهنگي جي ڌرتي رهي آهي جڏهن ته صنفي برابري پائيدار ترقي لاءِ بنيادي شرط آهي هن چيو ته سنڌ حڪومت سڀني شهرين جي آئيني حقن جي تحفظ ۽ برابر شهريت تي يقين رکي ٿي مذهب، ذات، رنگ يا پسمنظر کان سواءِ هر شهري قانون جي نظر ۾ برابر آهي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان جرمن ڪمشنر براءِ مذهبي آزادي ٿامس ريچل جي اڳواڻي ۾ وفد وڏي وزير هائوس ۾ ملاقات ڪئي جنهن دوران مذهبي آزادي، رواداري، پرامن گڏيل بقا ۽ بين المذاهب هم آهنگي سميت اقليتي حقن بابت معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ملاقات ۾ جرمن وفد طرفان برلن جي وفاقي آفيس جي اسسٽنٽ ڊرڪسن، جرمن سفارتخاني جي قونصل وائيليٽا آنند، ڪراچي قونصل خاني جي قونصل ۽ ڊپٽي هيڊ آف مشن مارڪس فورسٽر ۽ ٻيا عملدار شريڪ ٿيا، جڏهن ته سنڌ جي وڏي وزير سان گڏ گهرو وزير ضياءالحسن لنجار اقليتي معاملن واري خاص معاون ڊاڪٽر شاهه سنڌر آڏواڻي، انساني حقن واري خاص معاون راجوير سنگهه سوڍو، سنڌ اسيمبلي جو ڊپٽي اسپيڪر اينٿوني نويد، وڏي وزير جو سيڪريٽري آصف جميل ۽ ٻيا عملدار موجود هئا.

بقايا 32 روزاني عبرت

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان پرڏيهي سيڪريٽري سفير آمنه بلوچ پرڏيهي وزارت جي سينيئر آفيسرن سان گڏ گذريل ڏينهن آفيس ۾ پنهنجي آخري ڏينهن ملاقات ڪئي پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب پرڏيهي سيڪريٽري نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير کي پنهنجي مدي دوران سرانجام ڏنل معاملن بابت اهم شعبن جاري سفارتي مصروفيتن ۽ انهن اهم معاملن تي بريفنگ ڏني

بقايا 33 روزاني عبرت

جهازن جي امڪاني وڪري جي تجويز جي آجيان ڪندي ان کي ٻنهي ملڪن وچ ۾ پراڻي اسٽريٽجڪ شراڪتداري ۽ دفاعي سهڪار جو ٻيو اهم قدم قرار ڏنو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق اها ڳالهه آمريڪا ۾ سعودي سفارتخاني ايڪس تي جاري بيان ۾ چئي سعودي سفارتخاني چيو ته ايف-35 جهازن جي وڪري جي تجويز سعودي - آمريڪا اسٽريٽجڪ شراڪتداري جي مضبوطي ۽ اسان جي دفاعي سهڪار ۾ مسلسل اڳڀرائي کي ظاهر ڪري ٿو بيان ۾ چيو ويو ته ڏهاڪن کان سعودي - آمريڪا سيڪيورٽي سهڪار علائقائي استحڪام اسان جي اجتماعي دفاعي صلاحيتن کي مضبوط بڻائڻ ۽ گڏيل سيڪيورٽي مفادن کي اڳتي وڌائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي

بقايا 34 روزاني عبرت

جي آئين تحت هلڻ گهرجي آئين واضح آهي لساني تنظيم هي سياست ختم ٿي چڪي آهي سڀني جي ٻولي ڦري سري ساڳي هوندي آهي انهن کي هاڻ اهميت ئي نه ٿا ڏيون صوبائي وزير سردار شاهه جوڻ ٺٽي ۾ مڪلي تي ايشيائي ترقياتي بئنڪ پاران تعمير ڪرايل اسڪول جي افتتاح جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهيون صوبائي وزير سردار شاهه چيو آهي ته تنقيد جو محور هميشه ڦري سري سنڌ کي بڻايو ويندو آهي جا پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ ڪير جوڻ ئي نديون وهي رهيون آهن مسئلا جتي ڪٿي هوندا آهن انهن کي حل ڪرائڻ لاءِ ڪوششون وٺيون پونديون آهن ۾ اسلام آباد لاهور پنجاب ۾ ويٺل اينڪر پرسنز ٽوڙي سياسي دوستن کي صرف سنڌ جا مسئلا نظر اچن ٿا ۾ حقيقت ۾ سنڌ اندر جيڪي تعليم روڊ سيڪٽر آبپاشي کاتي پاران شاخن کي پڪو ڪرڻ سميت مختلف پراجيڪٽس تي هن پيري تاريخي ڪم ٿيا آهن جن کي ڏسڻ گهرجي ايشيائي ترقياتي بئنڪ پاران ٺٽو گهارو مڪلي ۽ چليا سميت ضلعي جي مختلف علائقن ۾ تعمير ڪرايل هائير سيڪنڊري اسڪولن جي منصوبن جي مڪلي گرلس پبلڪ هاءِ اسڪول ۾ منعقد ڪرايل افتتاحي تقريب ۾ خطاب ڪندي صوبائي وزير سردار شاهه وڌيڪ چيو ته هميشه سنڌ سان ساٿيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو آهي

بقايا 35 روزاني عبرت

ميمبرن پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ خلاف منفرد احتجاج ڪندي گڏهه گاڏي ۾ سوار ٿي سنڌ اسيمبلي پهچي احتجاج رڪارڊ ڪرايو پي ٽي آءِ ميمبرن چيو ته هڪ طرف عوام پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ ۽ مهانگائي جي بار هيٺ دٻيل آهي جڏهن ته ٻئي طرف حڪمرانن جا شاهاڻا خرچ جاري آهن هنن چيو ته جيڪڏهن عوام کان بچت ۽ ڪفايتي جو مطالبو ڪيو وڃي ٿو ته ان جي شروعات وزيراعظم وزيرن ۽ حڪمران خاندان جي پنهنجي خرچن مان ٿيڻ گهرجي

بقايا 36 روزاني عبرت

وچ ۾ ٻهراڙي جي ترقي جي شعبي ۾ سهڪار مضبوط بڻائڻ جو معاهدو طئي ٿي وين جنهن ۾ ٻهراڙين ۾ ڪاروبار ڊجيٽلائيزيشن ۽ غربت جي خاتمي سميت ٻيا معاملا شامل آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق مفاهمت جي يادداشت تي جڪارته ۾ انڊونيشيا جي ٻهراڙي ۽ پٺتي پيل علائقن جي ترقي بابت وزير يانڊري سوسانتو ۽ ملائيشيا جي نائب وزيراعظم احمد زاهد حميدي صحيحون ڪيون يانڊري سوسانتو چيو ته اسان کي اميد آهي ته اها مفاهمت جي يادداشت رڳو هڪ دستاويز تائين محدود نه رهندي

بقايا 37 روزاني عبرت

آهي ته مڪي مڪرمه ۾ الله جو گهر ڪعبت الله موجود آهي ان جي حرمت تي ڪا به آنچ اچڻ نه ڏينداسين سعودي عرب سان يڪجهتي بابت قرارداد ايم ڪيو ايم جي ميمبر محمد راشد خان پيش ڪئي جنهن کي ايوان متفقه طور منظور ڪري ورتو قرارداد ۾ چيو ويو ته سنڌ اسيمبلي جو سڄو ايوان سعودي عرب سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿو ۽ مڪي مڪرمه جي مقدس حيثيت ۽ حرمت خلاف ڪنهن به قسم جي ڪارروائي جي سخت مذمت ڪري ٿو قرارداد تي ڳالهائيندي صوبائي وزير قانون ضياء الحسن لنجار چيو ته سعودي عرب جو پوري مسلم امت آڏو انتهائي اهم حيثيت آهي

بقايا 38 روزاني عبرت

سيڪڙو جو اضافو ٿيو آهي . پاڪستان جي انگن اکرن واري اداري (پي بي ايس) مطابق جولاءِ 2026 ع دوران روانگي وارن جو ڳاڻيٽو 61.9 ملين ڊالرن تائين پهچي ويو جڏهن ته جولاءِ 2025ع ۾ چمڙي جي مصنوعات جي روانگي وارن مان 53.3 ملين ڊالرز جو مٽاسٽا وارو ناڻو ڪمايو ويو هو . اهڙي طرح جولاءِ 2025ع جي پيٽ ۾ جولاءِ 2026 ع دوران چمڙي مان تيار ٿيل مصنوعات جي قومي روانگي وارن مان 8.6 ملين ڊالرز ڪمايا ويا جنهن ۾ 16 سيڪڙو کان وڌيڪ جو اضافو رڪارڊ ٿيو آهي .

بقايا 39 روزاني عبرت

جي مسجد وٽ ٿيل ڌماڪي جو نوٽيس وٺندي ريجنل پوليس آفيسر کان واقعي جي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي ڪي پي ڪي پوليس موجب شروعاتي اطلاعن موجب پراڻي پوليس لائنز سان گڏ ڌماڪيدار مادي سان ڀريل گاڏي ٽڪرائجي وئي جڏهن ته ڌماڪي جي حتمي نوعيت معلوم ڪئي پئي وڃي

بقايا 40 روزاني عبرت

پوليس موجب صدر پارسي اسڪول پرسان اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ جي پوليس پارٽي جو مبينا مقابلو ڌاڙيلن سان ٿيو جنهن دوران هڪ جوابدار زخمي ٿي پيو جنهن کي گرفتار ڪري جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ 30 ورهين جي عبيد الرحمان طور ٿي آهي سرجاني ٽائون ۾ ماءُ ۽ سنڌس ٽن ٻارن کي قتل ڪندڙ جوابدار پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو جڏهن ته فائرنگ جي ڏي وٺ دوران هڪ پوليس اهلڪار پڻ زخمي ٿي پيو ايس ايس پي ويسٽ طارق الاهي مستوئي موجب پوليس جوابدار محمد همايون خان کي قتل ۾ استعمال ٿيل اوزار سريو هٿ ڪرڻ لاءِ پوليس تحويل ۾ وٺي واقعي واري هنڌ وٺي هئي ايس ايس پي موجب پوليس آفيسر ۽ اهلڪار قتل جو اوزار ڳولي رهيا هئا ته جوابدار موقعي جو فائدو وٺندي

بقايا 41 روزاني عبرت

واڌو واهه گيٽ وٽ سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ ثمرحيدر جتوئي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي اڳواڻ اقبال ملاح، حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي خزانچي جاني خاصخيلي حيدرآباد پريس ڪلب جي اڳوڻو خزانچي غلام حسين خاصخيلي ڪامريڊ سارنگ چانڊيو ساقي ڪامريڊ سليمان ڏاهري سيف سيمجو جاويد پٽي مختيارميمڻ مظهر چانڊيو ڊاڪٽر اشوڪاما، ڪامريڊ محبوب جتوئي سميت سنڌهاري ڪاميٽي جي اڳواڻن ڪارڪنن سميت صحافين مرحوم عبداش پنهور جو آخري ديدار ڪيو مرحوم عبداش پنهور ڪيترن ئي مهينن کان ڳلي جي ڪينسر ۾ مبتلا هو مرحوم عبداش پنهور جي جنازي نماز اڄ ڇنڇر جي ڏينهن صبح جو 10 وڳي دڙو شهر پرسان ڳوٺ ۾ ادا ڪري قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويندو

بقايا 42 روزاني عبرت

ثابت ٿيندي پاليسي جو بنيادي مقصد "راند سڀني لاءِ" جي اصول تحت راندين کي هر فرد تائين پهچائڻ ۽ گراس روٽ ليول تان نئين ٽيلنٽ کي اڳتي آڻڻ آهي سنڌ اسپورٽس پاليسي 2026ع بابت پريس ڪانفرنس ڪندي منور علي مهيسر چيو ته سنڌ اسپورٽس پاليسي صوبائي وزير راندين سردار محمد بخش مهر جو ويزن هو آئين جي 18هين ترميم تحت سنڌ حڪومت کي راندين جي شعبي ۾ قانونسازي جو اختيار حاصل آهي پاليسي تحت گرائونڊن جي تعمير ۽ بحالي راندين لاءِ فلاحي پروگرامن ۽ راندين جون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ تي خاص ڌيان ڏنو ويندو هن چيو ته 7 کان 15 سالن جي عمر وارن ٻارن لاءِ ضلعي سطح تي ٽيلنٽ هنٽ پروگرام شروع ڪيو ويندو جڏهن ته راندين کي گراس روٽ ليول تائين وڌايو ويندو.

بقايا 43 روزاني عبرت

اظهار ڪوهاٽ ۾ جمعي جي نماز دوران پوليس لائين ۾ ٿيل خودڪش حملو انتهائي افسوسناڪ ۽ مذمت جوڳو آهي وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه چيو خيبرپختونخوا جي شهر ڪوهاٽ ۾ ٿيل خودڪش ڌماڪي ۾ قيمتي انساني جانين جي نقصان تي دلي ڏک ۽ رنج آهي. سيد مراد علي شاهه جو چيو وڏي وزير سنڌ دهشتگردي جي افسوسناڪ واقعي ۾ شهيد ٿيندڙن جي وارثن سان دلي همدردي جو اظهار ڪندي شهيدن جي درجن جي بلندي ۽ وارثن لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
سادگيءَ جي مهم، خرچن ۾ ڪٽوتي ۽ عوام لاءِ نئون امتحان
صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
صفحو 4
ٻارن جو تعداد نه پر انهن جو مستقبل اهم هوندو آهي!

عبداش پنهور: هڪ صحافي، ليکڪ ۽ جدوجهد جي علامت
غلام حسين خاصخيلي
صفحو 4

شفيق وساڻ
صفحو 4
سمارٽ لاڪ ڊائون ڪانسواءِ پيو ڪو حل ٻه آهي يا نه؟

ميهڙ جي بنيادي شهري مسئلن جي حل لاءِ شهري اتحاد ميهڙ پاران ستين ڏينهن به احتجاجي ريلي

شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي ٻرڙو جي قيادت ۾ هيڊ چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي

ميهڙ جا شهري وڏي عرصي کان گندو پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن، واٽر سپلاءِ ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن: اڳواڻ

ڊي سي دادو ۽ سي ايم او ميهڙ پيپلزپارٽي جي نمائندن سان ملي ڀڳت ڪري ماهوار ڪروڙين رپين جي بجيٽ هڙپ ڪري رهيا آهن

ميهڙ: بنيادي شهري مسئلن جي حل لاءِ شهري اتحاد ميهڙ پاران ستين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ميهڙ (ن ع) ميهڙ جي بنيادي شهري مسئلن جي حل لاءِ شهري اتحاد ميهڙ پاران ستين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي ٻرڙو، قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن ايڊووڪيٽ منور علي جتوئي، ايڊووڪيٽ مير ڪوسو سينئر ايڊووڪيٽ عابد حسين ڪلهوڙو، پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو ايس يو پي جي سينيئر اڳواڻ حبيب حضوري، اشتياق علي ٽنيو، محمد اسماعيل بروهي، سيد عبدالفتاح شاهه اناج منڊي جي صدر صدام ٿهيم ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ هيڊ چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ميهڙ جا شهري گندو پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن، واٽر سپلاءِ ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن. جڏهن ته ابراهيم چنه، همدم بلاول ۽ اعجاز ڪالوني سميت شهر جون مختلف گهٽيون ۽ پاڙا گندگي جي ڍير ۾ تبديل ٿي ويا آهن. شهر جا روڊ رستا پڻ تباهه آهن. ۾ چونڊيل نمائندن ۽ ٽائون ڪاميٽي اختيارين طرفان شهرين جي مسئلن ڏانهن ڪو به ڌيان نه ڏنو پيو وڃي. اڳواڻن الزام لڳائيندي چيو ته ڊي سي دادو ۽ سي ايم او ميهڙ پيپلزپارٽي جي نمائندن سان ملي ڀڳت ڪري ماهوار ڪروڙين رپين جي بجيٽ هڙپ ڪري رهيا آهن. پر شهرين جا بنيادي مسئلا حل نٿا ڪيا وڃن هنن چيو ته ميهڙ واسين کي صاف پاڻي، صفائي ۽ بهتر روڊن جي سهولت فراهم ڪرڻ انتظاميا جي ذميواري آهي. شهري اتحاد جي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته ميهڙ جا بنيادي مسئلا فوري طور حل ڪري شهر ۾ صاف ۽ مٺو پاڻي، صفائي سٿرائي ۽ بهتر روڊن جي سهولت فراهم ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ جاري رکندي وڌيڪ سخت احتجاج ڪيو ويندو

نفيس نگر ۽ ڀسڪردائي جي علائقن ۾ مهانگائي چوٽ چڙهي وئي، غريب طبقو سخت پريشان

نئون ڪوٽ، جهڏو، نفيس نگر ۽ ڏگهڙي سميت ٻين شهرن ۾ عام واهپي جي شين جا اگهه چوٽ چڙهي ويا

پيٽرول ۽ ڊيزل جو اگهه هر روز وڌڻ سبب سنڌ ۾ مهانگائي غريبن ۽ پورهيتن کان مانيءَ جو گرهه به کسي ورتو

سنڌ ۾ سماجي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيمون توڙي انجوز ادارا غريبن ۽ پورهيتن جي واهر ڪرڻ ۾ بلڪل ناڪام

نفيس نگر(ن ع) پيٽرول ۽ ڊيزل جو هر روز ريٽ وڌڻ سبب سنڌ ۾ مهانگائي غريبن ۽ پورهيتن کان مانيءَ جو گرهه به کسي ورتو آهي جنهن ڪري شهرن ۾ هلندڙ هوٽلن تي مانيون ۽ پراٺن جا ريٽ ٻيڻا ٿي ويا آهن حڪومت پاران ڏينهون ڏينهن وڌندڙ مهانگائي کي ڪنٽرول نه ڪرڻ سبب نئون ڪوٽ جهڏو روشن آباد نفيس نگر ڏگهڙي ميرپورخاص سنڌڙي ڪوٽ غلام محمد ڪنري ٽالهي نبي سر روڊ عمرڪوٽ سميت سنڌ جي ننڍن وڏن مختلف شهرن ۾ اٽو ڪڻڪ داليون چانور گيهه ۽ ٻيون روز مره جي واهپي واريون شيون غريب عوام جي ڪاٺ کان به پري ٿي ويون آهن اٽو ڪڻڪ گيهه مرغي ۽ چانورن جي ريٽ ۾ رڪارڊ ٽوڙ اضافو پيدا ٿيڻ ۽ مهانگائي جو طوفان اچڻ باوجود سنڌ ۾ سماجي ڀلائي لاءِ ڪم ڪندڙ سماجي تنظيمون توڙي انجوز ادارا غريبن ۽ پورهيتن جي واهر ڪرڻ ۾ بلڪل ناڪام ٿي ويا آهن جنهن ڪري اڪثر هنڌن تي ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ مزدور طبقو ٻن ويلن جي ماني ڪڍڻ لاءِ به پريشان بڻيل آهن ان حوالي سان هاري تحريڪ جهڏو جي اڳواڻ محب پيل غريب نواز ٽنگڪوي ڪيمچند پيل پرڙهو خان گشڪوري آچار پيل ۽ ٻين ٻڌايو ته حڪومت اسان کي بک مرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي سڄي سنڌ ۾ اٽي جو ريٽ آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي ان کان علاوه گيهه چانور ڪڻڪ سميت سمورين واهپي وارين شين جا اگهه ٻيڻا ٿي ويا آهن مگر ڪو به ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي خاص ڪري اسان غريبن کي ڪکي جو به رليف فراهم نٿو ڪيو وڃي جنهن سبب ٻچن جو پيٽ پالڻ به مشڪل بڻجي ويو آهي هنن چيف جسٽس کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته گهٽي توڙ مهانگائي خلاف نوٽيس وٺي بک مرڻ کان بچايو وڃي

يونين ڪائونسل هنگوراڻي ۾ مڇر مار اسپري مهم شروع

ڳوٺن ۾ مڇر مار اسپري ۽ رولو ڪتن جي خاتمي لاءِ وڏي پيماني تي مهم جاري

يو سي هنگوراڻي جي باقي رهيل علائقن ۾ به ڪم تيزيءَ سان جاري آهي: پير ڪاشف شاهه

عثمان شاهه هڙي (عاقلاڻي وڪان) ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار نور مصطفيٰ لغاري جي هدايت تي يونين ڪائونسل هنگوراڻي ۾ عوامي صحت ۽ تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ يو سي چيئرمين سيد پير ڪاشف شاهه پاران يو سي سيڪريٽري محرم ڪالرو جي نگرانيءَ ۾ يوسي جي سمورن ڳوٺن ۾ مڇر مار اسپري ۽ رولو ڪتن جي خاتمي لاءِ وڏي پيماني تي مهم جاري آهي ان سلسلي ۾ يو سي سيڪريٽري محرم ڪالرو جو چوڻ هو ته هن پاران يو سي ٽنڊو سومرو ۾ صفائي ۽ اسپري جو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي، جڏهن ته يو سي هنگوراڻي جي باقي رهيل علائقن ۾ به ڪم تيزيءَ سان جاري آهي. هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن عوام کي ڪنهن به قسم جي شڪايت هجي ته اهي ساڻن سڌوسنئون رابطو ڪري سگهن ٿا. مهم دوران ڳوٺ هاشم هنگورو صيفل خاصخيلي عظيم مهڪائي سسند ساند ڏگو مڪراڻي سهراب مري، مهدش باريچو، دڙو ساند، لونگ ڊلپوٽا، غلام قادر آرائين بچل شاهه ۽ بادل خاصخيلي سميت مختلف ڳوٺن ۾ جراثيم ڪش اسپري ڪيو پيو وڃي. جڏهن ته رولو ڪتن جي خاتمي لاءِ به تڙت ڪارروائيون عمل ۾ آنديون ويون آهن. مقامي رهواسين پاران عوامي مسئلن جي حل لاءِ کنيا ويل قدمن تي چيئرمين سيد پير ڪاشف شاهه ۽ سيڪريٽري محرم ڪالرو جا ٿورا مڃيا ويا.

عثمان شاهه هڙي يونين ڪائونسل هنگوراڻي ۾ مڇر مار اسپري ڪيو پيو وڃي

مسوڀرڳڙي ۾ مئنيجر اوقاف ڪاٽو سيوهڻ خلاف ريلي

ڪلهوڙا برادري جي ماڻهن پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، نعريبازي

قديمي قبرستان تي تالا بندي ڪرائي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي: مظاهرين

مسوڀرڳڙي (ن ع) مسوڀرڳڙي پريس ڪلب تي ڪلهوڙا برادري جي غلام شبير ڪلهوڙو، امجد علي ڪلهوڙو، غلام حسين ڪلهوڙو سيد محبوب شاهه ۽ ٻين پاران مئنيجر اوقاف ڪاٽو سيوهڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪندي چيو آهي ته سيد محفوظ حسين شاهه لڪياري سجاده نشين ڪڇهري قلندرلال شهباز جن جي قديمي قبرستان تي مئنيجر اوقاف سيوهڻ شريف غلام رسول سومرو بااثر ممتاز منگي پاران سيد محفوظ حسين شاهه جن جي قديمي قبرستان تي تالا بندي ڪرائي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جنهن جي اسان ڪلهوڙا برادري مسوڀرڳڙي ۽ سندن مريد سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا ۽ اوقاف کاتي سنڌ توڙي وزير اعليٰ سنڌ کان مطالبو ٿا ڪيون ته اوقاف کاتي جي مئنيجر ۽ سندس ساٿارين جي ناانصافين توڙي قبضا خوري جو نوٽيس وٺي ساداتن سان انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ ڀرپور تحريڪ هلائي ويندي احتجاجي مظاهري ۾ غلام قادر ڪلهوڙو عبدالحميد ڪلهوڙو، اسد علي ڪلهوڙو اصغر علي ڪلهوڙو جونيئر محمد عرس ڪلهوڙو غلام سجاد ڪلهوڙو ۽ ٻين سوين ماڻهن شرڪت ڪئي.

مسوڀرڳڙي: مئنيجر اوقاف ڪاٽو سيوهڻ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

خيرپور ۾ ڌوهارين خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن، 7 ڄڻا گرفتار

ضلعي جي مختلف علائقن ۾ ڌوهارين خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن ڪيو ويو

ڌوهن ۾ ملوث 7 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو: پوليس ترجمان وقار سومرو

خيرپور(ڊ ر) ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي جي سربراهي ۾ خيرپور ضلعي جي مختلف علائقن ۾ ڌوهارين خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن ڪيو ويو جنهن دوران ڌوهن ۾ ملوث 7 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو پوليس ترجمان وقار سومرو موجب، مختلف ٿاڻن جي حدن ۾ هيوي مشينري ۽ بڪتر بند گاڏين جي مدد سان وڏي پيماني تي ڌوهارين خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن ڪيو ويو آپريشن ۾ ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي ڊي ايس پي ٺري ميرواهه مير امداد ٽالپر ڊي ايس پي ڪوٽڏيجي سميت پوليس جي اسپيشل ٽيمن حصو ورتو پوليس ترجمان ٻڌايو ته ضلعي ۾ امن امان خراب ڪندڙ ڌوهارين ۽ سندن سهولتڪارن خلاف سخت ڪارروائي جاري آهي جيڪڏهن ڪو ڌوهاري پاڻ کي قانون جي حوالي ڪندو ته ان سان قانون موجب ورتاءُ ڪيو ويندو وقار سومرو وڌيڪ چيو ته ضلعي مان ڌوهن جو خاتمو ۽ امن امان جي بحالي خيرپور پوليس جي اولين ترجيح آهي

ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز سکر ڊويزن پاران سول اسپتال خيرپور جو دورو

ڊاڪٽر سرمد سومرو پاران اسپتال ۾ فراهم ڪيل خدمتن ۽ انتظامن بابت تفصيلي بريفنگ

صفائي ۽ طبي فضلي جي مناسب الڳ ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي: ڊاڪٽر فرخ امتياز پنهور

خيرپور(ڊ ر) ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز سکر ڊويزن ڊاڪٽر فرخ امتياز پنهور، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڊاڪٽر عاشق علي شاهه ۽ ڊويزنل اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نور سان گڏ ڪي ايم سي سول اسپتال خيرپور ميرس جو تفصيلي دورو ڪيو جنهن دوران ايمرجنسي، او پي ڊي بلاڪ آپريشن ٿيٽر، نون ڄاول ٻارن جي انتهائي نگهداشت واري وارڊ، ليبر/ووميين اسپتال، ٻارن جي اسپتال اينٽي ريبيز ريفرل سينٽر ۽ ٻين اهم شعبن ۾ انفيڪشن کان بچاءُ ۽ ڪنٽرول، باهه کان بچاءُ جي انتظامن، برقي حفاظت، بايوميٽرڪ حاضري، نگراني وارن ڪيمرائن ۽ مجموعي طبي سهولتن جو جائزو ورتو ويو. ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر رفيق منگي، ايڊيشنل ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر نجف شاهه، ايڊيشنل ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر مظفر شاهه ۽ فوڪل پرسن انفيڪشن ڪنٽرول ڊاڪٽر سرمد سومرو اسپتال ۾ فراهم ڪيل خدمتن ۽ انتظامن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني جڏهن ته ٻارن جي اسپتال ۾ شعبي اطفال جي سربراهه پروفيسر ڊاڪٽر ڪامران شاهاڻي ٻارن کي فراهم ڪيل طبي سهولتن بابت آگاهي ڏني. ڊائريڪٽر هيلٿ هدايت ڪئي ته سمورن شعبن ۾ انفيڪشن کان بچاءُ ۽ ڪنٽرول جي مقرر ڪيل معيارن تي سختي سان عملدرآمد، ملازمن جي دوران ملازمت عملي تربيت، اينٽي ريبيز ويڪسين ۽ ضروري دوائن جي مسلسل دستيابي، باهه کان بچاءُ جا مؤثر انتظام، صفائي ۽ طبي فضلي جي مناسب الڳ ڪرڻ کي يقيني بڻايو وڃي. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته سمورن شعبن ۾ بايوميٽرڪ حاضري جو نظام ۽ نگراني وارا ڪيمرا فعال رکيا وڃن جڏهن ته سمورين برقي تنصيبات جي برقي فٽنيس يقيني بڻائي، غير محفوظ وائرنگ، خراب بريڪرز ۽ ٻين برقي نقصن کي فوري طور تي دور ڪيو وڃي. اسپتال انتظاميا کي هدايت ڪئي وئي ته نشاندهي ڪيل خامين جي ازالي لاءِ اصلاحي منصوبو تيار ڪري مقرر ڪيل مدي اندر ان تي مڪمل عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي.

بااثر ماڻهن هٿيارن جي زور تي پلاٽ تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي: اعجاز علي سنڌي پٺاڻ

سورو(ن ع) سورو ويجهو يوسي توان جتوئي جي رهواسي استاد اعجاز علي سنڌي پٺاڻ سورو پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته منهنجو توان جتوئي جي اسڪيم ۾ پلاٽ خريد ڪيل آهي جنهن تي بااثر ماڻهن هٿيارن جي زور تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي ۽ اسان کي سنگين نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن هن الزام هڻندي چيو ته منهنجي پلاٽ تي راڻو ڪوسو سڪندر پٽ اسماعيل ڪوسو ڳاڙهو ۽ امين ڪوسو وارن هٿيارن جي زور تي قبضو ڪيو آهي ۽ رات جي وقت هٿيارن سان گهر ٻاهران چڪر هڻندي ڌمڪيون پڻ ڏنيون وڃن ٿيون هن چيو ته مان هڪ استاد پيشي سان تعلق رکندڙ آهيان مون مسڪين سان بااثر ماڻهون ڏاڍ ڏيکاري ظلم ڪري رهيا آهن جيڪا سراسر ناانصافي آهي هن چيو ته مون مذڪورا ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪرايو آهي جن مان هڪ ڄڻو گرفتار آهي باقي آزاد گهمندي ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن ته ڪيس تان هٿ ڪڻ ٻي صورت خراب نتيجو ڀوڳڻو پوندو هن چيو ته گذريل ڇهن سالن کان تڪليفون ڏنيون پيون وڃن ۽ ڊي ايس پي سورو فائزه سوڍر جي حڪم تي جوڊيل انڪوائري ٽيم پڻ جاچ بعد پلاٽ منهنجي حق ۾ ثابت ڪيو آهي پر ان باوجود هو قبضو ڇڏڻ لاءِ تيار ناهن هن وس وارن گهرو وزير ضياءِ الحسن لنجار، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد، ايس ايس پي نوشهروفيروز، ڊي ايس پي سورو ۽ استادن جي تنظيم پ ٽ الف جي اڳواڻن کان مطالبو ڪيو ته مذڪورا معاملي جو نوٽيس وٺي ڪين پلاٽ ڏياري انصاف تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻي صورت ڪنهن به هر نقصان جا ذميوار مذڪورا ماڻهون ۽ انتظاميا هوندي.

سورو اعجاز علي زمين تي قبضي خلاف پريس ڪانفرنس ڪندي

حيدرآباد ۾ ڳوٺ غازي خان ڪاتيار جي رهواسين جو احتجاج

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ٽنڊوآدم ۾ 10ڏينهن اڳ مبينا پوليس مقابلي ۾ زخمي ٿيل پورهيت جي وارثن انصاف لاءِ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ڳوٺ غازي خان ڪاتيار جي رهواسي منير ڪاتيار پنهنجي گهر ڀاتين سان گڏ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هن الزام هڻندي چيو ته سندس پٽ اعجاز ڪاتيار ڪراچي جي شادي هالن ۾ پورهيو ڪندو آهي جيڪو ڏيڍ سال بعد پورهيو ڪري پورهئي جي ڪمائي 3لک رپيا ڪراچي مان ڪٺي پنهنجي ڳوٺ آيو ته رستي ۾ پوليس اهلڪار ساجن ڪاتيار ۽ سندس ڀاءُ اسد ڪاتيار ساجد ڪاتيار ۽ ٻين رستي روڪ ڪندي بدترين تشدد جو نشانو بڻائي 3لک رپيا ۽ هڪ ٽچ موبائل فون ڦر ڪري زخمي ڪري ڇڏيو ۽ هاڻ پوليس کي فون ڪري گهرائي گرفتار ڪرائي ڇڏيو جنهن اعجاز جي ٽنگ ۾ گولي هڻي هاف فرائي ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته پوليس پاران هاف فرائي ڪرڻ بعد زخمي اعجاز کي سول اسپتال حيدرآباد ۾ علاج هيٺ آهي هن چيو ته منهنجو پٽ اعجاز ڪنهن به ڏوهه ۾ ملوث ناهي ڪيس پوليس ناحق ڪوڙي مقابلي ۾ هاف فرائي ڪيو آهي هن ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته ماسري جي شفاف جاچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي ۽ ڦر ڪيل رقم واپس ڪرائي وڃي

حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج جاري

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي واسا ملازمن مطالبن جي مڃتا لاءِ ڪالهه 77 هين ڏينهن حيدرآباد پريس ڪلب سامهون ذاڪر الله ، محمد نديم شاهد خان،جاويد ڀٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي هنن چيو ته حيدرآباد واٽر ۽ سيوريج ڪارپوريشن جا ملازم ۽ رٽائر ملازم مهينن جي پگهار ۽ پينشن کان محروم آهن هنن چيو ته 20 مهينن جون پگهارون ۽ پينشن نه ملڻ سبب ملازم سخت مالي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن

عثمان شاهه هڙي عثمان شاهه هڙي ۾ اي سي ۽ ٽائون چيئرمين دورو ڪري رهيا آهن

عثمان شاهه هڙي ۾ اي سي ۽ ٽائون چيئرمين جو دورو

ڊي سي جي هدايت تي دورو ڪري مقامي ماڻهن سان ملاقات

نئين پل تعمير ڪرائي عوام کي سهولت مهيا ڪئي ويندي: عمير جروار

عثمان شاهه هڙي(عاقلاڻي وڪان) پيارولنڊ ۾ شاگردن ۽ عوام جي سهولت لاءِ شاخ معان پل جي تعمير جلد شروع ٿيندي، اسسٽنٽ ڪمشنر جهندو مري شهزاد عمير جروار ۽ ٽائون ڪميٽي پيارو لنڊ جي چيئرمين حاجي نورمحمد نظاماڻي پاران پيارولنڊ جي عوام توڙي ايندڙ ويندڙ ماڻهن شاگردن کي اچڻ ۽ وڃڻ جي سهولت لاءِ شاخ معان رکيل ڪاٺي بجاءِ ڪراسنگ/پل جي تعميرڪرائڻ جي سلسلي ڪاٺي واري جاءِ جو دورو ڪري مقامي ماڻهن سان ملاقات ڪري ڪين ٻڌايو ته ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار نور مصطفيٰ لغاري جي هدايت تي وزٽ ڪئي ۽ انشاالله جلد عوام جي سهولت لاءِ نئين پل تعمير ڪرائي عوام کي سهولت مهيا ڪئي ويندي

سکر ۾ سعيديو مهربان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ مظاهرو

مهر برادري سان تعلق رکندڙ مردن ۽ عورتن مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي

غيرجانبدار ۽ شفاف جاچ ڪرائي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) هڪ ڏينهن اڳ قتل ٿي ويل ناري سعيديو مهربان جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ باگڙجي ٽائون جي علائقي ڳوٺ گوسترجي واسي مهر برادري سان تعلق رکندڙ مردن ۽ عورتن ٻارن سميت سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي مظاهرين جو مطالبو هو ته هڪ ڏينهن اڳ اڻڌيهي گولي لڳڻ سبب فوت ٿيل 16 ورهين جي ٽينگري مسمات سعديه ڌيءَ قربان مهر جي واقعي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي ان موقعي تي عظمت مهر مسمات ارباب خاتون شيراز مهر فراز مهر ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سندن 16 ورهين جي عزيز سعديه کي نامعلوم هٿيارن ايل گولي لڳي جنهن سبب هوءَ فوت ٿي وئي واقعي بابت لاڳاپيل ٿاڻي تي اطلاع پڻ ڏنو ويو آهي پر سندن چوڻ موجب اڃا تائين پوليس طرفان واقعي جي شفاف جاچ شروع نه ڪئي وئي آهي مظاهرين مطالبو ڪيو ته واقعي جي غيرجانبدار ۽ شفاف جاچ ڪرائي ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ مقتولا جي وارثن کي انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي هنن خبردار ڪيو ته مطالبا پورا نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو مظاهرين اعليٰ اختيارين کان واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن جي گرفتاري ۽ مقتولا جي وارثن کي انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو

سکر باگڙجي جا رهواسي مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪندي

ٽنڊوالهيار جي ڊپٽي ڪمشنر پاران پوليو مهم جو افتتاح

پوليو جي مڪمل خاتمي لاءِ والدين جو تعاون انتهائي ضروري آهي: نور مصطفيٰ لغاري

پوليو مهم ۾ شامل سڀئي ٽيمون مائڪرو پلان تحت پنهنجون سموريون صلاحيتون استعمال ڪن

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري تعلقه اسپتال ۾ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيئاري پوليو مهم جو افتتاح ڪيو جڏهن ته ڊي سي پاران بهترين ڪارڪردگي تي پوليو ٽيم کي مڃتا سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا انهي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري چيو ته پوليو هڪ خطرناڪ بيماري آهي جنهن جي مڪمل خاتمي لاءِ والدين جو تعاون انتهائي ضروري آهي هن والدين کي اپيل ڪئي ته هو پنجن سالن کان گهٽ عمر وارن پنهنجن ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا لازمي پيارين ۽ پوليو ٽيمن سان مڪمل سهڪار ڪن جيئن ايندڙ نسل کي معذوري کان بچائي سگهجي. هن صحت کاتي جي عملدارن کي هدايتون ڏنيون ته پوليو مهم بابت سمورا انتظام مڪمل ڪيا وڃن ۽ پوليو مهم ۾ شامل سڀئي ٽيمون مائڪرو پلان تحت پنهنجون سموريون صلاحيتون استعمال ڪندي مهم کي سئو سيڪڙو ڪامياب بڻائين. چيو ته پوليو هڪ موذي بيماري آهي ۽ ان کان بچاءُ اسان سڀني جو قومي فرض آهي هن وڌيڪ چيو ته راڻا پير جو ميلو به لڳي رهيو آهي جنهن ۾ پڻ پوليو جون ٽيمون ڪم ڪنديون ۽ ٻيري ٻيري کان ايندڙ ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيئاريا ويندا جيئن ڪو به ٻار رهجي نه وڃي ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ چيو ته پوليو جي خاتمي لاءِ عوام ۾ شعور اجاگر ڪرڻ اسان سڀني جي قومي ذميواري آهي. ضلعي انتظاميا، صحت کاتو ۽ لاڳاپيل ادارا گڏجي پوليو مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪري رهيا آهن ته جيئن مستقبل جي معصوم ٻارن کي هن موذي مرض کان محفوظ بڻائي سگهجي بعد ۾ ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊوالهيار نور مصطفيٰ لغاري جي اڳواڻي ۾ قومي پوليو مهم جي سلسلي ۾ پراڻي سول اسپتال کان حيدرآباد، ميرپورخاص روڊ تائين آگاهي واڪ پڻ ڪئي وئي ان موقعي تي ضلعي صحت آفيسر ڊاڪٽر نجم ڪوش پوليو مهم جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر ارشد ميرجت ۽ صحت کاتي جا ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا

ٽنڊوالهيار ڊي سي نور مصطفيٰ لغاري ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيئاري پوليو مهم جو افتتاح ڪندي ٻئي طرف ريلي ڪڍي پئي وڃي

مقصودو رند ويجهو سورهيه بادشاهه پبلڪ اسڪول ۾ تقريب

خادم حسين ڏاهري ۽ ٻين پاڪستان جي تاريخ تي پنهنجا خيال پيش ڪيا

شاگردن ۽ شاگردياڻين تقريرون ۽ ٽيبلوز پيش ڪيا ۽ راندين جا مقابلا پڻ ڪرايا ويا

مقصودو رند(ن ع) مقصودو رند ويجهو ڳوٺ محمد هاشم ڏاهري جي سورهيه بادشاهه پبلڪ اسڪول ۾ پاڪستان جي آزادي جي ڏهاڙي ۽ ٻارهين ربيع الاول جي حوالي سان شاندار رنگارنگي پروگرام منعقد ڪيو ويو پروگرام ۾ اسڪول جي استادن اسڪول اونر خادم حسين ڏاهري، عبيد ڪاشف علي چن شفيع محمد ڏاهري، جهانزيب انڙ واحد انڙ اياز انڙ اياز ڏاهري، ياسين ڏاهري، باسط سنجراڻي شاهد چن امام بخش خاصخيلي پاڪستان جي تاريخ تي پنهنجا خيال پيش ڪيا ان موقعي تي شاگردن ۽ شاگردياڻين تقريرون ۽ ٽيبلوز پيش ڪيا ۽ راندين جا مقابلا پڻ ڪرايا ويا

ميرپور ساڪرو پرسان واريا ۽ ڏاوڙيا برادرين جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

پاڻي جي معاملي تان جهيڙو ٿي پيو، پنج عورتن سميت 23 ڄڻا سخت زخمي

زخمين مان 7 ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري ڪراچي ريفر ڪيو ويو

ميرپور ساڪرو(ن ع) ميرپور ساڪرو پرسان واريا ۽ ڏاوڙيا برادرين جي ٻن ڌرين وچ ۾ پاڻي جي معاملي تان جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران ڪهاڙين ۽ لٺين جي وار سبب پنج عورتن سميت 23 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا زخمين کي فوري طور شيخ زيد ميڊيڪل سينٽر ميرپور ساڪرو آندو ويو زخمين مان 7 ڄڻن جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري ڪراچي ريفر ڪيو ويو زخمين ۾ قادر بخش واريو پرويز واريو دلدار واريو شڪور واريو ملوڪ واريو گلزار واريو عبدالرزاق واريو چنان واريو آسما واريو بيگم واريو گلباڻو واريو ماروي واريو ايوب ڏاوڙيو غلام نبي ڏاوڙيو غلام حيدر ڏاوڙيو رمضان ڏاوڙيو الله بچايو گلشير ڏاوڙيو ممتاز علي ڏاوڙيو عزيز احمد، نظير احمد ۽ محمد عمر ڏاوڙيو شامل آهن.

خيرپور: بنيادي صحت مرڪز منگهنواري ۾ ممتا ڊيسڪ جو افتتاح

ضلعي خيرپورميرس ۾ پروگرام جي بهتر عملدرآمد ۽ توسيع لاءِ پنهنجي مڪمل سهڪار جي خاطري

ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز سکر ممتا پروگرام جي آسان شفاف ۽ سازگار طريقيڪار کي بيحد ساراهيو

خيرپور(ڊ ر) سنڌ حڪومت جي ممتا پروگرام تحت بنيادي صحت مرڪز منگهنواري ۾ ممتا ڊيسڪ جو باقاعده افتتاح ٿيو ماءُ ۽ ٻار جي صحت کي بهتر بڻائڻ ۽ بنيادي صحت جي سهولتن تائين پهچ يقيني بڻائڻ لاءِ خيرپورميرس ۾ هڪ اهم اڳڀرائي ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز سکر ڊاڪٽر فرخ امتياز پنهور پاران بنيادي صحت مرڪز منگهنواري ۾ ممتا ڊيسڪ جو رسمي افتتاح ڪيو ويو ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز سکر صحت مرڪز ۾ موجود ممتا پروگرام جي مستحق عورتن سان سڌي ريت ڳالهه ٻولهه ڪئي جنهن عورتن ڪيس پروگرام تحت ملندڙ مالي سهائتا صحت جي سهولتن بابت پنهنجا مثبت تاثرات ڏنا سنڌ حڪومت جي ممتا پروگرام جي ضلعي ڪوآرڊينيٽر زاهد حسين ڍڪوٺ پاران معزز مهمانن کي پروگرام جي رجسٽريشن، طبي چڪاس ۽ ضلعي سطح تي هلندڙ سموري ڪاروبار بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز سکر ممتا پروگرام جي آسان شفاف ۽ سازگار طريقيڪار کي بيحد ساراهيو ۽ مستحقين لاءِ ضلعي خيرپورميرس ۾ پروگرام جي بهتر عملدرآمد ۽ توسيع لاءِ پنهنجي مڪمل سهڪار جي خاطري ڪرائي تقريب جي آخر ۾ تمام معزز مهمانن کي اجرڪ جا تحفا ۽ سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي جون يادگار سوکڙيون پڻ پيش ڪيون ويون تقريب ۾ اڳوڻي سيڪريٽري ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سهاڳ، سراج الدين چنه ريجنل ڊائريڪٽر پي پي ايڇ آءِ سکر، مير سجاد حسين ٽالپر چيئرمين يوسي منگهنواري، اظهر حسين ابڙو يوسي چيئرمين ڪولاب جيٽل، ڊاڪٽر منظور ڪلهوڙو چيئرمين يوسي صدر جي پليون ڊاڪٽر طارق سومرو ايڊمنسٽريٽر خيرپور ميڊيڪل ڪاليج ۽ ارجيل رحمان ميمڻ ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايڇ آءِ سميت اسپتال جي عملي سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي پي پي ايڇ آءِ جي نمائندن ۽ علائقي جي معززين شرڪت ڪئي.

خيرپور پوليس جي ڪارروائي، منشيات فروش گرفتار

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پوليس جي ڪارروائي، منشيات سيلاءِ ڪندڙ جوابدار گرفتار پنگ هٽ تفصيل موجب خيرپور پوليس جي بهترين ڪارروائي ڪري منشيات سيلاءِ ڪندڙ جوابدار فراز علي ملاح کي گرفتار ڪري ورتو آهي سندس قبضي مان وڏي مقدار ۾ پنگ هٽ ڪئي وئي پوليس موجب، ايس ايڇ او ٿاڻو اڳڙا گشت دوران منگلا پل وٽ ڪارروائي ڪندي منشيات سيلاءِ ڪندڙ جوابدار فراز علي ملاح کي گرفتار ڪيو ويو گرفتار جوابدار جي قبضي مان 10 ڪلوگرام پنگ هٽ ڪري سندس خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ڪامياب ڪارروائي تي ايس ايس پي خيرپور ڪيپٽن (ر) امير سعود مگسي پاران پوليس پارٽي کي شاباشي ڏني وئي ۽ بهترين ڪارڪردگي تي سندن حوصلا افزائي ڪئي وئي

مٽياري ۾ ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ حيدرآباد سيد سجاد حيدر شاهه جي کليل ڪچهري

شهرين پنشن، جي پي فنڊ، سرڪاري ملازمن جي مسئلن ۽ ٻين سرڪاري معاملن بابت پنهنجون شڪايتون پيش ڪيون

کليل ڪچهريءَ جو بنيادي مقصد شهرين جا مسئلا انهن جي پنهنجي علائقن ۾ ٻڌڻ ۽ انهن جي فوري حل لاءِ اڳڀرا قدم کڻڻ آهي: سجاد حيدر شاهه

عوام کي پنهنجين شڪايتن جي ازالي لاءِ ڊگهو سفر نه ڪرڻو پوي، ان مقصد تحت محتسب اعليٰ جو ادارو ضلعي سطح تي کليل ڪچهريون منعقد ڪري رهيو آهي

مٽياري (ڊ ر) ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ حيدرآباد سيد سجاد حيدر شاهه جي کليل ڪچهري، شهرين جون شڪايتون ٻڌيون ويون ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ حيدرآباد سيد سجاد حيدر شاهه ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس مٽياري ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪئي، جنهن ۾ ضلعي جي مختلف علائقن مان آيل شهرين پنشن، جي پي فنڊ، سرڪاري ملازمن جي مسئلن ۽ ٻين سرڪاري معاملن بابت پنهنجون شڪايتون پيش ڪيون. شهرين پنهنجن مسئلن بابت تفصيلي طور آگاهه ڪندي لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن کان فوري ڪارروائي ۽ مسئلن جي حل جي درخواست ڪئي. کليل ڪچهري کي خطاب ڪندي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب اعليٰ سيد سجاد حيدر شاهه چيو ته محتسب اعليٰ جي کليل ڪچهريءَ جو بنيادي مقصد شهرين جا مسئلا انهن جي پنهنجي علائقن ۾ ٻڌڻ ۽ انهن جي فوري حل لاءِ اڳڀرا قدم کڻڻ آهي. هن چيو ته عوام کي پنهنجين شڪايتن جي ازالي لاءِ ڊگهو سفر نه ڪرڻو پوي، ان مقصد تحت محتسب اعليٰ جو ادارو ضلعي سطح تي کليل ڪچهريون منعقد ڪري رهيو آهي، ته جيئن شهرين کي بروقت، آسان ۽ اثرائتي انصاف جي فراهمي يقيني بڻائي سگهجي. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته جيڪي شڪايتون موقعي تي حل ٿي سگهن ٿيون انهن تي فوري ڪارروائي ڪئي وڃي، جڏهن ته ٻين معاملن جي مڪمل جاچ ڪري مقرر وقت اندر رپورٽ پيش ڪئي وڃي. هن واضح ڪيو ته شهرين جي جائز شڪايتن کي نظرانداز نه ڪيو ويندو ۽ غفلت يا ڪوتاهي ڪندڙ آفيسرن خلاف ضابطن ۽ قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي. سيد سجاد حيدر شاهه وڌيڪ ٻڌايو ته گذريل کليل ڪچهري دوران شهرين پاران پيش ڪيل گهڻيون شڪايتون حل ٿي چڪيون آهن. جڏهن ته باقي ٻن معاملن جي حل لاءِ پڻ ضروري قدم جاري آهن ۽ انهن کي جلد حل ڪيو ويندو. هن چيو ته محتسب اعليٰ جو ادارو عوامي شڪايتن جي ازالي، شفافيت جي فروغ ۽ سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي ۾ بهتري لاءِ پنهنجو اثرائتو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. کليل ڪچهري دوران ڪيترن ئي شهرين پنهنجا مسئلا پيش ڪيا، جن مان ڪجهه شڪايتن تي موقعي تي ئي ڪارروائي ڪئي وئي، جڏهن ته ٻين شڪايتن جي جلد از جلد ازالي لاءِ لاڳاپيل آفيسرن کي هدايتون جاري ڪيون ويون. شهرين سندن مسئلا ٻڌڻ ۽ لاڳاپيل آفيسرن کي جاري ڪيل هدايتن تي اطمينان جو اظهار ڪندي اميد ظاهر ڪئي ته سندن شڪايتون مقرر وقت اندر حل ڪيون وينديون. شهرين مستقبل ۾ پڻ اهڙين کليل ڪچهرين جي باقاعده انعقاد کي ساراهيو.

النور بورڊ فيڪٽري شاهپور جهانيان اڻڄاتل مدي تائين بند، سوين ملازم فارغ ٿي ويا

انتظاميه ۽ محنت ڪش يونين جي اختلافن سبب النور بورڊ فيڪٽري شاهپور جهانيان اڻڄاتل مدي تائين بند ٿي وئي

محنت ڪش يونين جي غير قانوني قدمن سبب فيڪٽري جا پلانٽ زبردستي بند ڪرايا ويا آهن: فيڪٽري انتظاميه

غير قانوني قدمن جي ڪري فيڪٽري کي ڪروڙين رپين جو نقصان ٿي رهيو آهي ۽ سوين مزدورن جي روزگار کي نقصان پهتو آهي

مورو (ن ع) ايشيا جي نمبر ون النور بورڊ فيڪٽري شاهپور جهانيان انتظاميه ۽ محنت ڪش يونين جي اختلافن سبب اڻڄاتل مدي تائين بند ٿي وئي سوين ملازم فارغ ٿي ويا. انتظاميه پاران فيڪٽري کي تحفظ ڏيڻ جو مطالبو النور بورڊ فيڪٽري انتظاميه صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته محنت ڪش يونين جي غير قانوني قدمن سبب فيڪٽري جا پلانٽ زبردستي بند ڪرايا ويا آهن آفيسرن کي هراسان ڪري موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن. محنت ڪش يونين جي غلط غير قانوني قدمن جي ڪري فيڪٽري کي ڪروڙين رپين جو نقصان ٿي رهيو آهي ۽ سوين مزدورن جي روزگار کي نقصان پهتو آهي فيڪٽري انتظاميه وڌيڪ چيو ته محنت ڪش يونين فيڪٽري کي زبردستي بند ڪرائي پاڻ کي يونين تسليم ڪرائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرائي رهي آهي هنن اعليٰ اختيارين کان فيڪٽري کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

لياقت ميموريل لائبريري ڪراچيءَ ۾ تقريب

ٻوليءَ جي سکيا ثقافت جي واڌاري جو اهم ذريعو هوندي آهي: مقررين

سموريون ٻوليون دلين کي ڳنڍين ٿيون، سنڌي ٻولي به پنهنجي نون سکڻن کي محبتون اچي ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٻوليءَ جي سکيا ثقافت جي واڌاري جو اهم ذريعو هوندي آهي صديون پراڻي سنڌو ماٿري تهذيب جي وڏ ۾ وڏ پهلوئن سان آشنائي سنڌي ٻوليءَ رستي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي دنيا جون سموريون ٻوليون دلين کي ڳنڍين ٿيون سنڌي ٻولي به پنهنجي نون سکڻن کي محبتون اچي ٿي ۽ ڪين پنهنجي ثقافت جي ريجهو ڪري ٿي انهن خيالن جو اظهار ثقافت کاتي جي سنڌ حڪومت جي ڊائريڪٽر جنرل پبلڪ لائبريرين هدايت الله راڄپر سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري پاران لياقت ميموريل لائبريري ڪراچيءَ ۾ هلندڙ سنڌي ٻولي سکيا ڪورس جي ڇهين بئچ جي سکڻهارن سان مخاطب ٿيندي لائبريريءَ جي آڪاش انصاري هال ۾ ڪيو هن لائبريريءَ جي احاطي ۾ سکيا لاءِ روزانو ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ لاءِ ايندڙ سکڻهارن کي ڀليڪار ڪيو ۽ ٻڌايو ته هن ئي لائبريريءَ ۾ امريڪي قونصل خاني پاران "لنڪنس ڪارنر" به قائم ڪيو ويو آهي جتي پڻ مختلف قسم جا سيمينار، تربيتي ڪورس ۽ ورڪشاپس ٿيندا رهن ٿا جڏهن ته ترڪيه سرڪار جي سهڪار سان به اسان تازو هتي "ترڪش سينٽر" قائم ڪيو آهي، جنهن ۾ جلد ترڪي ٻوليءَ جي سکيا جو ڪورس شروع ڪيو ويندو جيڪو پڻ مفت هوندو ثقافت کاتي سنڌ پاران سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ 50 کان مٿي لائبريريون علم جي خزانن سان ڀريون پيون آهن جتي روزانو هزارين جي تعداد ۾ نوجوان توڙي هر عمر جا فرد پنهنجي علم جي اڃ اُجهائڻ اچن ٿا جن ۾ سڀني کان وڌيڪ حاضري سر شاهنواز ڀٽو ميموريل لائبريري لاڙڪاڻي ۽ شمس العلماء داؤدپوٽا لائبريري حيدرآباد ۾ رهي ٿي جتي صبح جو اندر داخل ٿيڻ لاءِ شاگردن جون روز ڊگهيون قطارون لڳل ٿيون وڏن شهرن ۾ اسانجي ڪتب خانن جو وقت صبح 9:00 لڳي کان رات 9:00 لڳي تائين آهي، جڏهن ته ننڍن شهرن ۾ شام 5:00 لڳي تائين آهي اوهان روز ٻولي سکڻ لاءِ ڪراچيءَ جي مختلف علائقن مان ڪهي اچو ٿا ته اوهان به لياقت لائبريريءَ مان فائدو حاصل ڪري سگهو ٿا، جتي 2 لکن کان مٿي ڪتابن جو خزانو موجود آهي، جن مان ڪيترائي ڪتاب ناياب آهن ان موقعي تي هن ٻولي ڪورس جي ڪورس انچارج ناميارا براڊڪاسٽر ۽ ڪمپيئر ياسر قاضيءَ چيو ته اهو ثقافت کاتي سنڌ جي صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه جي ڪوشش جو ثمر آهي جو ثقافت کاتي هيٺ ڪم ڪندڙ سمورا ادارا ۽ پروجيڪٽ معياري ڪم ڪري رهيا آهن ۽ انهن جو معيار ڏينهن به ڏينهن وڌي رهيو آهي جنهن هال ۾ اوهان اڄ ٻوليءَ جي تربيت حاصل ڪري رهيا آهيو اهو ڪجهه مهينا اڳ تائين هڪ اسٽور روم جي صورت ۾ هو عمارت جي هڪ نظر انداز ٿيل ڪنڊ هئي پر سيد ذوالفقار علي شاهه جي رهنمائيءَ ۽ هدايت الله راڄپر جي هدايتن تي هن هال کي هڪ بهترين سيمينار هال جي صورت ڏني وئي جتي نه رڳو معياري پروگرام ٿيندا رهن ٿا بلڪ اوهان اڄ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا به حاصل ڪري رهيا آهيو

ڪراچي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ڪورس سکڻن کي هدايت الله راڄپر ۽ ياسر قاضي خطاب ڪندي

ٽنڊوڄام ۾ وائيٽل آرگنائيزيشن پاڪستان ٽرسٽ طرفان آگاهي سيشن

بوائز پرائمري اسڪول حاجي محمد اسماعيل لاڪو ۾ ٻارن کي حفاظتي ٽڪن بابت آگاهي

والدين پنهنجي ٻارن کي مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ حفاظتي ٽڪا لازمي لڳرائن: محمد عمر

ٽنڊوڄام (ت ر) وائيٽل آرگنائيزيشن پاڪستان ٽرسٽ طرفان گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول حاجي محمد اسماعيل لاڪو ۾ ٻارن جي حفاظتي ٽڪن بابت آگاهي سيشن منعقد ڪيو ويو ان موقعي تي سوشل موبلائزر محمد عمر جميل ميمڻ ۽ سجاد چانڊيو چيو ته والدين پنهنجي ٻارن کي مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ حفاظتي ٽڪا لازمي لڳرائن ۽ ويڪسين جو ڪورس وقت سر مڪمل ڪرائن هنن چيو ته ٻارن جي ويڪسينيشن بابت والدين ۽ استادن کي آگاهي ڏيڻ لاءِ يو سي حاجي سارڻ خان ڪوياڻڪ جي مختلف اسڪولن ۾ سيشن منعقد ڪيا پيا وڃن سيشن ۾ هيڊ ماسٽر محمد اختر آرائين ۽ استاد جان محمد لاڪو امجد علي ٿهيم، جاذب حسين ۽ نظير اوڏ پڻ موجود هئا

خيرپور جي اسسٽنٽ ڪمشنر پاران ليڊي ولنگڊن اسپتال خيرپور جو دورو

اسپتال جي مختلف شعبن، وارڊن ۽ طبي سهولتن جو تفصيلي معائنو ڪيو

بي ضابطگين، ناقص صفائي ۽ ڊاڪٽرن جي غيرحاضري تي سخت ڪاوڙ جو اظهار

خيرپور(ڊ ر) خيرپور جي اسسٽنٽ ڪمشنر عماد سولنگي ليڊي ولنگڊن اسپتال خيرپور جو اوچتو دورو ڪري اسپتال جي مختلف شعبن، وارڊن ۽ طبي سهولتن جو تفصيلي معائنو ڪيو دوري دوران اسپتال جي انتظامي ۽ طبي معاملن ۾ بي ضابطگين، ناقص صفائي ۽ ڊاڪٽرن جي غيرحاضري تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ذميوارن کان وضاحت طلب ڪرڻ ۽ ضابطي موجب ڪارروائي لاءِ اعليٰ اختيارين ڏانهن رپورٽ موڪلڻ جي هدايت ڪئي.اوچتي دوري دوران آر ايم او جو آفيس بند ۽ آر ايم او کي اسپتال مان غيرحاضر ڏسي اسسٽنٽ ڪمشنر سخت ناراضگي جو اظهار ڪيو ۽ اسپتال انتظاميا کان صورتحال بابت وضاحت طلب ڪئي جڏهن ته ٻارن جي وارڊ جي معائني دوران صورتحال وڌيڪ ڳڻتي جوڳي سامهون آئي، جتي 12 کان وڌيڪ سخت بيمار ٻار علاج هيٺ هئا، پر سندن علاج ۽ طبي نگراني لاءِ ماهر ٻارن جو ڊاڪٽر موجود نه هو اسسٽنٽ ڪمشنر چيو ته سنگين بيمارين ۾ مبتلا ٻارن کي ماهر ڊاڪٽر جي طبي نگراني کان محروم رکڻ ڪنهن به صورت ۾ قابل قبول ناهي اسسٽنٽ ڪمشنر عماد سولنگي واضح ڪيو ته سرڪاري اسپتال ۾ مريضن کي بي يار و مددگار ڇڏڻ ڊاڪٽرن جو ڊيوٽي تان غيرحاضر رهڻ ۽ صفائي ۾ غفلت ڪنهن به صورت برداشت نه ڪئي ويندي خاص طور تي ٻارن جي وارڊ ۾ ماهر ڊاڪٽر جي غيرموجودگي انتهائي سنجيده معاملو آهي جنهن تي ذميوارن کان جواب طلب ڪيو ويندو اسسٽنٽ ڪمشنر وڌيڪ چيو ته ڊيوٽي تان غيرحاضر رهندڙ ڊاڪٽرن ۽ لاڳاپيل عملي بابت مڪمل رپورٽ تيار ڪري ضابطي موجب ڪارروائي لاءِ اعليٰ اختيارين ڏانهن موڪلي ويندي اسسٽنٽ ڪمشنر عماد سولنگي هدايت ڪئي ته اسپتال جي انتظامن ۾ فوري بهتري آڻڻ سان گڏ ڊاڪٽرن ۽ عملي جي حاضري، صفائي، طبي سهولتن، وارڊن جي سنڀال ۽ انفيڪشن ڪنٽرول جي انتظامن جي باقاعده نگراني ڪئي وڃي

غريب آباد سکر جي ڪاروباري برادري لاءِ هڪ خاص عملي تربيتي پروگرام

هنگامي حالتن ۾ بروقت، محفوظ ۽ اثرائتي جواب جي طريقن بابت آگاهي ڏني وئي

تربيتي پروگرام جو مقصد ڪاروباري برادري ۾ حفاظتي آگاهي اجاگر ڪرڻ آهي: اڳواڻ

سکر(بيورو رپورٽ) ڊائريڪٽر سول ڊفينس سنڌ رياض حسين لغاري ۽ ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪنٽرولر سول ڊفينس سکر نادر شهزاد خان جي محفوظ سکر جي عزم تحت، سول ڊفينس وارڊن سروس سکر پاران غريب آباد سکر جي ڪاروباري برادري لاءِ هڪ خاص عملي تربيتي پروگرام منعقد ڪيو ويو ته جيئن هنگامي حالتن کي مؤثر طريقي سان منهن ڏئي سگهجي ڊپٽي چيف وارڊن سول ڊفينس سکر ڊاڪٽر سعيد اعوان ڪاروباري برادري کي هنگامي حالتن ۾ بروقت، محفوظ ۽ اثرائتي جواب جي طريقن بابت آگاهي ڏني ان موقعي تي باهه جي صورت ۾ ابتدائي حفاظتي قدمن باهه کان بچاءَ وسائڻ وارن اوزارن فائير ايڪسٽنگيوشر جي صحيح استعمال تي عملي تربيت ڏني وئي تربيتي پروگرام جو مقصد ڪاروباري برادري ۾ حفاظتي آگاهي، عملي صلاحيتن ۽ ذميواري جي احساس کي فروغ ڏيڻ هو ته جيئن ڪنهن به هنگامي صورتحال ۾ ڪاروباري نه رڳو پاڻ کي ۽ پنهنجي ڪاروبار کي بچائي سگهن بلڪ ضرورت پوڻ تي ٻين جي اثرائتي مدد پڻ ڪري سگهن ۽ محفوظ سکر قائم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن ان موقعي تي شاپ ڪيپرز ايسوسيئيشن غريب آباد جي سابق صدر عبدالرشيد قريشي، حاجي محمد رياض ڪوڪي سول ڊفينس سکر پوسٽ وارڊن محمود احمد، پي آر او شهاب حسين آفيسر انچارج محمد يوسف، فياض احمد ۽ علي رضا قريشي سميت ڪاروباري برادري موجود هئي پروگرام جي آخر ۾، باهه وسائڻ وارن اوزارن فائير ايڪسٽنگيوشر جي استعمال جو عملي مظاهرو پڻ ڪيو ويو جنهن ۾ واپارين کي باهه جي شروعاتي صورتحال ۾ باهه وسائڻ وارن اوزارن کي محفوظ ۽ اثرائتي طريقي سان استعمال ڪرڻ جو عملي طريقو ٻڌايو ويو سول ڊفينس وارڊن سروس سکر پنهنجي عزم جو اظهار ڪيو ته مختلف تجارتي مرڪزن ۽ ادارن کي هنگامي حالتن سان منهن ڏيڻ ۽ باهه جي حفاظت بابت آگاهي ۽ عملي تربيت جاري رکي ويندي

سڪرنڊ جي ليڊي ڪانسٽيبل فرزانا عباسي پاران مٿس لڳايل الزامن جي سخت ترديد

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ جي ليڊي ڪانسٽيبل فرزانا عباسي سڪرنڊ پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سندس معان منظور مهڙ پاران مٿس لڳايل الزامن جي سخت ترديد ڪندي چيو آهي ته منظور پاران لڳايل الزام ته فرزانا عباسي جا گهر جا مرد ڇتين تي چڙهن ٿا جنهن سان بي پردگي ٿئي ٿي جيڪو سراسر الزام آهي جنهن جو ڪابه حقيقت ناهي اسان شريف خاندان سان تعلق رکون ٿا پاڻ به عزتدار آهيون ۽ ٻئي جي عزت به ڪرڻ ڄاڻون ٿا ان ڪري مٿس لڳايل سمورا الزام بي بنياد آهن هن وڌيڪ چيو ته حقيقت هيءَ آهي ته مون گهر اندر الم پاڪ لڳايو آهي جنهن تي منظور مهڙ کي اعتراض آهي توڙي جو اسان جي گهر جون ڀتيون گڏ آهن پر مون پنهنجي گهر ۾ الم لڳايو آهي اسان کي امام عالي مقام سيدنا حسين عليه السلام سان عقيدت آهي جنهن جي ڪري الم پاڪ لڳايو آهي جنهن تي منظور مهڙ کي اعتراض نه هئڻ گهرجي فرزانا عباسي وڌيڪ چيو ته حاجي علي نواز چانڊيو وٽ ڇاڪانل فيصلو رکرايو هو جنهن ۾ آئون وئي هيس پر منظور مهڙ واري ڌر نه آئي ان ڪري اسين هينئر به فيصلي لاءِ تيار آهيون

فريدآباد ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ گل محمد جتوئي ۾ معمولي ڳالهه تان جهيڙو

ميهڙ (ن ع) ميهڙ لڳ فريدآباد ٿاڻي جي حد ۾ ڳوٺ گل محمد جتوئي ۾ معمولي ڳالهه تان منهن ماري جتوئي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙي جي صورت اختيار ڪري وئي، جنهن دوران لٺين ۽ ڏنڊن جو آزادانه استعمال ڪيو ويو جهيڙي ۾ حاجي وزير جتوئي ۽ احمد خان جتوئي سخت زخمي ٿي پيا، جن کي وارثن فريدآباد ٿاڻي تي وٺي وڃي واقعي بابت اين سي داخل ڪرائي. ذريعن موجب جهيڙي دوران ٻنهي ڌرين وچ ۾ سخت لفظي تڪرار بعد هڪ ٻئي تي لٺين ۽ ڏنڊن سان حملو ڪيو ويو جنهن جي نتيجي ۾ ٻن ڄڻن کي مٿي ۽ جسم جي مختلف حصن تي ڌڪ لڳا ۽ هو سخت زخمي ٿي پيا. زخمين موجب فريدآباد ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائڻ ۽ پوليس کان ميڊيڪل ليٽر حاصل ڪرڻ بعد ڪين علاج لاءِ تعلقي اسپتال گمس ميهڙ منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمين کي طبي امداد فراهم ڪئي وئي. زخمي احمد خان جتوئي صحافين سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته ڏاتل جتوئي ۽ ٻين جوابدارن مبينا طور هٿيارن ۽ لٺين سان حملو ڪري گهر ۾ داخل ٿي ڪيس سندس ساٿي کي تشدد جو نشانو بڻايو جنهن سبب هو زخمي ٿيا. ٻئي طرف واقعي بابت فريدآباد ٿاڻي تي 4 ڄڻن خلاف اين سي داخل ڪئي وئي آهي پوليس واقعي بابت وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. جڏهن ته زخمين ۽ سندن وارثن ايس ايس پي دادو کان واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ۽ ڪين انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

ناري فائونڊيشن سکر معذوري بابت جامع ڪم تحت ضلعي سکر ۾ PWDs جو فيز- ابيس لائين سروي مڪمل

سکر(بيورو رپورٽ) نيشنل ايڊووڪيسي فار رائيٽس آف انوسنٽ (ناري) فائونڊيشن سکر ۽ سنڌ جي ٻين پٺتي پيل علائقن ۾ معذور ماڻهن (PWDs)جي حقن، وقار، سماجي شموليت ۽ معاشي خودمختياري جي واڌاري لاءِ پنهنجي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي ناري فائونڊيشن سکر معذوري بابت جامع ڪم تحت ضلعي سکر ۾ PWDs جو فيز- ابيس لائين سروي مڪمل ڪيو جنهن دوران 200 معذور ماڻهن جي سڃاڻپ ۽ معلومات گڏ ڪئي وئي سروي ۾ معذوري سرٽيفڪيٽ، اسپيشل CNIC، جامع تعليم روزگار فني تربيت، صحت، بحالي، رسائي لائق سهولتن معاون اوزارن ۽ سرڪاري خدمتن ۽ حقن بابت آگاهي سان لاڳاپيل اهم مسئلن جي نشاندهي ڪئي وئي سروي جي نتيجن موجب معذور ماڻهن کي سماجي، معاشي ۽ ادارتي رڪاوٽن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو جن ۾ روزگار ۽ روزيءَ جا محدود موقعا، غير رسائي لائق بنيادي ڍانچو آمدورفت جون مشڪلاتون، بحاليءَ جون محدود سهولتون ۽ سرڪاري خدمتن ۽ حقن بابت گهٽ آگاهي شامل آهن.ناري فائونڊيشن جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر انور مهر چيو ته بيس لائين سروي جا نتيجا معذور ماڻهن لاءِ فني تربيت، بحالي، روزگار جا موقعا، ريفرل سروسز ۽ بنيادي سهولتن تائين رسائي کي بهتر بڻائڻ لاءِ اهم بنياد فراهم ڪن ٿا.ناري فائونڊيشن جي چيئرپرسن افشان اصغر چيو ته معذور ماڻهن لاءِ حقن تي ٻڌل ۽ جامع حڪمت عملي ضروري آهي جيئن ڪين عزت، برابريءَ جا موقعا ۽ معاشري ۾ بامعني شموليت حاصل ٿي سگهي. خاص طور تي عورتن ۽ ٻارن کي ناري فائونڊيشن حڪومت، سول سوسائٽي برادرين ۽ ترقياتي ادارن وچ ۾ مضبوط سهڪار تي زور ڏنو آهي ته جيئن سکر ۽ سنڌ جي ٻين پٺتي پيل علائقن ۾ معذور ماڻهن لاءِ رسائي لائق، جامع ۽ پائيدار موقعا پيدا ڪري سگهجن

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پابلو پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

ڇنڇر 19 سيپٽمبر 2026ع

سادگيءَ جي مهم، خرچن ۾ ڪٽوتي ۽ عوام لاءِ نئون امتحان

ملڪ جي معيشت جڏهن اڳ ئي مهانگائي، توانائيءَ جي وڌندڙ قيمتن ۽ محدود وسيلن جي دٻاءُ هيٺ هجي، تڏهن حڪومت طرفان سرڪاري خرچن ۾ گهٽتائي ۽ وسيلن جي بچت لاءِ قدم کڻڻ جي ضرورت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. وزيراعظم محمد شهباز شريف وچ اوڀر ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ سبب عالمي منڊيءَ ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ جي پسمنظر ۾ ملڪ ۾ ٽن مهينن لاءِ سادگي ۽ ڪفايت شعاري مهم جي منظوري ڏني آهي. ان سلسلي ۾ سرڪاري بارڻ جي استعمال ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي، غير ملڪي دورن ۽ نيون سرڪاري گاڏيون خريد ڪرڻ تي پابندي سميت مختلف قدم کنيا ويا آهن. وفاقي حڪومت طرفان جاري ڪيل فيصلن ۾ دڪان، مارڪيٽون، شاپنگ مالز ۽ بازارن کي رات 9 وڳي تائين، تقريب کي رات 10 وڳي تائين جڏهن ته هوٽلن، ريسٽورنٽس ۽ ڪيفيز کي رات 11 وڳي تائين بند ڪرڻ جو فيصلو به شامل آهي. ساڳئي وقت فارميسين، ليبارٽرين، ڪلينڪن، اسپتالن، تندورن، پيٽرول پمپن، ورزشي مرڪزن، اطلاعاتي ٽيڪنالاجي سان لاڳاپيل ادارن ۽ رابطي جي مرڪزن کي انهن پابندين کان ڇوٽ ڏني وئي آهي. شادين جي تقريبن ۾ هڪ ئي کاڌي جي روايت لاڳو ڪرڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو آهي. بنيادي سوال اهو آهي ته ڇا اهڙين پابندين سان واقعي ملڪ جي معيشت تي گهربل اثر پوندو يا وري ان جو بار به ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ عام ماڻهوءَ کي برداشت ڪرڻو پوندو؟ حڪومت جو موقف پنهنجي جاءِ تي آهي ته عالمي تيل جي قيمتن ۾ واڌ ۽ ملڪ اندر توانائيءَ جي خرچن کي نظر ۾ رکندي بارڻ ۽ بجليءَ جي استعمال ۾ گهٽتائي آڻڻ ضروري آهي. پر ڪفايت شعاريءَ جو اصل امتحان اتي شروع ٿئي ٿو جتي حڪومتي ادارا ۽ بااثر طبقا پنهنجي خرچن ۾ عملي گهٽتائي آڻين. سرڪاري بارڻ ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي ۽ نيون گاڏيون خريد نه ڪرڻ جهڙا قدم تڏهن ئي اثرائتا ثابت ٿيندا، جڏهن انهن تي بنا ڪنهن فرق جي عمل ڪرايو ويندو. عوام ڪيترن ئي سالن کان اهو سوال ڪندو رهيو آهي ته سرڪاري وسيلن جو استعمال ڪيترو ضروري ۽ ڪيترو غيرضروري آهي. جيڪڏهن ملڪ معاشي دٻاءُ ۾ آهي ته پوءِ بچت جي شروعات سرڪاري دفترن، وڏين گاڏين، غيرضروري سفرن، سرڪاري دعوتن ۽ ٻين غيرلازمي خرچن کان ٿيڻ گهرجي. ڪفايت شعاريءَ جو مطلب رڳو دڪان جلد بند ڪرائڻ نه پر حڪمرانيءَ جي سموري نظام ۾ فضول خرچيءَ کي روڪڻ هجڻ گهرجي. ٻئي طرف بازارن ۽ واپاري مرڪزن جي جلد بند ٿيڻ جو فيصلو به معاشي سرگرمين تي اثر وجهي سگهي ٿو. ننڍا دڪاندار، روزانو اجرت تي ڪم ڪندڙ ماڻهو، رڪشا ۽ ٽرانسپورٽ وارا، هوٽل ۽ ريسٽورنٽ سان لاڳاپيل مزدور ۽ شام کانپوءِ ڪم ڪندڙ ڪيترائي ماڻهو پنهنجي روزگار لاءِ رات جي ڪاروبار تي ڀاڙين ٿا. تنهن ڪري توانائيءَ جي بچت سان گڏ اهو به ڏسڻو پوندو ته انهن قدمن سان گهٽ آمدني وارن ماڻهن جي روزگار تي ڪهڙو اثر پوي ٿو. شاديءَ جي تقريبن ۾ هڪ ئي کاڌي جي پابنديءَ کي به رڳو حڪومتي حڪم جي حيثيت سان نه پر سماجي سادگيءَ جي مهم طور ڏسڻ گهرجي. اسان جي معاشري ۾ شادين تي ضرورت کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ جو رجحان ڪيترن ئي خاندانن لاءِ معاشي بار بڻجي چڪو آهي. جيڪڏهن سادگيءَ جي روايت معاشري ۾ وڌي ٿي ته ان سان غريب ۽ وچولي طبقي تي غيرضروري سماجي دٻاءُ گهٽجي سگهي ٿو. پر اهڙي عمل ۾ به قانون جي برابري ۽ عملي نگراني ضروري هوندي. سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته وفاقي حڪومت سان گڏ صوبائي ۽ علائقائي حڪومتون به جيڪڏهن اهڙا قدم کڻن ته انهن جو مقصد رڳو اعلانن تائين محدود نه رهڻ گهرجي. هر سرڪاري کاتي کي پنهنجي خرچن جو جائزو وٺڻ گهرجي ۽ ڏسڻ گهرجي ته ڪهڙا خرچ واقعي ضروري آهن ۽ ڪهڙن خرچن کي ڪجهه عرصي لاءِ روڪي سگهجي ٿو. ڪفايت شعاريءَ جو مطلب ترقياتي ڪم روڪڻ يا عوامي سهولتن ۾ گهٽتائي آڻڻ نه پر موجود وسيلن کي وڌيڪ ذميواريءَ سان استعمال ڪرڻ آهي. حڪومت طرفان اهو به واضح ڪيو ويو آهي ته سادگيءَ جي قدمن کان ڇوٽ بابت درخواستن جي حتمي منظوري وزيراعظم ڏيندو. اِها ڳالهه شفافيت جي گهرج کي وڌيڪ اهم بڻائي ٿي. ڇوٽ ڏيڻ جو عمل واضح اصولن تحت ٿيڻ گهرجي، جيئن ڪنهن مخصوص اداري يا بااثر ڌر کي غيرضروري سهولت ڏيڻ جو تاثر پيدا نه ٿئي. بهرحال موجوده صورتحال اسان سڀني لاءِ اهو موقعو آهي ته گهٽ وسيلن ۾ وڌيڪ بهتر طريقي سان ملڪ هلائڻ جو عملي مثال قائم ڪريون.

ٻارن جو تعداد نه پر انهن جو مستقبل اهم هوندو آهي!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون هڪ اهڙي استاد جي قصي کان شروع ڪريان ٿو جيڪو صرف هڪ شاگرد کي پڙهائڻ جي لاءِ روزانو پنج ڪلو ميٽر گهاٽي ٻيلي جو سفر طئي ڪري اسڪول پهچندو هو. منهنجا پڙهندڙ نوجوانو ڀارت جي رياست مهاراشٽرا جي ضلعي ڪولهاپور ۾ 55 سالن جي استاد جيون مٺاري استاد جي حيثيت سان تعليم جي شعبي ۾ فرض شناسي جو هڪ نئون مثال قائم ڪيو هُو مسلسل 13 سالن کان روزانو ڪولٽيڪ ڊنگواڙا جي هڪ ٿورانهين ڳوٺ جي 'ضلع پريشد' اسڪول ۾ صرف هڪ شاگرد کي پڙهائڻ جي لاءِ پنجن ڪلو ميٽرن جو خطرناڪ سفر ۽ گهاٽي ٻيلي مان پنڌ ڪري اسڪول پهچندو هو جڏهن استاد جيون مٺاري هن اسڪول کي جوائن ڪيو هو ته اُتي ڪافي تعداد ۾ ٻار موجود هئا پر روزگار جي سلسلي ۾ خاندان جي شهر لڏپلاڻ ڪري وڃڻ ڪانپوءِ انهيءَ اسڪول ۾ صرف ٽئين درجي جي هڪ ئي شاگرديائي سوارا ٻوڊڪي پڙهي رهي هئي استاد جيون مٺاري جو هيءُ سفر انتهائي خطرناڪ هو چاڪاڻ ته هن ٻيلي ۾ خطرناڪ جهنگلي جانور عام طرح ملندا هئا ۽ هُو خود ڪيترائي ڀيرا انهن جانورن کي منهن ڏئي چڪو هو انهيءَ باوجود هُن جو جوش هو ته 'هڪ شاگرد هجڻ جو مطلب اِهو ناهي ته استاد جي ذميواري گهٽ ٿي وڃي ٿي' جيڪڏهن هُو اِهو اسڪول بند ڪري ڇڏي ته هن ننڍڙي ٻارڙي کي روزانو 11 ڪلو ميٽر پري ٻئي اسڪول ۾ وڃڻو پوي ها.

منهنجا نوجوانو رٽائر ٿيندڙ هن عظيم استاد جي ڪهاڻي اِهو ثابت ڪري ٿي ته استاد جي لاءِ ٻارن جو تعداد نه پر انهن جو مستقبل اهم هوندو آهي جيڪڏهن اسان پنهنجي معاشري تي نظر وجهون ته ياد رکو اهڙا استاد اسان جي معاشري ۾ پڻ موجود آهن پر حالتن هنن کي اهڙو مجبور ڪري ڇڏيو آهي جو هُو پريشان ٿي ويا آهن ته دنياوي حالتن کي منهن ڏين يا پنهنجون ذميواريون پوريون ڪن پوري دنيا جي استادن جي لاءِ استاد جيون مٺاري هڪ مثال بڻجي ويو آهي هن اِهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته عمر ۾ وڏو هجڻ ڪا معنيٰ نٿو رکي. بس ڪجهه ڪرڻ جو جذبو هجي جيڪڏهن اوهان جي نيت صحيح آهي ته پوءِ عمر ڪهڙي به هجي جيون مٺاري جيان اوهان پوري دنيا کي حيران ڪري سگهو ٿا. جن ۾ ڪناڊا سيسر جهڙي معذور ٻارڙي 15 سالن جي عمر ۾ ماڊل ۽ اسپورٽس پرسن ٿي سگهي ٿي جيڪڏهن دهليءَ جو سونو 13 سالن جي عمر ۾ ٻارن جو بينڪ ناهي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن رابرٽ جوڏهن سالن جي عمر ۾ پزل واري راند ٺاهي سگهي ٿو جيڪڏهن ريان ننڍڙي عمر ۾ سوشل ميڊيا جي ذريعي ڪروڙ پتي بڻجي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن ريڪوروڊگرز ۽ جيڊن اسمٿ ننڍڙي عمر ۾ بطور چائيلڊ اسٽار ڪروڙين رپيا ڪمائي سگهن ٿا ته پوءِ اسان جا 10-12-15 سالن جي عمر جا نوجوان ويلفئير جو ڪم جو نٿا ڪري سگهن هي لرجنٽينا جي ليونارڊو جيان پنهنجي گهر جي پٺواڙي ۾ جيئرٽي اسڪول جو نٿا ناهي سگهن هي غريبن جي لاءِ کائڻ پيئڻ جي ڪپڙن ۽ جوتن جو بندوبست جو نٿا ڪري سگهن هي غريب مريضن جي علاج معالجي جو انتظام جو نٿا ڪري سگهن؟ ياد رکو، ٻار وڏي طاقت آهن هي جيڪڏهن ننڍڙي هوندي پڙهي سگهن ٿا ته هي پڙهائي به سگهن ٿا، هي جيڪڏهن شيون وٺي سگهن ٿا ته هي شيون وڪڻي به سگهن ٿا، هي جيڪڏهن پاڻ سمجهي سگهن ٿا ته هي ٻئي ڪنهن کي سمجهائي به سگهن ٿا پر اسان اڪثر ٻارن کي ننڍڙو سمجهي انهن جي صلاحيتن تي غور ئي نٿا ڪريون. اسان انهن کي اڳتي اچڻ جو موقعو ئي نٿا ڏيون. اسان هنن جي اڳيان وڌڻ جي رستي ۾ خود ئي رڪاوٽ بڻجو وڃون اِهو ئي بنيادي سبب آهي اسان جي ٻارن جي پويان ٿيڻ جو. جنهن جي ڪري اسان جو معاشرو هڪ جڳهه تي بيٺل ٿو نظر اچي اسان هڪ سرد سماج بڻجي چڪا آهيون اسان جي معاشري ۾ اڪثر اِهي لفظ ٻڌڻ ۾ ايندا آهن ته اسان جا ٻار جوان ٿي چڪا آهن پر هُو ڪن ڪجهه به نٿا. جڏهن ته هُو پنهنجي تعليم پڻ پوري ڪري چڪا آهن جيڪڏهن اسان هتي اِهو غور ڪريون ته انهيءَ جا اصل ذميوار اسان پاڻ آهيون انهيءَ ڪري جو اسان 25 سالن تائين پنهنجي نوجوانن کي اِهو چوندا رهندا آهيون ته تون نه فڪر نه ڪر تنهنجو پيءُ ۽ تنهنجي ماءُ سلامت آهن اسان اڃان زنده آهيون تون پريشان نه ٿي پر پوءِ هڪدم اوهان هن کي چئون ٿا ته تون بيڪار آهين تون نالائق آهين تون ڪجهه به نٿو ڪرين پوءِ اُهو نوجوان اِهو سوچي پريشان ٿيو وڃي ته اوهان جو 25 سالن وارو سبق ٺيڪ هو يا اوهان جو اڄوڪو پيغام ٺيڪ آهي؟ جيڪڏهن اسان پنهنجي نوجوانن کي ننڍپڻ ۾ ئي ڪمن جي عادت وجهون ها ته هُو اڄ اِئين بيڪار موبائل تي ويهي وقت نه وڃائن ها. اسان جي ٻارن مان جيڪڏهن ڪو ٻار ننڍڙي هوندي کان ويلفئير جو ڪم ڪرڻ چاهي ٿو ته هُن کي اسان اِهو ڪم ڪرڻ ڏيون ۽ پوءِ جڏهن هُو جوان ٿيندو ته هُو نيڪين جي حصول ۾ به اسان کان اڳيان هوندو ۽ پوءِ هي اسان جي مقابلي ۾ دنيا ۾ هر ڪم ۾ پيش پيش هوندو.

ياد رکو ته اسان جي ملڪ مان به اهڙا ٻار نڪرڻ گهرجن جو ته انهن جي نڪرڻ سان اسان ترقي ڪندا سين. اسان جو معاشرو پنهنجي حد کي محسوس ڪندو جنهن ڪانپوءِ نفرتون خود به خود پنهنجي موت پاڻ ئي مري وينديون ۽ پوءِ هيهر اسان امن سڪون ۽ ڀائيچاري جي چاڙهي ۾ ترقي جون منزلون طئي ڪندا اڳتي وڌندا سين ورنه اسان نفرتن دشمنن ۽ هٿيارن جي گپ ۾ ترڪندا رهندا سين ياد رکو معاشري مان نفرتن کي مٽائڻ چاهيو ٿا ته تربيت يافته نوجوان پيدا ڪريو جو ته تعليم ئي اهو عمل آهي جنهن سان ماڻهن جي تعمير ممڪن آهي ۽ قوم جي زندگيءَ جو دارومدار تعليم تي ئي آهي. جيڪڏهن اسان پنهنجي معاشري تي نظر وجهون ته ياد رکو هي استاد جيون مٺاري دنيا جي استادن جي لاءِ هڪ عظيم مثال بڻجي چڪو آهي. هن ثابت ڪيو آهي ته استاد جي لاءِ گهڻا شاگرد هجڻ ڪا معنيٰ نٿو رکي. بس ڪجهه ڪرڻ جو جذبو هجي جيڪڏهن اوهان جي نيت صحيح آهي ته پوءِ پنج ڪلو ميٽر گهاٽي ٻيلي جو سفر طئي ڪري اسڪول پهچڻ به آسان آهي ۽ اسڪول ۾ هڪڙو ٻار پڙهائڻ به ذميداري آهي ياد رکو آئون پنهنجن نوجوانن جي لاءِ وري عرض ڪريان ته جيڪڏهن دنيا ۾ ڪناڊا سيسر جهڙي معذور ٻارڙي 15 سالن جي عمر ۾ ماڊل ۽ اسپورٽس پرسن ٿي سگهي ٿي جيڪڏهن دهليءَ جو سونو 13 سالن جي عمر ۾ ٻارن جو بينڪ ناهي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن رابرٽ 14 سالن جي عمر ۾ پزل واري راند ٺاهي سگهي ٿو، جيڪڏهن ريان ننڍڙي عمر ۾ سوشل ميڊيا جي ذريعي ڪروڙ پتي بڻجي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن ريڪوروڊگرز ۽ جيڊن اسمٿ ننڍڙي عمر ۾ بطور چائيلڊ اسٽار ڪروڙين رپيا ڪمائي سگهن ٿا ته پوءِ اسان جا 10-12-15 سالن جي عمر جا نوجوان ويلفئير جو ڪم جو نٿا ڪري سگهن. بشرط هنن کي جيون مٺاري جهڙا استاد ملن ته پوءِ هي اسان جا نوجوان به لرجنٽائن جي ليونارڊو جهڙا ٿي سگهن ٿا، جنهن 13 سالن جي عمر ۾ اسڪول کوليو ليونارڊو پنهنجي گهر جي پٺواڙي ۾ جيئرٽي اسڪول ناهي سگهي ٿو ته هي اسان جا نوجوان جو نٿا کولي سگهن

ياد رکو ٻار اسان جو سرمايو آهن جنهن سرمائي کي صحيح معنيٰ ۾ استاد جيون مٺاري سڃاتو اسان اڪثر ٻارن کي ننڍڙو سمجهي انهن جي صلاحيتن تي غور ئي نٿا ڪريون. اسان انهن کي اڳتي اچڻ جو موقعو ئي نٿا ڏيون. اسان هنن جي اڳيان وڌڻ جي رستي ۾ خود ئي رڪاوٽ بڻجو وڃون اِهو ئي بنيادي سبب آهي اسان جي ٻارن جي پويان ٿيڻ جو جنهن جي ڪري اسان جو معاشرو هڪ جڳهه تي بيٺل ٿو نظر اچي جيڪڏهن اسان پنهنجي ٻارن کي ننڍپڻ کان ئي اهميت ڏيون. جيئن استاد جيون مٺاري ٽئين درجي جي ٻارڙي کي ڏني ته پوءِ اسان جا ٻار اڄ اِئين بيڪار موبائل تي ويهي وقت نه وڃائن. اسان جي ٻارن مان جيڪڏهن ڪو ٻار ننڍڙي هوندي کان ويلفئير جو ڪم ڪرڻ چاهي ٿو ته هن کي اسان اُهو ڪم ڪرڻ ڏيون ۽ پوءِ جڏهن هُو جوان ٿيندو ته هو نيڪين جي حصول ۾ به اسان کان اڳيان هوندو ۽ پوءِ هي اسان جي مقابلي ۾ دنيا ۾ هر ڪم ۾ پيش پيش هوندو ياد رکو منهنجا نوجوانو. اسان تاريخ مان ڪڏهن به سبق حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ئي ناهي ڪئي. اسان ٻار ٻار اِهي غلطيون ٿا دهرايون جن غلطين جي ڪري ماضيءَ ۾ قومون پستيءَ ۾ هليون ويون. معاشرو جڏهن زوال ڏانهن منهن کي موڙي ٿو ته اسان انهيءَ معاشري کي انهيءَ جو ذميدار سمجهندا آهيون اِها اسان جي سوچ غلط آهي. جو ته سڄو معاشرو انهن خرابين جو ذميوار نه هوندو آهي جيڪڏهن اسان انهن جي مقابلي ۾ پنهنجي معاشري کي ڏسون ته هتي اميرن ۽ پڙهيل لکيل طبقي جا رسم رواج، لباس، ثقافت ۽ رهڻي ڪهڻي عام ماڻهن کان بلڪل مختلف نظر اچي ٿي اِيستائين جو انهن تعليمي ادارن ۾، جتي هن طبقي جا ٻار پڙهن ٿا، اهي ادارا دنيا جي ترقي يافته ملڪن جي تعليمي ادارن سان لاڳاپيل هوندا آهن ۽ انهن اسڪولن ۽ ادارن ۾ به انهن ئي ملڪن جو نصاب پڙهايو ويندو آهي انهي جي برعڪس عوامي تعليمي ادارن جو نصاب اهڙو ته هوندو آهي جو انهيءَ اسڪول جو ٻار ڪڏهن به امير طبقي جي ٻارن سان تعليمي ميدان ۾ مقابلي جو تصور به نٿو ڪري سگهي اُتان ئي اصل ۾ معاشري جو زوال ٿيڻ شروع ٿئي ٿو. جو ته پوءِ هنن جي ۽ عوام جي وچ ۾ هڪڙو وڏو خال اچيو ٿو وڃي ۽ اِهو خال معاشري جي زوال جو اصل سبب بڻجي ٿو معاشري ۾ احساس ڪمتريءَ جو آغاز ٿئي ٿو. انهيءَ ڪري جو پوءِ عوام جي لاءِ تعليم، صحت، تفريحي قانون الڳ هوندو آهي ۽ امير طبقي جي لاءِ الڳ. انهيءَ معاشرتي زوال جي ڪري عوام جي ملڪي حالت اِيتري ته ڪمزور ٿيو وڃي جو هُو امير طبقي جي تعليم. انهن جي صحت ۽ تفريحي جي برابريءَ جو سوچي به نه ٿا سگهن پر جيڪڏهن استاد جيون مٺاري جهڙا هجن ته اسان جو شاگرد معاشري جي لاءِ سڀ ڪجهه ڪري سگهي ٿو ياد رکو ته اسان جي ملڪ مان به اهڙا ٻار نڪرڻ گهرجن جو ته انهن جي نڪرڻ سان اسان ترقي ڪندا سين. اسان جو معاشرو پنهنجي حد کي محسوس ڪندو جنهن ڪانپوءِ نفرتون خود به خود پنهنجي موت پاڻ ئي مري وينديون ۽ پوءِ هيهر اسان امن سڪون ۽ ڀائيچاري جي چاڙهي ۾ ترقي جون منزلون طئي ڪندا اڳتي وڌندا سين ورنه اسان نفرتن دشمنن ۽ هٿيارن جي گپ ۾ ترڪندا رهندا سين ياد رکو معاشري مان نفرتن کي مٽائڻ چاهيو ٿا ته تربيت يافته نوجوان پيدا ڪريو جو ته تعليم ئي اهو عمل آهي جنهن سان ماڻهن جي تعمير ممڪن آهي ۽ قوم جي زندگيءَ جو دارومدار تعليم تي ئي آهي منهنجا نوجوانو اڄ جي گفتگو آئون رٽائر ٿيندڙ هن عظيم استاد جيون مٺاري جي انهن لفظن تي ختم ڪيان ٿو ته 'استاد جي لاءِ ٻارن جو تعداد نه پر انهن جو مستقبل اهم هوندو آهي'

عبداش پنهور: هڪ صحافي، ليکڪ ۽ جدوجهد جي علامت


غلام حسين خاصخيلي

سنڌ جي تاريخ ۾ ڪي اهڙيون شخصيتون به پيدا ٿينديون رهيون آهن، جيڪي پنهنجي زندگي خاموشيءَ سان عوامي ڀلائي، علم، ادب ۽ شعور جي واڌ لاءِ وقف ڪري ڇڏينديون آهن ۽ پنهنجي ڪردار وسيلي ماڻهن جي دلين ۾ مستقل جاءِ ناهي وٺنديون آهن. اهڙيون شخصيتون پنهنجي عهدن، شهرت يا دولت جي ڪري نه پر پنهنجي ڪردار، فڪر، اصولن ۽ عوامي خدمتن جي ڪري سڃاتيون وينديون آهن. عبداش پنهور به اهڙين ئي شخصيتن مان هڪ هو، جنهن پنهنجي سڄي زندگي قلم، شعور ۽ جدوجهد جي راهه تي هلندي گذاري.

عبداش پنهور جو لاڏاڻو سنڌ جي صحافتي، ادبي ۽ سياسي حلقن لاءِ هڪ وڏو صدمو آهي. هن نه رڳو صحافتي طور پنهنجو نالو پيدا ڪيو پر هڪ باشعور شاگرد اڳواڻ، ليکڪ، سماجي ڪارڪن ۽ ترقي پسند سوچ رکندڙ انسان طور به پنهنجي سڃاڻپ قائم ڪئي. سندس وڇوڙي سان سنڌ هڪ اهڙو آواز وڃائي ڇڏيو آهي، جيڪو پنهنجي قلم وسيلي عوامي مسئلن، سماجي انصاف، انساني حقن ۽ سچائيءَ جي ڳالهه ڪندو رهيو.

عبداش پنهور پنهنجي نوجوانيءَ ۾ شاگرد سياست سان لاڳاپيل رهيو. اهو دور سنڌ ۾ سياسي ۽ سماجي شعور جي واڌ جو دور هو. ان وقت شاگرد تنظيمون رڳو تعليمي مسئلن تائين محدود نه هيون پر سماج جي وڏن مسئلن تي به آواز اٿارينديون هيون. عبداش پنهور به انهن نوجوانن مان هو جن تعليم، جمهوريت، انساني حقن ۽ شاگردن جي جائز مطالبن لاءِ جدوجهد ڪئي. شاگرديءَ واري دور ۾ حاصل ڪيل سياسي ۽ سماجي شعور سندس سڄي زندگيءَ تي اثرانداز رهيو. بعد ۾ جڏهن هن صحافت جي شعبي ۾ قدم رکيو ته سندس قلم ۾ به ساڳيو عوامي رنگ ۽ سماجي شعور نظر آيو. هن صحافت کي طاقتور ماڻهن جي تعريف يا ذاتي مفادن جي پورائي لاءِ نه پر عام ماڻهن جي مسئلن ۽ آواز کي اجاگر ڪرڻ جو ذريعو بڻايو.

عبداش پنهور انهن صحافين مان هو، جيڪي خبر کي رڳو خبر نه سمجهندا هئا، پر ان جي پويان لڪل سماجي حقيقتن کي به سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. هو مسئلن جي بنيادي سببن تي نظر رکندو هو ۽ انهن کي عوام آڏو پيش ڪرڻ کي پنهنجي صحافتي ذميواري سمجهندو هو. سندس صحافتي زندگي سچائي، ايمانداري ۽ بيباڪيءَ سان ڀرپور رهي. هن پنهنجي اصولن تي سوديبازي ڪرڻ بدران صحافت جي بنيادي قدرن کي اهميت ڏني. صحافتي برادريءَ ۾ کيس هڪ سنجيده، باوقار ۽ ذميوار صحافي طور سڃاتو ويندو هو. سندس تحريرن ۾ سنجيدگي، فڪري پختگي، دليل ۽ عوامي درد نمايان هوندو هو. هو سنڌ جي ڳوٺاڻن علائقن، هارين، مزدورن، شاگردن ۽ عام ماڻهن جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سرگرم رهيو. سندس قلم انهن ماڻهن جي ترجمان بڻي، جن جو آواز اڪثر اقتداري ايوانن تائين نه پهچندو آهي. صحافت سندس لاءِ رڳو روزگار جو ذريعو نه پر سماج کي بهتر بڻائڻ ۽ ماڻهن جي مسئلن کي سامهون آڻڻ جي هڪ ذميواري هئي.

صحافت سان گڏ عبداش پنهور ادب سان به گهري وابستگي رکندو هو. ڪتابن سان محبت، علم دوستي ۽ مطالعي جي عادت سندس شخصيت جو اهم حصو هئي. هو ادبي گڏجاڻين، علمي بحثن ۽ فڪري سرگرمين ۾ دلچسپي وٺندو هو. سندس لکڻين ۾ رڳو واقعن جو ذڪر نه هوندو هو پر فڪر، تجزيو ۽ سماجي شعور به شامل هوندو هو. هو سنڌ جي تاريخ، ثقافت، ٻولي ۽ قومي سڃاڻپ بابت گهري دلچسپي رکندو هو. ادب ۽ صحافت جي گڏيل تجربن کيس هڪ اهڙي شخصيت بڻائي ڇڏيو هو جنهن جي سوچ ۾ سماج جي مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهن تي ڳالهائڻ جي صلاحيت نمايان هئي. سندس مطالعي ۽ فڪري وابستگيءَ جو اثر سندس

گفتگوءَ ۾ به نظر ايندو هو. هو ڪنهن به موضوع تي ڳالهائڻ وقت رڳو جذبات جو سهارو نه وٺندو هو، پر دليل، ڄاڻ ۽ تجربي کي به اهميت ڏيندو هو. ان ئي سبب سندس صحبت نوجوانن لاءِ سکڻ ۽ سوچڻ جو موقعو بڻجي ويندي هئي.

عبداش پنهور جي شخصيت جو سڀ کان خوبصورت پاسو سندس انسان دوستي هئي. هو دوستن سان محبت ڪندڙ، نوجوانن جي همت افزائي ڪندڙ ۽ هر ڪنهن سان خلوص سان پيش ايندڙ انسان هو. سندس دوستن جو دائرو وسيع هو، جنهن ۾ صحافي، اديب، سياسي ڪارڪن، استاد ۽ شاگرد شامل هئا. هو اختلافِ راءِ کي برداشت ڪرڻ جي صلاحيت رکندو هو. سندس محفلن ۾ دليل، فڪر ۽ علم جي ڳالهه ٿيندي هئي. هو نفرت بدران محبت، تڪرار بدران گفتگو ۽ مايوسيءَ بدران اميد جو پيغام ڏيندو هو. سندس شخصيت جو اهو پاسو ئي شايد کيس ٻين کان منفرد بڻائيندو هو، چاڪاڻ ته هو اختلاف کي دشمنيءَ ۾ تبديل ڪرڻ بدران ڳالهه ٻولهه ۽ دليل ذريعي اڳتي وڌڻ کي ترجيح ڏيندو هو.

زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ عبداش پنهور ڪينسر جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا رهيو، پر هن بيماريءَ کي پنهنجي حوصلي تي غالب اچڻ نه ڏنو. هن وڏي همت، صبر ۽ حوصلي سان علاج جاري رکيو. سندس دوستن ۽ ساٿين موجب، هو سخت تڪليفن جي باوجود زندگيءَ بابت مثبت سوچ رکندو هو. ڪراچيءَ جي اسپتال ۾ علاج دوران به سندس دوست، ساٿي ۽ مداح سندس صحتيابيءَ لاءِ دعائون ڪندا رهيا. پر آخرڪار موت جي اٽل حقيقت آڏو زندگيءَ جي اها جدوجهد پڄاڻيءَ تي پهتي ۽ هو پنهنجي هزارين چاهيندڙن کي سوڳوار ڇڏي راهه رباني اختيار ڪري ويو.

عبداش پنهور جي لاڏاڻي سان سنڌ جي صحافت، ادب ۽ سماجي سرگرمين کي وڏو نقصان پهتو آهي. اهڙيون شخصيتون روز روز پيدا ناهن ٿينديون. هو انهن ماڻهن مان هو جيڪي پنهنجي عمل سان سڃاتا ويندا آهن ۽ پنهنجي پويان عزت، محبت ۽ سٺيون يادون ڇڏي ويندا آهن. جڏهن سندس مڙهه ڪراچيءَ کان ڏوڙ روانو ٿيو ۽ رستي ۾ صحافين، سياسي ڪارڪنن، اديبن ۽ دوستن سندس آخري ديدار ڪري کيس سرخ سلام پيش ڪيو ته اهو منظر سندس عوامي محبت ۽ ساٿين سان تعلق جو عڪس هو. ماڻهن جي اکين ۾ ڳوڙها ۽ دلين ۾ ڏک ان ڳالهه جو اظهار هئا ته هڪ سچو ساٿي، فڪر جو ماڻهو ۽ عوامي آواز هميشه لاءِ خاموش ٿي ويو آهي. ڪنهن به صحافي يا ليکڪ جي اصل سڃاڻپ سندس عهدي يا لکيل لفظن جي تعداد سان نه پر ان اثر سان ٿيندي آهي، جيڪو هو پنهنجي سماج تي ڇڏي وڃي ٿو. عبداش پنهور به پنهنجي قلم، فڪر، دوستي ۽ جدوجهد وسيلي اهڙو ئي اثر ڇڏي ويو آهي. سندس زندگي اهو سبق ڏئي ٿي ته قلم کي جيڪڏهن سچائي، عوامي درد ۽ شعور سان جوڙيو وڃي ته اهو سماج ۾ تبديليءَ جي سوچ پيدا ڪرڻ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو.

عبداش پنهور جو جسم ته مٽيءَ ماءُ حوالي ٿي ويو پر سندس فڪر، صحافتي خدمتون، ادبي ڪم ۽ عوامي جدوجهد جون يادون زنده رهنديون. هو انهن ماڻهن مان هو، جيڪي وقت گذرڻ سان وسرندا ناهن، پر سندن ڪردار ۽ خدمتون ايندڙ نسلن لاءِ وڌيڪ اهم بڻجي وينديون آهن. سنڌ جي صحافت، ادب ۽ سماجي شعور جي تاريخ ۾ عبداش پنهور جو نالو احترام سان ياد ڪيو ويندو. سندس زندگي ايندڙ نسلن جي صحافين، ليکڪن ۽ سماجي ڪارڪنن لاءِ هڪ مثال ۽ مشعل راهه رهندي. سندس قلم جو سفر ڀلي جسماني طور ختم ٿي ويو هجي پر جيڪي لفظ سماج جي درد مان جنم وٺن ٿا، اهي وقت جي گذرڻ سان ختم ناهن ٿيندا.

سعودي عرب ۽ حوثين وچ ۾ ڇڪتاڻ جا اثر

ڊاڪٽر رشيد احمد خان

هن سال 28 فيبروري تي جڏهن آمريڪا ۽ اسرائيل گڏجي ايران تي حملا شروع ڪيا هئا، تڏهن علمي معاملن جي لڳ ڀڳ سڀني ماهرن جو خيال هو ته اِها جنگ رڳو خليج فارس تائين محدود نه رهندي، پروچ اوڀر جا ٻيا ملڪ ۽ علائقا به اُن جي اثر هيٺ اچي ويندا. لڳ ڀڳ ستن مهينن ڪانپوءِ يمن جي حوثي باغين ۽ سعودي عرب وچ ۾ ٿيل سخت ويڙهه مان اِها ڳالهه صحيح ثابت ٿي وئي آهي جيئن ته بنهي ڌرين وچ ۾ ويڙهه هن سال جولاءِ کان ئي شروع ٿي وئي هئي. پر هن مهيني جي پهرين هفتي ۾ حوثي باغين جنهن تيزيءَ سان باب المندب واري سامونڊي رستي جي ڀرسان ساحلي علائقن ۽ اهم ٻيٽن تي قبضو ڪيو آهي، تنهن سان هڪ طرف سعودي عرب لاءِ حالتون وڌيڪ ڏکيون ٿي ويون آهن ته ٻئي طرف دنيا ۾ تيل ۽ گئس جي فراهمي به وڌيڪ محدود ٿي وئي آهي. حوثي باغين باب المندب واري سامونڊي رستي جو ڪنٽرول سنڀالڻ ڪانپوءِ چيو آهي ته ڳاڙهي سمنڊ ۽ هندي سمنڊ کي ملائيندڙ هن اهم ۽ سوڙهي سامونڊي رستي مان سعودي عرب ڪانسواءِ ٻين سڀني ملڪن جا تيل کڻندڙ جهاز گذري سگهن ٿا. پر جيڪڏهن سعودي عرب جي تيل جي فراهمي بند ٿي وڃي ٿي ته اُن جو عالمي تيل جي مارڪيٽ تي تمام وڏو اثر پئجي سگهي ٿو چاڪاڻ ته باب المندب واري رستي مان گذرندڙ تيل ۾ سڀ کان وڏو حصو سعودي عرب جو ئي آهي

سعودي عرب اڳواٽ ئي هڪ تقريباً 1200 ڪلوميٽر ڊگهي تيل جي پائيپ لائين ناهي رکي آهي ته جيئن جيڪڏهن آبنائي هرمز وارو سامونڊي رستو واپار لاءِ بند ٿي وڃي ته به سعودي عرب پنهنجو تيل ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليندو رهي ان پائيپ لائين ذريعي سعودي عرب جي اوڀر واري تيل جي ذخيرن مان تيل ڳاڙهي سمنڊ جي ڪناري تي موجود بندرگاهه تائين آندو ويندو هو ۽ اتان باب المندب واري سامونڊي رستي ذريعي ٻين ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو هو. پر هاڻي تيل موڪلڻ جو اِهو سلسلو به بند ٿي ويو آهي چاڪاڻ ته حوثين اُن تيل جي پائيپ لائين کي ٻن هنڌن تي بمباري ڪري نقصان پهچايو آهي ماهرن جو چوڻ آهي ته پائيپ لائين جي مرمت ڪري اُن کي ٻيهر هلائڻ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه هفتا لڳندا ان ڪري سعودي عرب ڳاڙهي سمنڊ جي ڪناري تي موجود پنهنجي بندرگاهن ڏانهن تيل جي فراهمي به بند ڪري ڇڏي آهي. سعودي عرب جي هن قدم سبب عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جون قيمتون اوچتو وڌڻ شروع ٿي ويون آهن. ان صورتحال سبب پاڪستان جهڙا ملڪ، جيڪي خليج فارس ۽ باب المندب واري رستي ذريعي تيل گهرائين ٿا، سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. حوثي باغين بابت چيو وڃي ٿو ته کين مبينا طور ايران جي حمايت حاصل آهي. سعودي عرب ۽ حوثين وچ ۾ ويڙهه جيتوڻيڪ لڳ ڀڳ ڏهن سالن کان هلندي پئي اچي پر هاڻي ان ۾ تمام گهڻي شدت اچي وئي آهي ان ڪري علائقي جي امن ۽ سلامتي لاءِ وڏو خطرو پيدا ٿي ويو آهي. سعودي عرب هاڻي حوثين جي حملن کي منهن ڏيڻ لاءِ ٻين ملڪن کان مدد وٺڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڇڏي آهي. سڀ کان پهرين سعودي ولي عهد شهزادي محمد بن سلمان آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ کان مدد ۽ مداخلت جي درخواست ڪئي. پر ٽرمپ سڌيءَ طرح جنگ ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪيو ان بدران وچ اوڀر جي دفاع جي ذميوار آمريڪي سينٽرل ڪمانڊ جي ذريعي سعودي عرب ۽ اسرائيل وچ ۾ حوثين خلاف معلومات (انٽيليجنس) جي فراهمي بابت ڳالهين جو بندوبست ڪيو ويو. اطلاعن موجب سعودي عرب برطانيا کان به مدد گهري، پر برطانوي حڪومت به سڌيءَ طرح جنگ ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪيو. البته برطانيا سعودي عرب جي مدد لاءِ ماهرن ۽ صلاحڪارن تي ٻڌل هڪ ٽيم موڪلڻ تي راضي ٿي ويو. جيڪا حوثين خلاف جنگ جي سلسلي ۾ سعودي عرب کي مشورا ڏيندي. مدد حاصل ڪرڻ لاءِ سعودي ولي عهد شهزادي محمد بن سلمان مصر جو دورو به ڪيو ۽ اُتي جي صدر عبدالفتاح السيسي سان ملاقات ڪئي ياد رهي ته مصر 2015ع ۾ سعودي عرب جي اڳواڻيءَ ۾ ٺهيل 'عرب اتحاد' جو ميمبر پڻ آهي. پر مصر به سعودي عرب جي دفاع لاءِ پنهنجون فوجون موڪلڻ کان انڪار ڪيو آهي. مصر جو چوڻ آهي ته جنگ ڪرڻ بدران ڳالهين ۽ مشوري ذريعي هن مسئلي جو پرامن حل ڳولڻ گهرجي. جيستائين 'مڪ دفاعي معاهدي' جو تعلق آهي پاڪستان جي پرڏيهي وزارت موجب، هن وقت تائين اُن معاهدي کي عملي طور هلائڻ لاءِ ضروري انتظام ۽ اصول مڪمل طور تي تيار نه ٿي سگهيا آهن. حوثين ۽ سعودي عرب وچ ۾ هلندڙ ويڙهه جلد ختم ٿيندي، اهڙا في الحال ڪي واضح نشان نظر نٿا اچن. هيءَ ويڙهه ايران خلاف آمريڪا ۽ اسرائيل جي جنگ جو وڌايل حصو آهي. تنهن ڪري جيستائين ايران، آمريڪا ۽ اسرائيل وچ ۾ هلندڙ جنگ ڪنهن نتيجي تي نه ٿي پهچي، تيستائين حوثين ۽ سعودي عرب وچ ۾ ويڙهه جاري رهڻ جو خدشو آهي. جيڪڏهن اِها جنگ جاري رهي ته سڄي دنيا ۾ صرف تيل ۽ گئس جي کوٽ جو خطرو ئي نه پر ٻين ضروري شين جي فراهمي به متاثر ٿي سگهي ٿي ان سان يورپ ۽ ايشيا ۾ رهندڙ ڪروڙين ماڻهن جي زندگي به متاثر ٿي سگهي ٿي ان جو وڏو سبب اِهو آهي ته هيءَ جنگ هڪ تمام اهم ۽ سوڙهي سامونڊي رستي يعني باب المندب جي چوڌاري ٿي رهي آهي. باب المندب اهڙو اهم سامونڊي رستو آهي جنهن ذريعي سوئيز ڪينال جي رستي يورپ ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا وچ ۾ جهازن جو سفر تمام گهڻو مختصر ٿي وڃي ٿو. هن رستي تان تيل، گئس، کاڌي پيتي ۽ ٻيون ضروري شيون دنيا جي هڪ حصي کان ٻئي حصي تائين پهچايون وڃن ٿيون جيڪڏهن هي رستو ڊگهي وقت لاءِ متاثر يا بند رهي ٿو ته عالمي واپار ۽ شين جي فراهمي تي وڏو اثر پئجي سگهي ٿو.

حوثي باغين جون گهرجون ڇا آهن؟ هُو اصل ۾ ڇا حاصل ڪرڻ چاهين ٿا؟ سعودي عرب جا يمن ۾ ڪهڙا مفاد آهن؟ ۽ جيڪڏهن جنگ سبب باب المندب ڊگهي عرصي تائين بند رهي ته علائقائي ۽ عالمي سياست تي ان جا ڪهڙا اثر پئجي سگهن ٿا؟ هڪ ٻيو تمام اهم سوال اِهو آهي ته ڇا 'مڪ دفاعي معاهدو' عملي طور تي فعال ٿي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن ائين ٿيو ته پاڪستان جي پاڙيسري ملڪن خاص طور ايران سان پاڪستان جا لاڳاپا ڪيتري حد تائين متاثر ٿي سگهن ٿا؟ چاڪاڻ ته پاڪستان نه رڳو مڪ دفاعي معاهدي ۾ شامل آهي. پروچ اوڀر ۽ خليج جي عرب ملڪن سان گڏ 'ملٽي نيشنل ميري ٽائيم ڊفينس ڪوليشن' ۾ به شامل آهي جيڪو خاص طور ڳاڙهي سمنڊ ۽ باب المندب جي حفاظت لاءِ ناهيو ويو آهي انهن سڀني سوالن جا جواب ايندڙ ڪالمن ۾ ڏنا ويندا

سمارٽ لاڪ ڊائون ڪانسواءِ ٻيو ڪو حل به آهي يا نه؟

شفيق وسان

دنيا جي ٻين ترقي يافته ملڪن ۾ به مسئلا موجود آهن پر انهن مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ اُتي جون ذميوار حڪومتون عوام جون مشڪلاتون سمجهندي اهڙا مثبت قدم کڻنديون آهن جن سان سڄي يا اڌ سڄي ريت عوام تي وڌيڪ بار نه پوي ۽ ماڻهو پريشان نه ٿين اتي بحرانن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ تياري ڪئي ويندي آهي اسان جي ملڪ ۾ توانائي جو مسئلو مسلسل موجود رهيو آهي ڪڏهن گئس نه آهي ته ڪڏهن بجلي جي کوٽ آهي جڏهن ته ٻيا به ڪيترائي مسئلا موجود آهن انهن مان تيل جي قيمتن ۾ واڌ به هڪ اهم مسئلو بڻجي چڪي آهي تيل جون قيمتون وڌڻ سان هڪ طرف مهانگائي عروج تي پهچي وئي آهي ته ٻئي طرف پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ جو سڌو اثر عام واهپي جي شين جي قيمتن تي پوي ٿو وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي پاليسين سبب عوام تي چڙهه مصيبتون ڪڙڪي پيون آهن ۽ عام ماڻهو مسلسل پوڙهي رهيو آهي غربت ۾ گهٽتائي آڻڻ بدران ان ۾ اضافو ٿي رهيو آهي جنهن ڪري غريب جو جيئڻ وڌيڪ مشڪل بڻجي ويو آهي روز جي بنياد تي پيٽرول بم عوام تي ڪيرائي ماڻهن لاءِ زندگي وڌيڪ ڏکي بڻائي پئي وڃي سوال اِهو آهي ته آخر عوام وڃي ته ڪيڏانهن وڃي؟

حڪومت کي تيل جي قيمتن تي ضابطو آڻڻ گهرجي. پر هتي وري ان جي ابتڙ صورتحال نظر اچي رهي آهي هڪ پاسي وفاقي سرڪار تيل جون قيمتون وڌائي رهي آهي، ته ٻئي پاسي وري لاڪ ڊائون جهڙا فيصلا ڪري تعليم ۽ ڪاروبار کي نقصان پهچائي رهي آهي اهڙي قسم جي محدود لاڪ ڊائون سبب روزانو اجرت تي ڪم ڪندڙ پورهيت ۽ مسڪين مزدور سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿين ٿا. وفاقي سرڪار، صدر ۽ وزيراعظم کي اهڙا فيصلا نه ڪرڻ گهرجن جن سان عوام جي حقن جي لتاڙ ٿئي ۽ عام ماڻهن لاءِ وڌيڪ تڪليفون پيدا ٿين. وفاقي حڪومت کي توانائي جي بحران جو مستقل حل ڳولڻ گهرجي. ايران سميت ٻين ملڪن مان جيڪڏهن گهٽ قيمت تي تيل ۽ گئس حاصل ڪرڻ جا قانوني ۽ عملي رستا موجود هجن ته انهن کي استعمال ڪري عوام کي رليف فراهم ڪرڻ گهرجي. هنتي ۾ به پيرا تيل جون قيمتون وڌڻ سان عام ماڻهو اڳ ئي مهانگائي جي سخت لپيٽ ۾ آهي، جڏهن ته پيٽروليم شين جي اگهن ۾ مسلسل واڌ عوام جي پريشانين کي وڌيڪ وڌائي رهي آهي. حڪومت کي گهرجي ته عوام تي بار وجهڻ بدران اهڙيون پاليسيون اختيار ڪري، جن سان عام ماڻهو کي حقيقي رليف ملي ۽ سندس زندگي ڪجهه آسان بڻجي سگهي. وفاقي سرڪار کي عوام کي جيئڻ جو حق ۽ موقعو فراهم ڪرڻ گهرجي.

اڄوڪو ڏينهن ---- 19 سيپٽمبر

مير غلام علي ٽالپر



سنڌ جي هن مشهور سياستدان اڄوڪي ڏينهن تي ٽنڊي محمد خان ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو. هن ابتدائي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪئي. ان بعد ڪراچيءَ ۽ علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ ۾ پڙهيو ۽ ممبئي يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين. هو 2 ڀيرا حيدرآباد لوڪل بورڊ جو ميمبر چونڊيو. 1936ع ۾ ٽنڊي باگي واري ٽڪ تان سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو. هن ڪيترائي ڀيرا صوبائي ۽ وفاقي وزير طور ڪم ڪيو جن کاتن جا قلمدان وزير طور سندس هٿ هيٺ رهيا، تن ۾ روينيو، اندروني معاملا، صنعتون، تعليم ۽ قانون وغيره شامل آهن. 1954ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر چونڊيو. انهيءَ عهدي تي رهندي مٿس دٻاءُ وڌو ويو ته هو ون يونٽ جي حمايت ۾ ووٽ ڏئي. هن بهادريءَ سان ون يونٽ جي حمايت ڪرڻ کان انڪار ڪيو. سندس انڪار وقت جي حڪمرانن کي چيڙائي وڌو ۽ هن کي اغوا ڪري مٺيءَ ۾ نظربند ڪيو ويو ۽ کيس نااهل قرار ڏنو ويو. هن ايوب خان جي مارشل لا جي به کُلم کُلا مخالفت ڪئي. هن ٽنڊي محمد خان ۾ پنهنجي ذاتي زمين جا 50 ايڪڙ اسڪول ۽ ڪاليج جي تعمير لاءِ وقف ڪيا. هن 19 آڪٽوبر 1963ع تي وفات ڪئي.

پريو وفا



اڄ سنڌ ۽ هند جي سرموڙ شاعر پريو چڳاڻي وفا جي جنم جو ڏينهن آهي هن ناميارو شاعر 19 سيپٽمبر 1915ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ پنجوديري ۾ پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو. هن جي پيءُ جو نالو جوتومل چڳاڻي هو. هن بي اي جي سند حاصل ڪئي. هن ورهاڱي کان پهريائين دهليءَ ۾ آل انڊيا ريڊيو ۾ نوڪري ڪئي. ان کان پوءِ سينٽرل ليبر انسٽيٽيوٽ آف انڊيا ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رٽائر ٿيو. ننڍي هوندي کان ئي شاعريءَ جو شوق هئس. شاعريءَ ۾ نواز علي جعفري نياز ۽ ڪشنچند بيوس سندس استاد هئا. پريو وفا سنڌي ٻوليءَ جو هڪ مهان شاعر هو. هن شاعريءَ جي لڳ ڀڳ هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي. هن جا لکيل غزل، گيت، بيت، وايون، رباعيون، هائيڪا ۽ پنجڪڙا سنڌي شاعريءَ جو وڏو سرمايو آهن. هن جا پنجڪڙا خاص طور تي مشهور آهن. هن جي ڇپيل شاعريءَ جي ڪتابن ۾ "جهنڪار"، "تون ساگر مان لهر"، "مان اڇهل جي اڄ آهيان"، "پرواز"، "سرخ گلاب سرها خواب"، "تنبوري جي تار"، "آئينا ۽ عڪس" ۽ "سچ لهڻ تي آهي" شامل آهن هن 17 ڊسمبر 2012ع تي هن فاني دنيا کي هميشه لاءِ الوداع چيو.

ڊاڪٽر لڇمڻ مولچند خوبچنداڻي

اڄ لسانيات جي مشهور ماهر ۽ تعليمدان ڊاڪٽر لڇمڻ مولچند خوبچندائيءَ جي پيدائش جو ڏينهن آهي.



هن ناميارو انسان جو جنم 19 سيپٽمبر 1932ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو ورهاڱي ڪان پوءِ هندستان جي شهر پوني جا وڃي وسايائين. هن 1961ع ۾ آمريڪا جي پينسلوانيا يونيورسٽيءَ مان لسانيات ۾ ڊاڪٽريٽ جي سند حاصل ڪئي. 1961ع ۾ پوني جي ڊيڪن ڪاليج ۾ سنڌي لسانيات جي شعبي جو بنياد وڌائين. هن پوني جي سينٽر فار ڪميونيڪيشن اسٽڊيز جي ڊائريڪٽر طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون. هن زيگرب، پينسلوانيا، لنڊن، هوائي، سنگاپور ۽ خرطوم جي يونيورسٽين ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ لسانيات جي هڪ عالمي ماهر طور پنهنجو پاڻ مڃايو. هو يونيسڪو جي تعليمي ايڪسپرٽ گروپ ۽ هندستان جي لنگئسٽ سوسائٽيءَ سميت مختلف تعليمي، علمي، ادبي ۽ سماجي تنظيمن ۽ ادارن جو ميمبر رهيو. هن سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ڪتاب لکيا. تاريخ 2 نومبر 2015ع تي سندس لاڏاڻو ٿيو.

مائل سروري

اڄ مشهور شاعر مائل سروريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي.

هن ناليواري شاعر جو اصل نالو حاجي مصري ڪاڪا هو. هن جي جنم جي تاريخ تي اختلاف آهي. هن جي شاعريءَ جو ڪتاب "مستن تي ناهي ميار" سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي انهيءَ ڪتاب ۾ هن جي جنم جي تاريخ 19 سيپٽمبر 1937ع لکيل آهي. مشهور محقق ڊاڪٽر محمد پٺاڻ پنهنجي ڪالمن ۾ هن جي جنم جي تاريخ هڪ هنڌ 19 آگسٽ ۽ ٻئي هنڌ 19 سيپٽمبر لکي آهي. جڏهن ته مهراڻ رسالي جي شاعر نمبر ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران ڇپيل سنڌيانا انسائيڪلوپيڊيا ۾ 19 سيپٽمبر بجاءِ 19 آگسٽ لکيل آهي. جڏهن ته جنم جو سال ساڳيو آهي هو نيو سعيدآباد ويجهو ڳوٺ پليلي ڪاڪا جو رهواسي هو.

مختيار انڙ

سندس والد محمد لائق ڪاڪا پنهنجي علائقي جو مشهور سماجي ورڪر هو. مائل سروريءَ 1950ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيو. ان بعد اديب فاضل ۽ اديب عالم جا امتحان به پاس ڪيائين. هو مخدوم طالب المولي جو وڏو عقيدتمند هو ۽ پنهنجي عمر جو گهڻو حصو مخدوم صاحب جي حاضريءَ ۽ صحبت ۾ گذاريائين. هن 1950ع واري ڏهاڪي جي شروع وارن سالن کان شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. هن پنهنجو پهريون شعر محمد فقير کٽياڻ جي ميلي ۾ منعقد ٿيل مشاعري ۾ پڙهيو هو انهيءَ مشاعري جي مخدوم طالب المولي صدارت ڪري رهيو هو. مخدوم صاحب نه فقط سندس شاعري پسند ڪئي، بلڪ سندس لاءِ "مائل سروري" تخلص به تجويز ڪيو. ان بعد هن باقائده شاعري شروع ڪئي، جيڪا ڪيترن ئي ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿي. هن جي شاعري سنڌ جي ڪيترن ئي راڳيندڙن ڳائي عوام تائين پهچائي. انهن راڳيندڙن ۾ استاد محمد ابراهيم، سينگار علي سليم، محمد يوسف، مصري فقير ڦوٽو زرداري، جاڪر چانڊيو ۽ ٻيا فنڪار شامل آهن. مائل سروريءَ جي اوطاق تي هميشه مشاعري جو محفلون، راڳ رهاڻيون ۽ سگهڙن جون ڪچهريون متل هونديون هيون. پاڻ بزم طالب المولي جو به سرگرم ڪارڪن ۽ مرڪزي عهديدار رهيو. هن ڪيڊٽ ڪاليج پيٽاري ۾ مخدوم طالب المولي جي نالي سان پنهنجي خرچ تي ڪارنر قائم ڪيو. هن پنهنجي ٽر ۾ ڪيترائي ترقياتي ڪم پڻ ڪرايا. هن 13 جنوري 2021ع ۾ هن فاني جهان مان لاڏاڻو ڪيو.

رشيد احمد لاشاري

رشيد احمد لاشاري سنڌيءَ ۽ سرائڪي ٻولين جو مشهور شاعر هو. اڄ هن انمول شاعر جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جا مختلف سنڌي فلمن لاءِ لکيل گيت اڄ به شوق سان ٻڌا وڃن ٿا. سندس اسڪول جي رڪارڊ موجب هن جي جنم جي تاريخ 16 مئي 1922ع آهي پر اصل جنم جي تاريخ 8 اپريل 1922ع آهي.

هن جو واسطو سبي بلوچستان جي ڳوٺ ملڪزار سان هو. پهريان چار درجا پنهنجي ڳوٺ ۾ پڙهيو. ان بعد ڪنڌڪوٽ جي ڳوٺ سوڀي خان اوڳاهيءَ ۾ پڙهيو. 1936ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيائين. 1937ع کان 1940ع تائين حضرت سلطان باهوءَ جي خاندان مان هڪ شخصيت فيض سلطان سان گڏ پنجاب، بلوچستان ۽ افغانستان جو سير ڪندو رهيو. مختلف مدرسن مان عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم به حاصل ڪيائين. هن اديب فاضل ۽ مئٽرڪ جو امتحان پڻ پاس ڪيو. عملي زندگيءَ جي شروعات 1944ع ۾ پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين. اڳتي هلي اورينٽل ڪاليج حيدرآباد ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو ڪجهه عرصي تائين هن سنڌي ادبي بورڊ جي سنڌي لغت اسڪيم ۾ ريسرچ اسسٽنٽ طور به ڪم ڪيو. هن 1956ع کان سنڌي فلمن جا مڪالما، ڪهاڻيون ۽ گيت لکڻ شروع ڪيا. هن ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي اسڪرپٽ رائٽر طور پڻ ڪم ڪيو. هن جن فلمن لاءِ گيت لکيا، تن ۾ عمر مارئي، پرديسي، سسئي پنهون، شهروفيروز، چانڊوڪي، پنو عاقل ۽ ٻيون فلمون شامل آهن. هن کي سنڌي فلمن جو سڀ کان وڏو شاعر چئجي ته غلط نه ٿيندو. هن جي شاعريءَ جا مجموعا "سوغات رشيد"، "رياض رشيد" ۽ "ڪلام رشيد" ڇپجي چڪا آهن. شاعريءَ کان علاوه هن لڳ ڀڳ 30 ڪتاب لکيا. هن 19 سيپٽمبر 1970ع تي حيدرآباد ۾ وفات ڪئي. ڪجهه حوالن ۾ سندس وفات جي تاريخ 19 بجاءِ 20 سيپٽمبر پڻ لکي وئي آهي.

عبدالڪريم اداسي

هن بزرگ شاعر جو جنم 8 آڪٽوبر 1918ع تي ڳوٺ پيچوها، تعلقي واره ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ ٿيو. هن جو پورو نالو عبدالڪريم ولد غلام رسول پيچوهو هو. هن کي سنڌي ۽ فارسي ٻولين تي عبور حاصل هو. عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري اسڪول جي استاد طور ڪيائين ۽ 1976ع ۾ هيڊماسٽر طور رٽائر ٿيو. هن 1975ع ۾ حج جي سعادت به حاصل ڪئي. هو هڪ پلوڙ شاعر هو. شاعريءَ ۾ "اداسي" تخلص استعمال ڪندو هو. سندس ٽر جا ماڻهو کيس "سائين اداسي" سڏيندا هئا. سندس غزل خاص طور تي مشهور هئا. هن بزرگ شاعر 19 سيپٽمبر 1986ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

بقايا 1 روزاني عبرت

سجاڳ عبدالغني ملڪ طور ٿي آهي جڏهن ته سرڪاري اسپتال جي سهولتن ته هٿ ڪري لاش کي ڪلاڪ اسپتال ۾ پيل رهيو ايمبولينس لاءِ وارث پريشان رهيا سول اسپتال ۾ فوت ٿي ويل عبدالغني ملڪ جي لاش کي گهر منتقل ڪرڻ لاءِ وارثن کي مبينا طور تي ڪلاڪن تائين ايمبولينس جو انتظار ڪرڻو پيو وارثن جو الزام آهي ته ايمبولينس ملڻ بعد مبينا طور پئسن جي گهر ڪئي وئي آهي فوتي جي وارثن اسپتال جي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن الزام درست ثابت ٿين ته ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي هوڏانهن وارثن لاش ايمبولينس جي بجاءِ رڪشو ڦٽو ريڙهي ۾ ڳوٺ تنگواڻي کڻائي ويا جتي مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 2 روزاني عبرت

جي مشهور اخباري ادارن ۾ اسٽاف رپورٽر ۽ نيوز ايڊيٽر طور پنهنجون صحافتي خدمتون نهايت ئي احسن طريقي سان سرانجام ڏنيون سنڌس رحلت صحافت جي شعبي جو وڏو نقصان آهي سنڌس خال ڊگهي عرصي تائين نه پرجي سگهندو وائيس چانسلر مرحوم عبداش پنهور جي پونئرن سان تعزيت جو اظهار ڪندي ڏکي ۾ دعا ڪئي آهي ته رب پاڪ سنڌس درجا بلند فرمائي ۽ پونئرن کي هي ايڏو وڏو صدمو سهڻ جي توفيق عطا فرمائي

بقايا 3 روزاني عبرت

شرڪت ڪئي جڏهن ته سنڌي شاگرد تحريڪ لمس سنڌ يونيورسٽي ۽ مهراڻ يونيورسٽي جي اڳواڻن ڪارڪن سميت شاگردن اياز لطيف پليجو جو ساروي گيٽ سنڌ يونيورسٽي آڏو گلن جي ورکا ڪري شاندار استقبال ڪيو سيمينار کي اياز لطيف پليجي خطاب ڪندي چيو ته ڪنهن به نالي ۾ سنڌ ٽوڙڻ نه ڏينداسين انتظامي يونٽ هجي يا ڪو ٻيو نالو رکي سنڌ ورهائڻ جو ڪو به منصوبو قبول ناهي اصل ٽارگيٽ سنڌ جا وسيلا آهن سمنڊ، بندرگاهه ڪوئلو تيل گئس پاڻي ۽ زمينون قبضو ڪرڻ لاءِ گهڻ طرفيون سازشون رچايون وڃن آهن اياز لطيف پليجي چيو ته سنڌ جون درسگاهون عالمي معيار موجب ناهن حڪمران هر شئي کي ڪرپشن ۽ ڪمائي جو ذريعو بنائي ڇڏيو آهي پيٽرول مهانگو ڪري غريب عوام لاءِ جيئڻ جا رستا بند ڪيا ويا آهن

بقايا 4 روزاني عبرت

جي اعلان جي پسمنظر ۾ ڀرپور احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ شاگردن استادن سياسي ۽ سماجي شخصيتن ۽ مذهبي جماعتن جي اڳواڻن شرڪت ڪئي جڏهن ته زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شهرين پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مظاهرين جي هٿن ۾ پلي ڪارڊ ۽ بينر هئا، جن تي "دفاع حرمين لاءِ اسان جون جانيون به قربان"، "حرمين شريفين جو تحفظ اسان جي ايمان جو حصو آهي" ۽ ٻين مذمتي نعرن تي ٻڌل نعرا درج هئا. شرڪت ڪندڙن سعودي عرب خلاف ٿيندڙ حملن جي سخت مذمت ڪندي دفاع حرمين شريفين سان پنهنجي مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو.

بقايا 5 روزاني عبرت

تهذيب جي اڏيندڙ واحد وسيلي سنڌو درياهه مٿان جهڙيءَ ريت جبري طور لاڳو ڪيو ويو آهي، تنهن عمل کي رد ڪندي چيو ته اسين ان کي عالمي ماحولياتي قائدن ۽ قانونن جي ڀڃي، انسانن سميت ٻي سموري فطري جيوت جي حقن جي ڀڃڪڙي ۽ ملڪ مٿان غيرضروري قرضن جي وڌندڙ دٻاءَ جو اضافي سبب سمجهون ٿا. هي پلانٽ سنڌو درياهه جي ڊائون اسٽريم جي ستن ضلعن جي ڪروڙين انسانن ۽ ٻي فطري حيات لاءِ انتهائي هاڃيڪار ٿيندو جي اهو ثابت ڪري رهيو آهي ته اسان جي پاليسي ساز ادارن لاءِ ماحولياتي قانونن ۽ عوامي راءِ جي ڪا به اهميت ناهي رهي.

بقايا 6 روزاني عبرت

ايماندار آفيسر مقرر ڪرڻ جو مطالبو خبر موجب ٽنڊوالهيار جي تعلقه ايجوڪيشن آفيسر پرائمري في ميل مهوش سومرو کي رشوت وٺڻ واري الزام ۾ شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ پاران ٽنڊوالهيار جي تعلقه ايجوڪيشن آفيسر (پرائمري/في ميل) مهوش سومرو کان وضاحت طلب ڪري ورتي آهي جاري ڪيل ليٽر ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته مهوش سومرو خلاف لکت ۾ شڪايت ملي آهي ته هن مبينا طور تي استادن کان سرڪاري معاملن جهڙوڪ بلن جي صحيح ڪرڻ موڪلن جي منظوري، اسڪول جي خرچن ۽ ٻين سرڪاري ڪاغذن جي سلسلي ۾ غير قانوني رشوت طلب ڪري وصول ڪئي آهي جيڪو بدانتظامي ۽ فرض ۾ غفلت جي زمري ۾ اچي ٿو نوٽيس ۾ کيس هدايت ڪئي وئي آهي ته 3 ڏينهن اندر پنهنجي پوزيشن واضح ڪري ٻي صورت ۾ سندس خلاف E&D رولز تحت محڪماڻي ڪارروائي شروع ڪئي ويندي ٻي پاسي ٽي اي او في ميل جي آفيس جو سپرينٽنڊنٽ ٽي اي او خلاف سامهون اچي ويو آهي سپرينٽنڊنٽ آسو خواجه موجب ٽي اي او جي آفيس جي مرمت سميت ڪو به خرچ نٿو ملي آفيس ۾ ڪي به سهولتون ناهن پنهنجي کيسن مان آفيس هلايون پيا هن چيو ته ٽي اي او مهوش سومرو ٻن سالن جو بجيٽ کيرائي پاڻ کائي وئي جنهن آفيس تي هڪ رپيو به خرچ ناهي ڪيو آفيس ورڪ به ٻاهر ڪيو ٿو وڃي جنهن جو ڪو به رڪارڊ آفيس ۾ موجود ناهي ٽي اي او مهيني ۾ صرف هڪ ٻه ڀيرا آفيس اچي ٺيڪيدارن کان پئسا وٺي انهن جا ڪم ڪري ٿي هن وڌيڪ چيو ته آفيس ۾ ويهڻ لاءِ ڪرسي به ناهي لکڻ لاءِ ڪاغذ قلم به ناهي پيئڻ جي پاڻي لاءِ گلاس به موجود ناهي پريشاني ۾ آفيس هلائي رهيا آهيون هن گهر ڪئي ته تعليم جي صوبائي وزير ۽ سيڪريٽري تعليم کي گهرجي ته ايماندار ٽي اي او مقرر ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي ٻي پاسي ذريعن کان ڄاڻ ملي آهي ته مذڪوره ٽي اي او مهوش سومرو تي اينٽي ڪرپشن ۾ اين سي ايڇ ڊي جي استادن جي جعلي ڀرتي واري انڪوائري پڻ هلندڙ آهي جڏهن ته انهي سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي پ ٽ الف جي ضلعي صدر امينه طاهر قمبراڻي ٻڌايو ته ٽي اي او في ميل مهوش سومرو آفيس ۾ هر ڪم جا ريٽ مقرر ڪري ڇڏيا آهن جيڪا هر ڪاغذ تي صحيح ڪرڻ جا پئسا گهري ٿي هن چيو ته مٿس ايترا الزام هجڻ باوجود به ڪارروائي نه ٿي سگهي آهي ٽي اي او جي آفيس نه اچڻ ڪري ڪيترائي ڪم رولڙي جو شڪار بڻيل آهن جيڪڏهن آفيس اچي ٿي ته اهو به صرف ٺيڪيدارن ۽ پئسا ڏيندڙن جا ڪم ڪرڻ اچي ٿي جيڪو پئسا نٿو ڏي انهي کي مختلف بهانا ڪري رولايو ٿو وڃي هن اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته ٽي اي او خلاف انڪوائري ڪري ڪا ايماندار ٽي اي او مقرر ڪئي وڃي جيئن استادن جا جائز ڪم ۽ مسئلا حل ٿي سگهن

بقايا 7 روزاني عبرت

ڪيو آهي احتجاج ڪندڙ عورتن جو چوڻ هو ته اعجاز شيخ جو ڪنهن به ڏوهه سان ڪو به تعلق ناهي هو بلڪل بيگناهه ۽ بي قصور آهي پوليس بنا ڪنهن جواز جي کيس کنيي وئي آهي جنهن ڪري سنڌس گهر جا معصوم ٻار بي سهارا ٿي ويا آهن سنڌس گهرواري فرزانه شيخ جو وڌيڪ چوڻ آهي ته مان حمل سان آهيان منهنجو مڙس هڪ مهيني کان وٺي پوليس وٽ آهي منهنجي ڊليوري ٿيڻ واري آهي هن وقت مان بي سهارا آهيان منهنجو خرچ ڪير ڀريندو هنن ايس ايس پي لاڙڪاڻو ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ آءِ جي سنڌ کي اپيل ڪئي آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي اعجاز شيخ کي فوري طور تي آزاد ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 8 روزاني عبرت

بلدياتي نمائندن سماجي شخصيتن ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سينيٽر قرت العين مري چيو ته پيپلز پارٽي عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي شهيد بينظير ڀٽو پبلڪ پارڪ بيراڻي جي شهرين لاءِ هڪ بهترين تفريحي سهولت ثابت ٿيندو هن چيو ته پارڪ ۾ ٻارن لاءِ جهولا، واڪنگ ٽريڪ، سبز گاهه، ويهڻ لاءِ بينچون ۽ روشني جو جديد نظام لڳايو ويو آهي هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت بيراڻي سميت سڄي ضلعي ۾ ترقياتي ڪمن کي ترجيح ڏئي رهي آهي، جلد ئي به عوامي فلاح جا منصوبا مڪمل ڪيا ويندا. تقريب ۾ شهرين پاران پارڪ جي تعمير تي خوشي جو اظهار ڪندي پ پ قيادت ۽ سينيٽر قرت العين مري جا ٿورا مڃيا ويا ۽ مطالبو ڪيو ويو ته پارڪ جي سار سنڀال لاءِ مستقل عملو مقرر ڪيو وڃي ته جيئن هي سهولت ڊگهي عرصي تائين قائم رهي آخر ۾ سينيٽر قرت العين مري پارڪ جو دورو ڪري انتظامن جو جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل عملدارن کي صفائي ۽ سار سنڀال بهتر رکڻ جي هدايت ڪئي ان موقعي تي سيد محمد علي شاهه سيد شهباز شاهه سيٺ انور راجپوت سهيل ٻبر سميت ٻيا پڻ موجود هئا

بقايا 9 روزاني عبرت

ڪئي صوبائي وزير ورڪس سروسز ۽ جيل حاجي علي حسن زرداري پاران منعقد ڪرايل کلي ڪچهري ۾ ڊي سي ٺٽو سرمد علي ڀاڳت ايس ايس پي ٺٽو عديل چانڊيو سميت ضلعي ٺٽي جي آبپاشي کاتي صحت ڊرينيج ۽ حيسڪو جي عملدارن شرڪت ڪئي

بقايا 10 روزاني عبرت

ضلعي سانگهڙ جي صحافين جو هنگامي اجلاس پريس ڪلب سانگهڙ ۾ صدر اشفاق پٽي جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو اجلاس ۾ سانگهڙ شهداد پور کپرو چوٽياريون جهول سنجهورو ڪنڊڙو ڄام نواز علي ٽنڊو آدم بيراني سميت ضلعي جي مختلف شهرن ۽ تعلقن سان تعلق رکندڙ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اجلاس دوران صحافين انجم آفتاب نظاماڻي جي گرفتاري، سنڌس گهر تي مبينا چڙهائي ۽ صحافين کي آزادي سان صحافتي ذميواريون ادا ڪرڻ کان روڪڻ واري عمل تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته صحافين کي پنهنجي پيشوراڻي ذميواريون نڀائڻ لاءِ آزاد ۽ محفوظ ماحول فراهم ڪيو وڃي صحافين جي مشاورت سان معاملي تي اڳڀرائي ۽ ايندڙ حڪمت عملي طئي ڪرڻ لاءِ سينيئر صحافين تي ٻڌل ڪميٽي جوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو جنهن ۾ اشفاق پٽي، مبين درس، عاجز منگي، غلام مصطفيٰ ترين، امير بخش بگٽي، محمد حسن لاکو، اختر ماري، خدا ڏنو ڪاچائي، ايڊوڪيٽ هوش محمد منگي، رضا خان پٺاڻ ۽ غلام قادر ملوڪاڻي شامل آهن اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته صحافي انجم آفتاب نظاماڻي جي گرفتاري، صحافين جي گهرن تي مبينا چڙهائين ۽ صحافتي ذميوارين ۾ رڪاوٽن خلاف سومر ڏينهن صبح 11 وڳي ضلعي سانگهڙ ۾ احتجاجي ڌرڻو هنيو ويندو اجلاس ۾ سنجهوري جي سرڪاري اسپتال جي ايم ايس پاران مبينا بدتميزي ۽ اسپتال بابت صحافتي رپورٽنگ کان روڪڻ واري معاملي کي پڻ احتجاج جو حصو بڻائڻ جو فيصلو ڪيو ويو صحافين چيو ته صحافتي ذميواريون ادا ڪرڻ دوران مبينا رڪاوٽون پيدا ڪرڻ ۽ صحافين خلاف ڪيس داخل ڪرڻ وارن معاملن تي قانوني ۽ صحافتي فورمن تي آواز اٿاريو ويندو صحافين مطالبو ڪيو ته صحافين خلاف داخل ڪيل ڪيسن ۽ گرفتارين جي معاملن جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ صحافين کي بنا ڪنهن دٻاءَ جي پنهنجون پيشوراڻيون ذميواريون ادا ڪرڻ لاءِ سازگار ماحول فراهم ڪيو وڃي آخر ۾ اجلاس دوران قرارداد منظور ڪندي پوليس ۽ صحت کاتي جي بائيڪاٽ جو پڻ اعلان ڪيو ويو.

بقايا 11 روزاني عبرت

هجي پر اهو سنڌ جي ورهاست قبول نه ڪندو. اهڙي خيالن جو اظهار هن جيڪب آباد جي مقامي هوٽل تي تقريب ۾ شرڪت کان بعد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو مير اعجاز حسين جکراڻي چيو ته پيپلز پارٽي محسن نقوي کي ڪجهه ووٽ ڏنا باقي جيڪڏهن هو هن وقت سنڌ جي ورهاست جي ڳالهه ڪري ٿو ته اسان جي پارٽي جا سڀ اڳواڻ ان کي غلط قرار ڏين ٿا، باقي ان کان استعيفي ان لاءِ نٿا گهرون ته ميجارٽي ووٽ ٻئي پاسي کان هن وٽ وڌيڪ آهي هن سنڌ مان اسلام آباد ويندڙ ماڻهن بابت چيو ته اهو عمل پهريون ڀيرو ناهي ٿيو باقي جيڪڏهن سنڌ جي ورهاست واري عمل ۾ ڪنهن به حصو ورتو ته سنڌ جو عوام انهن کي ڪڏهن بخش نه ڪندو هن وڌيڪ چيو ته بجلي جي لوڊشيڊنگ جي مسئلي جي حل سميت واپڊا ۽ نادرا جي آفيسون کي جلد شهر اندر واپس آندو ويندو هن چيو ته سنڌ حڪومت هن وقت معاشي بحران مان گذري رهي آهي ڇاڪاڻ ته اسان جي ملڪ جا حالات ڪجهه بهتر ناهن هن وقت اسان جي فوج جنهن طريقي سان شهادتون ماڻي ملڪ جو دفاع ڪري رهي آهي ان لاءِ صوبا انهن جي مدد ڪري رهيا آهن ڇاڪاڻ ته بين الاقوامي سطح تي ڪجهه شيون ضروري آهن باقي اڳتي هلي سڀ ڪجهه بهتر ٿي ويندو جڏهن ته ان کان اڳ انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروهي پاران پي پي پي ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي جي مان ۾ آجياڻو ڏنو ويو جنهن ۾ ٽائون ڪاميٽي ميرپور برڙو جو چيئرمين سردار صدام حسين برڙو ضلع ڪائونسل جي ميمبر مير محمد اڪرم بروهي، مير سهيل خان بروهي واپاري اڳواڻ سريچند پارواڻي بابو خداداد بروهي، استاد گلشير بروهي سميت ٻيا وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا، آجياڻي واري تقريب ۾ مهمان خاص ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي ۽ سردار صدام حسين برڙو کي سنڌ جي روايت موجب ٽوپي ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ويا.

بقايا 12 روزاني عبرت

آهي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊاڪٽر محمد فاروق آرائين ٻڌايو ته مهم لاءِ 1400 کان وڌيڪ پوليو ٽيمون جوڙيون ويون آهن جيڪي گهر گهر وڃي ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارينديون جڏهن ته سفر ڪندڙ ٻارن کي ويڪسين کان محروم ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ 370 ٽرانزٽ پوائنٽن تي پڻ ٽيمون مقرر ڪيون وينديون ان کان علاوه 87 فڪسڊ سينٽرن تي پوليو ويڪسينيشن جي سهولت فراهم ڪئي ويندي هن چيو ته مهم کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ پوليو ٽيمن جي تربيت مڪمل ڪئي وئي آهي. جڏهن ته ڪولڊ چين سسٽم جي بهتر جاچ ۽ تصديق پڻ ڪئي وئي آهي پوليو ويڪسين ۽ ٻيو ضروري سامان لاڳاپيل مرڪزن تائين پهچايو ويو آهي ضلعي صحت آفيسر والدين کي اپيل ڪئي ته مهم دوران پنهنجي گهرن ۾ موجود پنجن سالن کان گهٽ عمر جي سمورن ٻارن کي لازمي پوليو جا ڦڙا پيارين ڀلي اهي خاندان جا ٻار هجن مهمان هجن يا گهريلو ملازمن جا ٻار هن عوام تي زور ڀريو ته پوليو ٽيمن سان ڀرپور سهڪار ڪيو وڃي ته جيئن ڪو به ٻار حفاظتي ڦڙن کان محروم نه رهي ڊاڪٽر محمد فاروق آرائين وڌيڪ ٻڌايو ته ڪجهه ٻار بخار يا ٻين طبي سببن جي ڪري عارضي طور پوليو جا ڦڙا نٿا وٺي سگهن ۽ طبيعت بهتر ٿيڻ کانپوءِ انهن کي پوليو جا ڦڙا پياريا وڃن ٿا هن چيو ته ضلعي سانگهڙ ۾ هر پوليو مهم دوران انڪاري ڪيسن جي شرح صفر رهي آهي هن ٻڌايو ته ضلعي سانگهڙ ۾ پوليو جو آخري ڪيس آڪٽوبر 2024ع ۾ رپورٽ ٿيو هو جنهن کانپوءِ ضلعي ۾ پوليو جو ڪو نئون ڪيس سامهون ناهي آيو هن چيو ته صحت کاتو ۽ لاڳاپيل ادارا پوليو وائرس جي ضلعي ۾ داخل ٿيڻ کي روڪڻ ۽ ٻارن کي محفوظ رکڻ لاءِ مسلسل قدم کڻي رهيا آهن

بقايا 13 روزاني عبرت

انتظاميا احتجاجي مظاهرو ڪري مين روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو هنن ٻڌايو ته ان کان اڳ به هو زبردستي ڪاليج ۾ گهڙي آيا هئا ۽ جنهن ڪري ڇڪتاڻ کان پوءِ پوليس ۽ انتظاميا کي اطلاع جي باوجود کين تحفظ نه ڏنو ويو هنن چيو آهي ته جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري کين گرفتار نه ڪيو ويو ته ڀرپور احتجاجي تحريڪ هلائينداسين

بقايا 14 روزاني عبرت

ٿي ويس جنهن دوران ٻنهي ڌرين پاران فائرنگ ڪئي وئي فائرنگ جي نتيجي ۾ گوليون لڳڻ سبب محمد اعظم آرائين زخمي ٿي پيو جنهن کي وارثن ۽ علائقي واسين علاج لاءِ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو جتي کيس طبي امداد ڏني پئي وڃي ٻئي طرف جهيڙي کانپوءِ علائقي ۾ ڇڪتاڻ واري صورتحال برقرار آهي جڏهن ته ٻنهي ڌرين جا ماڻهو مبينا طور مورچابند ٿي ويا آهن واقعي جي اطلاع ملڻ بعد پوليس پڻ علائقي ڏانهن روانو ٿي وئي جڏهن ته جهيڙي جا سبب ۽ ڌرين وچ ۾ تڪرار بابت وڌيڪ تفصيل معلوم نه ٿي سگهيا آهن

بقايا 15 روزاني عبرت

نوابشاهه اسپتال ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو نينگر جي فوت ٿيڻ جي خبر گهر ۾ پهچندي ئي ڪهرام مچي ويو

بقايا 16 روزاني عبرت

ڪمپنين مان واحد ڪمپني بڻجي وئي آهي جنهن 8500 عدد APMSميٽر لڳائڻ لاءِ پروجيڪٽ مئنيجمينٽ يونٽ (PMU)۾ آٽوميٽڊ پرفارمنس مئنيجمينٽ سسٽم (APMS)جي تنصيب بابت ٽينڊر کوليو آهي. حيسڪو ترجمان موجب اي پي ايم ايس جي نفاذ سان موجوده فيڊرز، فيڊرز لوڊ مئنيجمينٽ بدران ٽرانسفارمر وائيز لوڊ مئنيجمينٽ ڏانهن اهم اڳڀرائي ٿيندي هن سسٽم جو هڪ اهم فائدو اهو ٿيندو ته ضرورت وقت سڄي فيڊر کي بند ڪرڻ بدران صرف لاڳاپيل ٽرانسفارمر جي سطح تي لوڊ مئنيجمينٽ ڪري سگهبي هي سسٽم حيسڪو جي چونڊيل ڊسٽريبيوشن ٽرانسفارمرن تي نصب ڪيو ويندو جنهن جو مقصد بجلي جي فراهمي لوڊ مئنيجمينٽ، نگراني ۽ نقصانن ۾ گهٽتائي جي نظام کي جديد ۽ موثر بڻائڻ آهي هن جديد سسٽم ذريعي اهڙن مخصوص ٽرانسفارمرن جي سڃاڻپ، نگراني ۽ ڪنٽرول ممڪن ٿيندو جتي بجلي جا نقصان وڌيڪ، رڪوري گهٽ يا ٻيا انتظامي ۽ فني مسئلا موجود هوندا. اهڙي طرح فيڊر جي ٻين علائقن ۾ بجلي جي فراهمي بلاوجه متاثر نه ٿيندي ۽ واهپيدارن کي لوڊ مئنيجمينٽ دوران نسبتاً بهتر رليف فراهم ڪرڻ ۾ مدد ملندي ٽينڊر جي عمل ۾ پاڪستان ۽ چين جي مختلف ڪمپنين حصو ورتو جيڪو هن منصوبي ۾ ڪاروباري ۽ فني دلچسپي سان گڏوگڏ مسابقتي ۽ شفاف خريداري واري عمل جي عڪاسي ڪري ٿو حيسڪو انتظاميه موجب اي پي ايم ايس جو منصوبو بجلي جي نظام ۾ آٽوميشن جديد ٽيڪنالوجي ڊيجيٽل مانيٽرنگ ۽ شفاف ۽ موثر لوڊ مئنيجمينٽ جي فروغ ڏانهن هڪ اهم قدم آهي هي اقدام پاڪستان حڪومت جي بجلي جي شعبي ۾ جديد ٽيڪنالوجي ۽ آٽوميشن جي فروغ واري ويزن کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش جو حصو آهي. حيسڪو انتظاميه ان عزم جو اظهار ڪيو ته ٽينڊر جو عمل تمام لاڳاپيل قواعد ۽ ضوابط موجب شفاف، مسابقتي ۽ تيز رفتار انداز ۾ مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي، تاڪه منصوبي تي جلدي کان جلدي عملدرآمد شروع ٿئي ۽ ان جا ثمر حيسڪو جي واهپيدارن تائين پهچي سگهن. هن موقعي تي حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري سان گڏ جنرل مئنيجر (پي ايم يو) سيده فرحا ديبا، ڊائريڪٽر جنرل (پروڪيورمينٽ) پي ايم يو عبدالحق شيخ مئنيجر (پروڪيورمينٽ) پي ايم يو عرفان ڪريم شيخ، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر (جي ايس سي) آصف حسين پٽو ۽ ٻيا آفيسر موجود هئا.

بقايا 17 روزاني عبرت

واقعي واري هنڌ تڙپندا رهيا نيٺ ڀرپاسي ۽ ايندڙ ويندڙ ماڻهن زخمي کي ٻاهر ڪڍي رڪشن ڊاٽسنن وغيره تي زخمين کي ڪنري اسپتال منتقل ڪيو دير سان ايمبولينس ۽ پوليس پهتي واقعي بعد اسپتال ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي زخمين مان شنڪر رامچند، نانڪي رخمو سميت پنجن جي حالت وڌيڪ خراب هجڻ سبب حيدرآباد ريفر ڪيو ڪوچ ڪلٽي ٿيڻ بعد ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو معلوم ٿيو آهي ته روڊ جي پاسن سان ٽيليفون کاتي وارن ڪيبل وڇائڻ لاءِ نالو ڏاهي کيل کوٽائي سبب ڪراسنگ دوران ڪوچ ڪلٽي ٿي

بقايا 18 روزاني عبرت

قرآن پاڪ تي اوهان ميڊيا آڏو ساک ٿا ڏيون ته اڄ کانپوءِ ڪنهن به قسم جي منشيات جي ڪم ۾ شامل نه ٿينداسين پنهنجي ڳوٺاڻي پورهيت جي حساب سان روزگار ڪنداسين ان ڪري منهنجي ميڊيا ذريعي حڪمرانن سميت انتظاميه کي اپيل آهي ته گناهه الله سائين به معاف ڪندو آهي قانون به اسان کي بخش ڪري ته جيئن شريفاڻي زندگي گذاري سگهون اسان کي پنهنجي ماضيءَ جي ڪم تي پشيماني آهي ان ڪري اسان مٿان داخل ڪيس ختم ڪيا وڃن.

بقايا 19 روزاني عبرت

سولنگي نذير احمد لنڊ ۽ ٻين سان گڏ اسڪول جي پرنسپال ظفر حسين ڪبر ۽ اسڪول انتظاميا سان ملاقات ڪئي جتي ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌي معاملو حل ڪرايو ويو ذريعن موجب ڳالهين کانپوءِ اسڪول جي پرنسپال پروفيسر ظفر حسين ڪبر پاران استاد عمران احمد سولنگي کي تعلقه ايجوڪيشن آفيسر ميرواهه جي آفيس مان پڳهار حاصل ڪرڻ لاءِ باضابطا نو آبجيڪشن سرٽيفڪيٽ (NOC)جو ليٽر جاري ڪيو ويو ليٽر جاري ٿيڻ کانپوءِ پ ٽ الف اڳواڻن احتجاج ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو جنهن سان گذريل ٽن ڏينهن کان هلندڙ احتجاجي تحريڪ پڄاڻي تي پهتي ۽ استاد عمران احمد سولنگي جي پڳهار وارو معاملو به حل ٿي ويو

بقايا 20 روزاني عبرت

تعلقي جي ناليواري بزرگ هستي استاد العلماءِ مفتي مُحمد هدايت الله آريجوي رح جو ساليانو عرس مبارڪ مذهبي جوش جذبي عقيدت احترام سان ملهايو ويو جڏهن ته عرس تقريب جي شروعات ۾ صبح سويري جو سنڌس جي فرزند پروفيسر محمد حافظ محمد نالي ملو آريجوي، ڊاڪٽر عبدالله آريجوي سميت عالمن حافظن سان گڏجي مفتي هدايت الله آريجوي رح جي مزار تي گلن جي چادر چاڙهي قرآن خواني ڪرائي عرس جلسو تقريب کي پروفيسر محمد نالي ملو آريجوي،مولوي سردار احمد آريجوي، حافظ حميد الله آريجوي، مفتي سيد فهيم احمد شاهه راشدي سيد حزب الله شاهه سيد مخدوم علي شاهه مولوي راڃهن جيسر مولوي دائم علي آريجو سميت شهرين سيد شفقت حسين شاهه احمد بخش آريجو محمد عرس آريجو رستم علي آريجو سيد حافظ امير علي شاهه حافظ خليل الله حافظ بشير احمد سميت ڪيترن ئي شاگردن شهرين ۽ عالمن توڙي حافظن عقيدتمندن مريدن وڏي انگ ۾شرڪت ڪئي جڏهن ته جلسو تقريب کي پروفيسر حافظ نالي ملو آريجوي مفتي سيد فهيم احمد شاهه راشدي مولوي حافظ راڃهن علي جيسر سميت ٻين عالمن خطاب ڪندي بزرگ هستي استاد العلماءِ مفتي مُحمد هدايت الله آريجوي رح جي شان تي روشني وڌي ۽ چيو ته سائين مفتي هدايت الله آريجوي رح سنڌ جو عالم دين توڙي بزرگ هو جنهن پنهنجي حياتيءَ ۾ سوين شاگردن پيدا ڪيا جن علم دين جي تعليم وٺي سموري ملڪ اندر دين جي تبليغ ڪئي ۽ سنڌس جا شاگرد اڄ به ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ديني فيض ڏئي رهيا آهن ان موقعي تي مختلف نعت خوانن نعت شريف پڙهي محفل کي روحاني رنگ بخشي ڇڏيو جڏهن ته آخر ۾ پروفيسر حافظ محمد نالي ملو آريجوي ۽ ٻين عالم اسلام توڙي ملڪي سلامتيءَ لاءِ دعا گهري جڏهن ته آخر ۾ لياقت علي شيخ محمد شفا آريجو حافظ سراج آريجو معراج علي آريجو ڊاڪٽر محمد شيخ ۽ ٻين طرفان لنگر پڻ تقسيم ڪيو

بقايا 21 روزاني عبرت

ڏيندڙن کان 100 سيڪڙو وصولي يقيني بڻائي آهي ان سلسلي ۾ ايڪسين آپريشن ڊويزن قاسم آباد ظفر سولنگي جي نگراني ۾ ايس ڊي او هيرآباد محمد اويس پاران بجلي چورن ۽ بقاياجات نه ڏيندڙن خلاف هيرآباد جي مختلف علائقن الرحمان اپارٽمينٽ، گهمن آباد، محمدي هوٽل ۾ بلا تفريق ڪارروايون ڪيون ويون 300 غير قانوني ڪنيڪشن ڪاٽيا ويا، 02 عدد ٽرانسفارمر هٽايا ويا جڏهن ته بقاياجات جي مد ۾ 26 لک کان وڌيڪ وصولي ڪئي وئي واضح رهي ته حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري جي هدايتن تي بجلي چورن ۽ نه ڏيندڙن خلاف بلا تفريق ڪارروايون جاري آهن واجبات جي 100 سيڪڙو وصولي يقيني بڻايون واهپيدار پنهنجا بجلي جا بقاياجات ترت ادا ڪن ٻي صورت ۾ بجلي منقطع ڪئي ويندي ۽ قانوني ڪارروائي ڪندي واهپيدار کي گرفتار ڪيو ويندو بجلي چوري ڪندڙ ملڪ ۽ قوم جو مجرم آهي ان ڪري کيس ڪنهن به صورت ۾ نه ڇڏيو ويندو ان سان گڏوگڏ مختلف سب ڊويزنن پنهنجن علائقن ۾ بلن جي ادائيگي لاءِ اعلانات جو سلسلو به جاري رکيو آهي حيسڪو انتظاميه پنهنجي معزز واهپيدارن کي اپيل ڪري ٿي ته بجلي جا بل بر وقت جمع ڪرائين ۽ پنهنجا بقاياجات فوري طور ادا ڪن ٻي صورت ۾ رينجرز پوليس ۽ حساس ادارا جڏهن ان واهپيدار کي گرفتار ڪندا ته اهو پاڻ ذميوار هوندو اسان جون ڪارروايون بلا تفريق جاري آهن ۽ بجلي چوري جي خاتمي تائين جاري رهنديون بجلي چور ملڪ قوم ۽ حيسڪو جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ آهن عوام کليل ڪچهرين ۾ ڀرپور شرڪت ڪري ۽ پنهنجا جائز مسئلا حل ڪرائي ان سان گڏ عوام کي گهرجي ته واجبات جي ادائيگي مقرر وقت تي ڪري ته جيئن بجلي جي فراهمي ميسر ٿي سگهي ٻي صورت ۾ بجلي ڪاٽڻ کان سواءِ سخت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري واهپيدارن کان اپيل ڪئي آهي ته عوام بجلي چوري ڪندڙن خلاف حيسڪو جو ساٿ ڏئي ته جيئن ان برائيءَ جو مڪمل خاتمو ٿي سگهي بجلي جا بل بر وقت ادا ڪريو ته جيئن حيسڪو توهان کي بجليءَ جي وڌيڪ بهتر سروس فراهم ڪري سگهي چيو ته حيسڪو هڪ ڪمرشل ادارو آهي جيڪو بلن جي ادائيگي کان سواءِ سسٽم نٿو هلائي سگهي

بقايا 22 روزاني عبرت

وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو ميلي جي شروعات آرتي سان ڪئي وئي سوين عورتون مرد منو ڪامنائون کڻي منڊر پهتا جتي پوجا پاٺ پڻ ڪئي وئي ميلا ڪاميٽي پاران سڄي پاڙي کي رنگ برنگي بتين سان سينگاريو ويو شهر جي معزز مير ديدار خان ڪوسو ۽ 15 مددگار انچارج خليل لغاري ميلي ۾ شرڪت ڪئي انهي دوران ميڊيا سان ڳالهيندي چيو ته بابا رامديو صدين جي تاريخ رکي ٿو سنڌس درس انسانيت جو پرچار - انسان سڀ برابر آهن جيڪو درس سنڌ جا صوفي درويش پڻ ڏئي رهيا آهن

بقايا 23 روزاني عبرت

خدا جي بستي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ۾ پاڪستان نوجوان تحريڪ جي اڳواڻن ڪارڪنن ۽ علائقي واسين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن عبدالستار لهر نظير بليدي، ذوالفقار ٻبر الطاف بگٽي ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ڪوٽڙي سائيٽ واري علائقي ۾ امن امان جي صورتحال روز بروز خراب ٿيندي پئي وڃي، جڏهن ته منشيات جي عام واهپي سبب نوجوان نسل جو مستقبل خطري ۾ پئجي رهيو آهي هنن چيو ته علائقي ۾ چوريون ڦرون ۽ ٻين ڏوهن ۾ واڌ سبب شهري سخت پريشان آهن پر پوليس انتظاميا ڏوهارين ۽ منشيات فروشن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪرڻ ۾ ناڪام نظر اچي رهي آهي منشيات جي کلي عام وڪري سبب نوجوان نسل تباهي طرف وڃي رهيو آهي، جنهن تي فوري طور تي ضابطو آڻڻ ضروري آهي اڳواڻن ايس ايس پي ڄامشورو ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته ڪوٽڙي سائيٽ ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي منشيات فروشن، چورن ۽ ڦورن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي، گشت وڌايو وڃي ۽ شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي هنن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن علائقي ۾ امن امان بحال ڪرڻ ۽ منشيات جي خاتمي لاءِ عملي قدم نه کنيا ويا ته پاڪستان نوجوان تحريڪ پاران احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا 24 روزاني عبرت

اسپتال کڻائي وئي آخري اطلاعن تائين ٽرين مان ڪري فوت ٿيل مسافر جي لاش جي حالت سڃاڻپ جهڙي نه هجڻ ۽ فوتي مسافر جي کيسي مان ڪوئي شناختي ڪارڊ وغيره نه ملڻ ڪري ، سڃاڻپ نه ٿي سگهي آهي جڏهن ته سڃاڻپ لاءِ لاش کي گمس اسپتال جي سرد خاني ۾ رکيو ويو آهي جڏهن ته حد جي پوليس موجب جنهن فوت جي سڃاڻپ ٿي ته لاش وارثن حوالي ڪيو ويندو .

بقايا 25 روزاني عبرت

کوکر جي گهر مان نا معلوم چور هڪ ڪروڙ روپين کان مٿي چوري ڪري فرار ٿي ويا. گهر مالڪ بهادر کوکر ميڊيا کي ٻڌايو ته نامعلوم چور رات دير سان گهر اندر داخل ٿي 20 تولا سون، 55 لک روپيا روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا. هوڏانهن واقعي جي اطلاع تي پاڻ سيدآباد پوليس متاثر گهر پهچي ڪرائيم سين جو معائنو ڪيو، پوليس جي ڪرائيم سين يونٽ ٽيم پاران ڄاڻايل گهر جا فنگر پرنٽ وٺڻ سان گڏ ٻيون شاهديون پڻ هٿ ڪيون ويون. هن موقعي تي متاثر گهر مالڪ بهادر کوکر سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي چورن کي گرفتار ڪري سندس گهر مان ٿيل چوري واپس ڪرائي وڃي. چور گهر مان سمورو سامان چوري ڪري ويا آهن الماڙيون ٽوڙي پئسا ۽ سونا زيور ڪڍي ويا آهن. ياد رهي ته چوريون روز جو معمول بڻيل آهن ڪير به محفوظ ناهي. پوليس طرفان ڪو تحفظ نٿو ملي. واقعي بعد پاڙي ۾ خوف واري لهر پکڙيل آهي. جڏهن ته علائقي واسين پڻ چورن خلاف سخت ڪارروائي جو مطالبو ڪيو ويو آهي.

بقايا 26 روزاني عبرت

ڪئي وئي هدايتن تي ايس ايڇ او مورو انسپيڪٽر علي اڪبر ڪوڪر پوليس نفري سان گڏ مورو شهر جي مختلف هنڌن تي مبينا فحاشي جي اڏن تي ڇاپا هنيا، جتي پوليس موجب 8 عورتن ۽ 7 مردن کي مبينا طور رنگ رليون ملهائيندي گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب گرفتار ٿيلن ۾ عائشا ولد فقير حسين فرزانا ولد اياز شيخ، سنا ولد حق نواز، رابيا ولد خالد ، ماهين ولد حق نواز، دانيا ولد قاسم ، شمائلا ولد خالد جنت ولد عمران فقير ارشد ولد خميسو ، غلام مصطفيٰ ولد احمد ، ممتاز ولد جبار انور علي ولد ذوالفقار ، اعظم ولد سلطان ، صيف الله ولد محمد حيات ۽ محمد علي ولد تاج محمد شامل آهن پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار ٿيل جوابدارن خلاف الڳ الڳ ڪارروايون ڪندي ڪرائيم نمبر 405/2026، 406/2026 ۽ 407/2026 تحت سيڪشن 294 PPC موجب ڪيس داخل ڪيا ويا آهن پوليس موجب ڪيسن جي ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد گرفتار ٿيلن کي چالان ڪري عدالت جي حڪم تحت جيل حوالي ڪيو ويو پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته شهر ۾ سماجي برائين جي خاتمي لاءِ ڪارروائيون جاري رهنديون ۽ عوامي شڪايتن تي قانون موجب قدم کنيا ويندا

بقايا 27 روزاني عبرت

ٿي ويو جڏهن ته فورو جي سي سي تي هٿ اچي ويو آهي سي سي ٽي ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته عورت بيوٽي پارلر ڏانهن وڃي رهي هئي ته مبينا طور هڪ فورو سنڌس موبائل فون ۽ روڪ رقم کسي فرار ٿي ويو ڪجهه وقت اڳ ساڳئي محلا مان فورن هڪ عورت کان هٿيارن جي ضرور تي ڦر ڪئي هئي. فورو کلي عام عورتن کان ڦر ڪري رهيا آهن متاثر عورت ۽ محلي واسين مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدار کي گرفتار ڪري ڦريل موبائل ۽ روڪ رقم واپس ڪرائي وڃي

بقايا 28 روزاني عبرت

فوٽيج منظرعام تي اچي ويا ، جنهن ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته ٻه ڄڻا دوڪان اندر داخل ٿيندي ۽ چوري ڪندي نظر اچي رهيا آهن . واقعي بعد دوڪاندار غلام مصطفيٰ منگريو جي فرياد تي ڪوٽڙي ٿاڻي تي چوري جي رپورٽ داخل ڪئي وئي آهي متاثر ايس ايس پي ڄامشورو کان مطالبو ڪيو آهي ته چورن خلاف ڪارروائي ڪري چوري ٿيل رقم واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 29 روزاني عبرت

وڪي انچارج عبدالرئوف سانگهڙي خلاف داخل درخواست تي اڄ موري جي عدالت ۾ ٻڌڻي ٿيندي، ٻي طرف متاثر پورهيت مجيب الرحمان عالماڻي جو چوڻ هو ته ڊي ايس پي مورو فائزا سوڍر ۽ ڪمپلين سيل نوشهروفيروز جي آفيس ۾ پيش آيل واقعي بابت بيان رڪارڊ ڪرايا آهن. پورهيت جو چوڻ هو ته ڊي ايس پي مورو ۽ ڪمپلين سيل نوشهروفيروز سان بيان رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ رابطو ڪيو ويو هو ٻي طرف تشدد جي الزام آيل اي ايس آءِ عبدالرئوف سانگهڙي خلاف پورهيت طرفان داخل درخواست تي مورو جي عدالت ۾ اڄ ٻڌڻي ٿيندي

بقايا 30 روزاني عبرت

ڪندي سنڌ ۾ نوان صوبا ٺاهڻ جون ڳالهيون ڪندڙ سنڌ جي تاريخ ثقافت ۽ عوام جي جذبن کي نظرانداز ڪري رهيا آهن. سنڌ جا مسئلا نوان صوبا ٺاهڻ سان نه پر بهتر حڪمراني ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورڇ سان حل ٿي سگهن ٿا هن چيو ته منهنجي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي گذارش آهي ته نوان صوبا گهرندڙن لاءِ ڪراچي جي سامونڊي ڪناري هڪ وڏو گيٽ لڳرايو وڃي جيئن سنڌ کي ورهائڻ جي ڳالهه ڪندڙ ان دروازي مان ڪراس ڪري پنهنجن نون صوبن ڏانهن هليا وڃن هن چيو ته سنڌ جي وحدت سان هٿ چراند بدران سنڌ جي عوام جي بنيادي مسئلن بيروزگاري، مهانگائي، بدامني، صحت ۽ تعليم تي ڌيان ڏنو وڃي سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به قدم تي سنڌ جو عوام خاموش نه رهندو

بقايا 31 روزاني عبرت

الزام مبارڪپور پوليس تي الزام آهي ته منصور پتافي انيس پتافي ۽ امتياز پتافي سميت ڪجهه ماڻهن کي ڦر جي مبينا جوڙيل ڪيس ۾ گرفتار ڪري نجي ٽارچر سيل جيل ۾ رکيو ويو آهي وارثن ۽ متاثر ڌرين جو چوڻ آهي ته گرفتار ماڻهن کي مبينا طور زنجيرن ۾ جڪڙي رکيو ويو آهي. وائرل ٿيل وڊيو ۾ ڪجهه ماڻهن کي زنجيرن ۾ جڪڙيل حالت ۾ ڏسي سگهجي ٿو متاثر وارثن ايس ايس پي ڪشمور ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي، صاف شفاف جاچ ڪرائي گرفتار ماڻهن کي قانون موجب عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن الزام بي بنياد ثابت ٿين ته کين فوري طور آزاد ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 32 روزاني عبرت

سهندي فوت ٿي ويو وارثن جو چوڻ آهي ته نوجوان زمين تي ڪم ڪندي زمين تي سيپڪو جي ڪريل تارن ۾ وچڙي زخمي ٿيو هو جيڪو اڄ فوت ٿي ويو آهي سيپڪو جي نا اهلي سبب زرعي زمينن مان گذرندڙ تارون هيٺ ڪريل آهن جنهن سبب جاني نقصان ٿي رهيا آهن

بقايا 33 روزاني عبرت

پور جي صدر عبدالرحيم سولنگي کي امتحاني سينٽر جو دورو ۽ جائزو وٺڻ لاءِ دعوت ڏني وئي هن امتحاني سينٽر جو معائنو ڪرڻ بعد غير رسمي ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته اداري جي انتظاميا جي محنت، ماهر استادن ۽ شاگردن توڙي شاگردياڻين جي ڪارڪردگي ڏسي کيس تمام گهڻي خوشي ٿي آهي هن چيو ته صرف تعليمي اداري جي بهتر ڪارڪردگي ٻارن جي ڪاميابي لاءِ ڪافي ناهي پر والدين جي توجهه ۽ سهڪار پڻ انتهائي ضروري آهي والدين کي گهرجي ته هو پنهنجي ٻارن جي تعليم حاضري ۽ ڪارڪردگي تي مسلسل نظر رکن ان موقعي تي پروفيسر عبدالحڪيم چنا چيو ته اسان جي اداري ۾ ٻارن کي معياري تعليم فراهم ڪرڻ سان گڏ کين پرسڪون ۽ بهترين ماحول ۾ اخلاق، ادب ۽ حسن سلوڪ جي پڻ خاص تربيت ڏني وڃي ٿي ٻارن جي ذهني صلاحيتن کي پرکڻ ۽ انهن ۾ وڌيڪ واڌارو آڻڻ لاءِ مختلف تعليمي ۽ غير نصابي تقريبون پڻ منعقد ڪيون وڃن ٿيون هن وڌيڪ چيو ته اسان لاءِ ان وقت سڀ کان وڌيڪ خوشي جو لمحو هوندو آهي جڏهن اسان جا ڪامياب شاگرد پنهنجي والدين تعليمي اداري ۽ ملڪ جو نالو روشن ڪندا آهن

بقايا 34 روزاني عبرت

ان جي آسپاس جي علائقن ۾ مهانگائي جي طوفان غريب، مزدور ۽ ڏهاڙي ڪمائيندڙ طبقي جي زندگي اجيرن بڻائي ڇڏي آهي پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ ڏينهون ڏينهن ٿيندڙ واڌ ۽ روزمره جي استعمال وارين شين جي آسمان سان ڳالهائيندڙ قيمتن عام ماڻهو جو جيئڻ ڏکيو ڪري ڇڏيو آهي مهانگائي جا انگ اکر ۽ گهريلو بجيٽ تي فقيرآباد سميت ٻين شهرن ۽ علائقن ۾ مهانگائي جي لهر غريب طبقي جي چيلهه ڀڃي ڇڏي آهي: کائڻ پيئڻ جون شيون اٽو گيهه، داليون، چانور ۽ سبزيون غريب جي پهچ کان ٻاهر ٿينديون پيون وڃن اوڙ ٻارڻ شين گيس، بجلي ۽ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ غريب خاندانن جي مهيني واري بجيٽ کي مڪمل طور تي درهم برهم ڪري ڇڏيو آهي

بقايا 35 روزاني عبرت

صورتحال ۾ آهي سنڌس پٽ همت علي ۽ يار محمد چانڊيو صحافين کي ٻڌايو ته هڪ اڻڄاتل نمبر تان اسان کي ڪال آئي ته اوهان جي همراهه جا ڪاغذ اسان کي روڊ تان مليا آهن جنهن سبب اسان پريشاني ۾ وڌيڪ اضافو ٿي ويو آهي هنن حڪام کي اپيل ڪئي ته منهنجي والد کي ڳولهڻ ۾ مدد ڪئي وڃي

بقايا 36 روزاني عبرت

راجپوت عمران راجپوت ۽ ٻين نعري بازي ڪندي چيو ته اوڏيرولال وليج ٿاڻي جي حد ۾ بدآمني عروج تي پهچي وئي آهي چوريون ڦرون روز جا معمول بڻيل آهن اسان واپاري هاڻ ڏينهن جو محفوظ ناهيون وڌندڙ بدآمني سبب اسان واپارين ۽ شهرين جو ڪاروبار تباهه ٿي ويو آهي پوليس گشت ڪرڻ بجاءِ ٿاڻي تائين محدود بڻيل آهي گذريل ڏينهن اسان جي واپاري برادري ڪاڙ ڏينهن ڏٺي جو نامعلوم چور 16 لک روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن 24 ڪلاڪ گذرڻ باوجود پوليس ڪک پيچي بيٺو نه ڪيو آهي واپارين ۽ شهرين ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي مٽياري کان مطالبو ڪيو ته هڪ هفتي اندر چورن خلاف ڪارروائي ڪري ڦر ٿيل رقم واپس نه ڪرايو ويو ته ايس ايس پي آفيس مٽياري آڏو ڌرڻو هنيو ويندو

بقايا 37 روزاني عبرت

ڊائين لڳ ڀڳ 35 ڪلوميٽر روڊ جي حالت انتهائي خراب ٿي وئي آهي، جڏهن ته ڪيترن ئي هنڌن تي اڌ فوٽ کان به وڏا کڏا پئجي ويا آهن قومي شاهراهه تي روزانو ملڪ جي مختلف علائقن کان ايندڙ ويندڙ هيوي ٽريفڪ سان گڏ موٽرسائيڪلن رڪشائن ۽ مسافر گاڏين جي وڏي انگ ۾ آمدرفت رهي ٿي پر ٽٽل روڊ سبب حادثن جو خطرو وڌي ويو آهي مسافرن ۽ علائقي واسين جو چوڻ آهي ته خراب روڊ سبب گاڏين کي نقصان پهچي رهيو آهي جڏهن ته موٽرسائيڪل سوار ۽ خاندان سان سفر ڪندڙ ماڻهو سخت پريشاني جي منهن ڏئي رهيا آهن شهرين ۽ مسافرن نيشنل هاءِ وي اٿارٽي، وفاقي ۽ صوبائي حڪومت کان مطالبو ڪيو آهي ته سکر–شڪارپور قومي شاهراهه جي فوري مرمت ڪرائي وڃي، چوڻ هي روڊ ملڪ جي هيوي ٽريفڪ لاءِ اهم گذرگاهه آهي عوام جو مطالبو آهي ته روڊ جي مرمت ۾ وڌيڪ دير نه ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ خراب روڊ سبب ڪنهن وڏي حادثي جو خدشو موجود آهي

پبلڪ نوٽيس

روبرو جناب غلام شاهه

بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ

گيس وصولي دعويٰ نمبر: 24 سال 2026.

سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ14- ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجرI.CSSGC ۽ ليگل سروس حيدرآباد وسيم قاضي ولد قاضي قادر بخش ذريعي ....مدعي

خلاف

محمد زمان ولد آچر ڏيٿو، ڪاروبار: ڪيٽل فارم ليبر ز ڪچن ، واقع ڳوٺ سڄڻ ڏيٿو ،باءِ پاس قاسم آباد ، حيدرآباد A/C ، اڻ رجسٽر ٿيل ايف آءِ آر نمبر : 336/2023 جوابدار محمد زمان ولد آچار ڏيٿو ....مدعا عليه

ڏانهن.

مٿي ڄاڻايل مدعا عليه

جيئن تہ، مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سگهوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 224.400 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. ۽ جڏهن تہ، اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نہ آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي تہ اوهان هن عدالت ۾26.09.2026تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن تہ داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ. اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نہ ٿيو.تہ مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو.

منهنجي صحي ۽ عدالت جي مهر سان گڏ.08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو.

بحڪم..................

(رئيس احمد شيخ)

اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ

ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.

BY ORDER

PID K.910/26

گورنمينٽ آف سنڌ

پلاننگ ۽ ڊيولپمينٽ ڊپارٽمينٽ

(ريسرچ اينڊ ٽريننگ ونگ)

آساميون خالي آهن

سنڌ صوبي جو ڊوميسائل رکندڙ اهل اميدوارن کان ريسرچ ۽ ٽريننگ ونگ، پلاننگ ۽ ڊويلپمينٽ ڊپارٽمينٽ ۾ هيٺ بيان ڪيل قابليت ۽ معيار مطابق، هن اشتهار جي اشاعت کان 15 ڏينهن اندر هيٺين آسامين لاءِ درخواستون طلب ڪجن ٿيون.

سيريل نمبر	آسامي جو نالو	بي پي ايس	آسامين جو تعداد	عمر جي حد (گهٽ	وڌ)	تعليمي قابليت ۽ ٻيون شرطون
01	جونيئر ڪلارڪ (BPS-11)	11	01	21	28	i) هائير ايجوڪيشن ڪميشن (HEC) مان منظور ٿيل يونيورسٽي مان سيڪنڊ ڊويزن ۾ گريجوئيٽ ii) ڪنهن منظور ٿيل اداري مان ايم ايس آفيس (MS Office) ۾ 06 مهينن جو ڪورس سرٽيفڪيٽ

شرط ۽ ضابطا

جيڪي اميدوار مٿين گهرجن تي پورو لهن ٿا، اهي حڪومت سنڌ جي جاب پورٽل https://sjp.gos.pk تي مذڪوره اسامي لاءِ درخواستون جمع ڪرائين.

i. اميدوارن لاءِ لازمي آهي تہ انهن سکر آءِ بي اي ٽيسٽنگ سروس (STS) پاران ورتل جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ (گريجوئيشن ڪئٽيگري) گهٽ ۾ گهٽ 40% مارڪن سان پاس ڪئي هجي ۽ وٽس ايس ٽي ايس (STS) جو جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ موجود هجي.

ii. اميدوارن جي عمر جو شمار درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان ڪيو ويندو، جيئن 'سنڌ سول سرونٽس (عمر جي حد ۾ رعايت) رولز 2024 جي رول-7 تحت مقرر آهي. جڏهن تہ سروسز، جنرل ايڊمنسٽريشن ۽ ڪوارڊينيشن ڊپارٽمينٽ جي نوٽيفڪيشن نمبر S.O.II (SGA&CD)5-64/2011(Part-II) تاريخ 06-03-2025 تحت وڌ ۾ وڌ عمر ۾ 05 سالن جي رعايت ڏني ويندي.

iii. شروعاتي مقررين لاءِ مخصوص ڪوٽا حڪومت سنڌ جي قانون/رولز پاليسي مطابق لاڳو هوندي.

iv. اڳ ئي سرڪاري ملازمت ۾ موجود اميدوار درخواست جمع ڪرائڻ کان اڳ پنهنجي ڊپارٽمينٽ مان اين او سي (NOC) حاصل ڪن ۽ ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي آڏو انٽرويو جي وقت اين او سي جي اصل ڪاپي جمع ڪرائڻ لاءِ گڏ آڻين.

v. مقرري حڪومت سنڌ جي 26 اپريل 2023 واري نوٽيفائيڊ پاليسي ۽ سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ 1973 ۽ ان ۾ وقت بوقت ٿيل ترميمن جي شقن تحت ڪئي ويندي.

vi. اميدوار اصل دستاويزن سان گڏ ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي آڏو انٽرويو لاءِ ان شيڊيول موجب پيش ٿين جيڪو جاب پورٽل تي اپلوڊ ڪيو ويندو.

vii. انٽرويو لاءِ ڪوبہ (TA/DA) نہ ڏنو ويندو.

INF/KRY.No.4145/26

ڊائريڪٽر جنرل

ريسرچ ۽ ٽريننگ ونگ،

پلاننگ ۽ ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

Atomic Energy Cancer Hospital (AECH)
Larkana Institute of Nuclear Medicine and Radiotherapy (LINAR)

Tender Notice No - 02/2026

1. Sealed offers are invited from the Chemist / Druggists / Sole Distributors holding NTN and valid License for the supply of **Anti-cancer and General Symptomatic Drugs / Medicines** to meet the emergency / urgent daily requirement of Mustahiq / poor / deserved patients of LINAR Cancer Hospital, Larkana after allowing maximum hospital / institutional discount out of **ZAKAT FUNDS** during the FY-2026-27.
2. Tender documents can be purchased before closing date i.e. **05-10-2026 (Monday)** in any working day **(8:00 am to 2:00 pm) except Friday (8:00 am to 12:00 pm)** from the office of the Convener, Health Welfare Committee (HWC), LINAR, Larkana on the payment of **Rs. 2,000/-** (Rupees Two Thousand Only) (non-refundable) in the name of Convener (HWC), Larkana.
3. Tenders / Bids should be submitted in the office of the Convener, HWC, Larkana upto **05.10.2026 (Monday) upto 10:00 am** and the tenders will be opened on same date at 11:00 am at same office in the present of all the bidders or their authorized representatives, who wish to participate.
4. The bidders should have to deposit 2% as Security Deposit/Earnest Money of total allocated **Zakat Funds @ Rs. 20.00 Million** in the shape of Pay Order/Demand Draft in the name of **Health Welfare Committee, Larkana**.
5. The Competent Authority reserves the right to accept / reject / annual tender or its part at any stage.

Convener, Health Welfare Committee (HWC)
LINAR Cancer Hospital, Larkana
Near DCO Office, (P.O. Box No.05), Larkana
Phone: 074-9410322 Fax # 074-9410729

پاکستان سیکورٹی پرنٹنگ کارپوریشن (پرائیویٹ لمیٹڈ)

(اسٹیٹ بینک آف پاکستان کا مکمل ملکیتی ادارہ)

پیشکشوں کی درخواست
گڈز کی پروکیورمنٹ

1. پاکستان سیکورٹی پرنٹنگ کارپوریشن پرائیویٹ لمیٹڈ (پروکیورمنٹ) نے مالی سال 2026-27 کے لیے طے شدہ پروکیورمنٹ کے لیے فنڈز مختص کیے ہیں۔ پاکستان سیکورٹی پرنٹنگ کارپوریشن پرائیویٹ لمیٹڈ (پروکیورمنٹ) کا ارادہ ہے کہ اس فنڈ کا ایک حصہ معاہدے ، "REQ-0926-3-00020-PROCUREMENMT OF CBS-1/90 GSM PSPC W/M SENSITIZED CHEQUE PAPER-FP-0025" کے ریفرنس نمبر "P123460" کے تحت اہل ادائیگیوں کو پورا کرنے کے لئے استعمال کیا جائے۔
2. پاکستان سیکورٹی پرنٹنگ کارپوریشن پرائیویٹ لمیٹڈ (پروکیورمنٹ) کو EPADS v2.0 پر پیشکش کے دستاویزات میں بیان کردہ گڈز کی پروکیورمنٹ کے لیے اہل پیشکش دہندگان سے سربمہر پیشکش مطلوب ہیں۔
3. اس پروکیورمنٹ کے لیے پبلک پروکیورمنٹ رولز 2004،اور اتھارٹی کی طرف سے وقت فوقتاً جاری کردہ ضوابط، ریگولیٹری گائیڈز، پروکیورمنٹ گائیڈلائنز یا ہدایات کے مطابق "سنگل اسٹیج-ٹو انویلپ" طریقہ کار اور کم ترین لاگت پر مبنی انتخاب (LCBS) کی تکنیک اپنائی جائے گی۔
4. تمام پیشکشوں کے ساتھ پیشکش کی دستاویز کے "پیشکش سیکورٹی" سیکشن میں بیان کردہ رقم کے مطابق پیشکش سیکورٹی ہونا ضروری ہے، یاتمام پیشکشوں کے ساتھ پیشکش کی دستاویزات میں مقرر کردہ فارمیٹ کے مطابق "بولی سیکورنگ ڈیکلریشن" شامل ہونا لازمی ہے۔
5. ای-بڈنگ دستاویزات، جن میں تفصیلی شرائط وضوابط، تصریحات اور ضروریات وغیرہ شامل ہیں، EPADS v2.0 پر رجسٹرڈ تمام دلچسپی رکھنے والے پیشکش دہندگان کے لیے ای-پاک ایکوزیشن اینڈ ڈسپوزل سسٹم (EPADS) کی ویب سائٹ https://epads.gov.pk/opportunities/federal/procurements/123460 پر دستیاب ہیں۔ پیشکش کے عمل میں حصہ لینے کے لیے پیشکش دہندگان کا EPADS v2.0 پر رجسٹر ہونا ضروری ہے۔
6. ای-بڈنگ دستاویزات کی ہدایات کے مطابق تیار کردہ ای-پیشکشیں جمعرات، 22 اکتوبر 2026ء کو صبح 11:00 بجے یا اس سے پہلے EPADS v2.0 کے ذریعے جمع کرائی جانی چاہئیں۔ ای-پیشکشیں اسی دن جمعرات، 22 اکتوبر 2026ء کو صبح 11:30 بجے EPADS v2.0 کے ذریعے کھولی جائیں گی۔

دستی پیشکشیں قابل غور نہیں ہوں گی جن وینڈرز نے ابھی تک EPADS v2.0 کے نئے ورژن پر رجسٹریشن نہیں کروائی، وہ https://vendors.epads.gov.pk/ پر رجسٹریشن کروا سکتے ہیں۔ رجسٹریشن کے طریقہ کار کی وضاحت کے لیے ایک ٹیوٹوریل https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc پر دستیاب ہے۔

پبلک پروکیورمنٹ رولز، 2004ء کے رول 48 کے تحت، اس پروکیورمنٹ کے لیے شکایت کے ازالے کی کمیٹی (GRC) کو نوٹیفائی کر دیا گیا ہے اور نوٹیفکیشن کی کاپی خریداری کرنے والے ادارے کی ویب سائٹ اور اتھارٹی کی ویب سائٹ (www.ppra.org.pk) پر دستیاب ہے۔

پاکستان سیکورٹی پرنٹنگ کارپوریشن پرائیویٹ لمیٹڈ (پروکیورمنٹ)
ڈپٹی جنرل مینیجر
جناح ایونیو، ملیر ہالٹ، کراچی
فون: +92-219-924-8511
ای میل: foreign.purchase@pspc.gov.pk

PID(K)948/26

ڪنڊڪوٽ لڳ موٽرسائيڪل ۽ رڪشو ڦٽو ۾ ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، ٻيو زخمي

انڊس هاءِ وي رمضان لاڙي وٽ تيز رفتار موٽرسائيڪل ۽ رڪشو ڦٽو م زور دار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ عبدالغني ملڪ موقعي تي فوت، ۽ هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو

اسپتال ۾ سهولتون نه هجڻ سبب لاش 3 ڪلاڪ پيل رهيو، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

ڪنڊڪوٽ (ڏ ر) ڪنڊڪوٽ لڳ ٻي سيڪشن ٿاڻي جي حد انڊس هاءِ وي رمضان لاڙي وٽ تيز رفتار موٽرسائيڪل ۽ رڪشو ڦٽو م زور دار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي م موٽر سائيڪل سوار هڪ ڄڻو فوت هڪ زخمي جن کي فوري طور تي اسپتال منتقل ڪيو ويو فوت ٿي ويل جي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

باقراڻي: قتل ٿيل نوجوان جي لاش جي تدفين ڪئي پئي وڃي

سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر طرفان ناميارو صحافي عبداش پنهور جي وفات تي گهري ڏک جو اظهار

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ناميارو صحافي عبداش پنهور جي وفات تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي. پنهنجي تعزيتي بيان ۾ وائيس چانسلر چيو آهي ته عبداش پنهور سنڌ جو سينيئر صحافي هو جنهن ڪراچي توڙي حيدرآباد
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

انتظامي يونٽ هجي يا ڪو ٻيو نالو رکو، سنڌ ورهائڻ جو ڪو به منصوبو قبول ناهي: اياز لطيف

اصل ٽارگيٽ سنڌ جا وسيلا آهن، سمنڊ، بندرگاهه، ڪوئلو، تيل، گئس، پاڻي ۽ زمينون قبضو ڪرڻ لاءِ ڪجهه طرفيون سازشون رچايون وڃن آهن

سنڌ جون درسگاهون عالمي معيار موجب ناهن، حڪمرانن هر شيءِ کي ڪرپشن ۽ ڪمائي جو ذريعو بنائي ڇڏيو آهي

سنڌ جي نوجوانن، شاگردن ۽ شاگردياڻين کي سياسي سجاڳي، وطن، تعليم، برابري، رواداري، ميرٽ لاءِ اڳواڻي وارو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

ڄامشورو (ڏ ر) قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو سي پي ايس رائيس اڪيڊمي ڄامشورو پاران ٿيندڙ تعليمي سيمينار ۾ مهمان خاص طور
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٽنڊي ۾ صوبائي وزير جي کلي ڪچهري، عوام جا مسئلا ٻڌي فوري حل جون هدايتون

علي حسن زرداري کي شهرين روزگار، بجلي ۽ ٻين مسئلن بابت شڪايتون ٻڌايون

عوام کي درپيش مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل عملدارن کي هدايتون ڏنيون آهن: علي حسن زرداري

ٽنڊو (ڏ ر) صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري ٽ پ ايم اين اي صادق ميمڻ ۽ ضلعي چيئرمين عبدالحميد پنهور سان گڏ محسن هائوس ٽنڊي ۾ کلي ڪچهري منعقد ڪري سنڌس ٽڪ سميت ضلعي ٽنڊي جي ماڻهن جا مسئلا ٻڌا ۽ عملدارن کي فوري طور سندن مسئلا حل ڪرائڻ جي هدايت
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو: صوبائي وزير علي حسن زرداري ماڻهن کان مسئلا ٻڌي رهيو آهي

سانگهڙ ۾ صحافي انجم آفتاب نظاماڻي خلاف ڪيس ۽ گرفتاري تي صحافين جو اجلاس

ضلعي جي مختلف شهرن مان صحافين جي وڏي شرڪت، گرفتاري ۽ گهر تي مبينا چڙهائي تي گهڻي جو اظهار

معاملي تي اڳڀرائي ۽ قانوني حڪمت عملي لاءِ سينيئر صحافين تي ٻڌل ڪميٽي قائم

صحافين جو سومر ڏينهن ڊرٽي جو اعلان، پوليس ۽ صحت کاتي جي بائيڪاٽ جي به منظوري

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ جي سينيئر صحافي ۽ صحافي اتحاد سانگهڙ جي صدر انجم آفتاب نظاماڻي خلاف مبينا طور ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ گرفتاري ۽ سندس گهر تي چڙهائي واري عمل خلاف
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

خير محمد آريجا ۾ بزرگ هستي مفتي مُحمّد هدايت الله آريجوي جو ساليانو عرس

باقراڻي (رپورٽ: خدا بخش ابڙو) باقراڻي ۽
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڇاڇرو کان ڪنري ويندڙ مسافر ڪوچ ڪلٽي، ٻارن، عورتن سميت 20 کان وڌيڪ مسافر زخمي

عمرڪوٽ ڪنري روڊ تي ٻچل اوطاق وٽ ٿيل حادثي ۾ زخمي مسافر هڪ ڪلاڪ تائين واري هنڌ تڙپندا رهيا

پرياسي ۽ ايندڙ ويندڙ ماڻهن زخمين کي ٻاهر ڪڍي رڪشن ڊاٽسن وغيره تي ڪنري اسپتال منتقل ڪيو

روڊ جي پاسن مان ٽيليفون کاتي وارن ڪيبل وڇائڻ لاءِ نالو ناهي کيل کوٽائي سبب ڪراسنگ دوران ڪوچ ڪلٽي ٿي

عمرڪوٽ (رپورٽ: قاضي يوسف) عمرڪوٽ ڪنري روڊ تي ٻچل اوطاق وٽ ڇاڇرو کان ڪنري ويندڙ مسافر ڪوچ ڪلٽي ٿي پئي نتيجي ۾ ٻارن عورتن سميت 20 کان وڌيڪ مسافر زخمي ٿي پيا اطلاع باوجود ايمبولينس ۽ پوليس سميت ڪو انتظامي عملدار واقعي واري هنڌ نه پهتو جنهن ڪري هڪ ڪلاڪ کان تائين زخمي مسافر
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪنري: روڊ حادثي ۾ اونڌي ٿي پيل بس حادثي واري هنڌ پيل آهي

سڪرنڊ ۾ ٻن اڳوڻن منشيات فروشن جي توبهه، پاڪ ڪتاب تي ساک کڻي منشيات ڇڏڻ جو اعلان

سڪرنڊ (س ر) سڪرنڊ جي ڳوٺ ڦنڊو رند لڳ ٽڪهاٽ موري جي ٻن ڳوٺاڻن مختيار رند ۽ ڊونگر رند پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي اسين ماضيءَ ۾ منشيات جي ڪاروبار ۾ ملوث هئاسين جنهن تي قانوني سزائون پڻ ڪاٽيون جڏهن ته هيٺر دوستن يارن ۽ مٽن مائٽن جي سمجهائڻ ۽ ضمير جي ملامت ڪانئون توبه تائب ٿي
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

پان سيد آباد جي ريلوي ڦاٽڪ پرسان گهر مان هڪ ڪروڙ روپين جي چوري

شفيع محمد برهماڻي ڪالوني جي رهواسي بهادر ڪوڪر جي گهر مان نا معلوم چور هڪ ڪروڙ روپين کان مٿي چوري ڪري فرار

نامعلوم چور رات دير سان گهر اندر داخل ٿي 20 تولا سون، 55 لک روپيا روڪ رقم ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري فرار ٿي ويا

پوليس جي ڪرائيم سين يونٽ ٽيم پاران جاچ ايل گهر جا فنگر پرنٽ وٺڻ سان گڏ ٻيون شاهديون پڻ هٿ ڪيون ويون

پان سيدآباد (ن-ع) پان سيد آباد جي ريلوي ڦاٽڪ واري علائقي شفيع محمد برهماڻي ڪالوني ۾ رهواسي بهادر ڪوڪر جي گهر مان هڪ ڪروڙ روپين کان مٿي چوري جي واردات. تفصيل موجب پان سيد آباد جي ريلوي ڦاٽڪ واري علائقي شفيع محمد برهماڻي ڪالوني جي رهواسي بهادر
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل: پٺاڻي برادري جو مبارڪپور پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

پوليس پٺاڻي برادري جي ماڻهن کي مبينا ڄڙتو ڦر ڪيس ۾ گرفتار ڪيو آهي: مظاهرين

وارثن جو گرفتار ماڻهن کي زنجيرن ۾ جڪڙي رکڻ جو الزام، وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل مبارڪپور پوليس تي پٺاڻي برادري جي ماڻهن کي مبينا طور ڄڙتو ڦر جي ڪيس ۾ گرفتار ڪرڻ جو
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

راڻي پور ۾ ايور شائن گروپ آف ڪاليجز جي مڊٽرم امتحانن جو جائزو

پريس ڪلب راڻي پور جي صدر عبدالرحيم سولنگي جو امتحاني سينٽر جو دورو ڪيو

والدين کي ٻارن جي تعليم، حاضري ۽ ڪارڪردگي تي مسلسل نظر رکڻ جي صلاح

راڻي پور (ن ع) ايور شائن گروپ آف ڪاليجز راڻي پور ۾ مڊٽرم امتحانن جي موقعي تي انتظاميا پاران پريس ڪلب راڻي
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

فقيرآباد ۾ مهانگائي جو طوفان، پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ سان مزدور طبقو پريشان

اٽو گيهه، دالين، چانورن ۽ ڀاڄين جا اگهه وڌڻ سان غريب خاندانن لاءِ گذر سفر ڏکيو بڻجي ويو

روزگار جي کوٽ سبب مزدور چوڪن تي ڪم جي انتظار ۾، ڪيترائي خالي هٿين گهر موٽڻ تي مجبور

فقيرآباد (ن ع) ڏينهون ڏينهن پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ واڌ فقيرآباد سٽي ۾ مهانگائي جو طوفان پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ مزدور طبقو چڪيءَ ۾ پيٽ جي ورن گهر جو چلهو ٻارڻ محال ملڪ جي مجموعي صورتحال وانگر ضلعي خيرپور ميرس جي تاريخي شهر فقيرآباد ۽
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

لوڻي ڪوٽ: ٻارڻ بابت پبلڪ فورم کي اڳواڻ خطاب ڪري رهي آهي

ٽنڊو آدم ۾ بدامني جي چوٽ چڙهيل، نامعلوم چور موٽرسائيڪل ڪاهي فرار

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ بدامني جو ڦاپو ته آهي پوليس آڪهور ننڊ ۾ رپورٽ موجب ٽنڊوآدم جي محمدي چوڪ تي واقع راحت بيڪري وٽان نامعلوم چاٻي چور پي ٽي سي ايل ملازم واجد سليم جي موٽر سائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويو جنهن جي اين سي سٽي ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي آهي.

ڪي اين شاهه ۾ ڦر ٿيل موٽرسائيڪل واپس نه ٿيڻ خلاف متاثر جو احتجاج، انصاف جو مطالبو

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) چار ڏينهن اڳ گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج پرسان نامعلوم ڦورن ڳوٺ مراد چانڊيو واسي عزيزالله ولد اسدالله چانڊيو کان هاءِ اسپيڊ 2019 ماڊل موٽرسائيڪل، موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. متاثر عزيزالله چانڊيو موجب ڦر واري هنڌ پرسان پوليس اهلڪار پڻ ڊيوٽي تي موجود هئا، تنهن هوندي به ڦورو آسانيءَ سان واردات ڪري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. متاثر پاران آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي ڦر ٿيل موٽرسائيڪل موبائل فون ۽ روڪ رقم واپس ڪرائي وڃي ۽ ساڻس انصاف ڪيو وڃي

ڪوٽڙي سائيٽ سڪندرآباد ڪالوني جو رهائشي رٽائرڊ فوجي عابد حسين چانڊيو گم

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ سڪندرآباد ڪالوني جو رهائشي رٽائرڊ فوجي عابد حسين چانڊيو گهران ڪراچي لاءِ نڪتو هيو جنهن سهراب ڳوٺ پهچي پنهنجي پٽ همٿ علي سان رابطو به ڪيو ان ڪانپوءِ سندس نمبر مسلسل بند آهي جنهن سبب پورو ڪٽنب پريشاني واري
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

اوڏيرولال ۾ بدامني ۽ 16 لک رپين جي ڦر خلاف احتجاجي ريلي

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال وليج ٿاڻي جي حد ۾ 16 لک ڦر وارو معاملو واپاري ۽ شهري روڊن تي نڪري آيا. ريلي ڪڍي وئي ۽ وڌندڙ بدامني خلاف اوڏيرولال وليج ٿاڻي آڏو احتجاجي مظاهرو احتجاج ڪندي واپاري مجيب هڪڙو سيٺ خيمو مل واپاري اسرار هڪڙو ، علي شير
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

سکر-شڪارپور قومي شاهراهه تباهيءَ جو شڪار، 35 ڪلوميٽر روڊ تي کڏا

لکي غلام شاهه (ن ع) سکر-شڪارپور قومي شاهراهه تباهيءَ جو شڪار 35 ڪلوميٽر روڊ تي کڏا حادثا معمول بڻجي ويا لکي غلام شاهه کان سکر ۽ شڪارپور ويندڙ قومي شاهراهه روڊ هنڌان هنڌان ٽٽل ۽ تباهه ٿي ويو روڊ تي وڏا وڏا کڏا پئجي وڃڻ سبب مسافرن ۽ علائقي واسين جون پريشانيون وڌي ويون لکي غلام شاهه جهان خان چاچڙا کان سکر ۽ شڪارپور
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: خاصخيلي اتحاد پاران سنڌ جي ورهاڱي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

حيدرآباد: سعودي عرب تي حملن خلاف مرڪزي مسلم ليگ جو احتجاج

مظاهري ۾ شاگردن، استادن، سياسي، سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن سميت شهرين جي وڏي شرڪت

حڪومت پاڪستان کان سعودي عرب جي سلامتي ۽ خطي ۾ امن لاءِ سفارتي ڪردار ادا ڪرڻ جو مطالبو

حيدرآباد (پ ر) پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ حيدرآباد جي اهتمام هيٺ پريس ڪلب حيدرآباد جي سامهون سعودي عرب تي ڊرون حملن ۽ سعودي اختيارين پاران مڪي مڪرمه جي ويجهو ڊرون تباهه ڪرڻ
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار: ٽي اي او پرائمري ڦي ميل خلاف مبينا رشوت جي الزامن تي شوڪاز نوٽيس

مهوش سومرو کان 3 ڏينهن اندر وضاحت طلب، جواب نه ڏيڻ جي صورت ۾ E&D رولز تحت ڪارروائي جو اشارو

آفيس سپريڊنٽ پاران ٻن سالن جي بجيٽ خرچ نه ڪرڻ ۽ آفيس ۾ سهولتن جي کوٽ جا الزام

ٽ پ الف پاران ٽي اي او خلاف شفاف انڪوائري ڪرائي ايماندار آفيسر مقرر ڪرڻ جو مطالبو

ٽنڊوالهيار (ڏ ر) ٽنڊوالهيار جي ٽي اي او پرائمري ڦي ميل کي مبينا رشوت وٺڻ واري ماسري تي نوٽيس جاري، ٽي اي او خلاف اهم انڪشافات سامهون اچي ويا . ٽي اي او ڦي ميل جي آفيس جو سپريڊنٽ ٽي اي او خلاف سامهون اچي ويو . لکين روپيا هڙپ ڪرڻ جا الزام . ٽ پ ٽ الف طرفان
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ٻيراڻي ۾ 2 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان شهيد بينظير ڀٽو پبلڪ پارڪ جو افتتاح

سينيٽر قرت العين مري پاران پارڪ جو افتتاح، تقريب ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن جي شرڪت

پارڪ ۾ ٻارن لاءِ جهولا، واڪنگ ٽريڪ، سبز گاهه، بينچون ۽ جديد روشني جو انتظام

شهرين پاران پارڪ جي ساراهه، مستقل سار سنڀال لاءِ عملو مقرر ڪرڻ جو مطالبو

ڄام نواز علي (ن ع) ٻيراڻي شهر ۾ 2 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان تيار ٿيل شهيد بينظير ڀٽو پبلڪ پارڪ جو افتتاح ٻيراڻي شهر ۾ 2 ڪروڙ رپين جي لاڳت سان تيار ٿيندڙ شهيد بينظير ڀٽو پبلڪ پارڪ جو افتتاح ٽ پ سينيٽر قرت العين مري ڪري ڇڏيو افتتاحي تقريب ۾ پارٽي اڳواڻن
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

باقراڻي: مفتي محمد هدايت الله جي عرس جو ڏيک

حيسڪو پاران 8500 اي پي ايم ايس ميٽرن لاءِ ٽينڊر کوليو ويو

فيڊروائيز لوڊ مئنيجمينٽ بدران ٽرانسفارمر وائيز لوڊ مئنيجمينٽ ڏانهن اڳڀرائي ٿيندي

جنهن بجلي جا نقصان وڌيڪ ۽ رڪوري گهٽ هوندي انهن جي نگراني ٿيندي: فيض الله ڏاهري

حيدرآباد (پ ر): حيسڪو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري جي هدايت تي 17 سيپٽمبر 2026ع تي حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني (حيسڪو) پوري ملڪ جي ڊسٽريبيوشن
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

حيسڪو سب ڊويزن هيرآباد ۾ ڪارروايون، 300 غير قانوني ڪنيڪشن ڪاٽا

الرحمان اپارٽمينٽ، گهمن آباد، محمدي هوٽل ۾ بلا تفريق ڪارروايون ڪيون ويون

02 عدد ٽرانسفارمر هٽايا ويا، بقاياجات جي مد ۾ 26 لک کان وڌيڪ وصولي

حيدرآباد (پ ر): حيسڪو ترجمان موجب چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر فيض الله ڏاهري، سپرينٽنڊنگ انجنيئر آپريشن سرڪل حيدرآباد عقيل نور ميمڻ جي هدايت تي بجلي چوري جو مڪمل خاتمو ڪرڻ ۽ نه
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ ۾ بابا راماديو اوتار جو ميلو عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ويو

ميلي جي شروعات آرتي سان ڪئي وئي سوين عورتون مرد مٿو ڪامنائون ڪئي مندر پهتا

صوفي فنڪارن بابا راماديو جا ڀڄن پيش ڪري عقيدتمندن کي جهومائي ڇڏيو

ڪنڊڪوٽ (ڏ ر) ڪنڊ ڪوٽ شهر جي گلشير محلي ۾ هندو ميگهواڙ برادري پاران هر سال جيان بابا راماديو اوتار جو ميلو
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ: راما پير جي ميلي ۾ زائرين شريڪ آهن

مورو ۾ مبينا فحاشي جي اڏن خلاف پوليس ڪارروائي، 8 عورتن سميت 15 ڄڻا گرفتار

ايس ايس پي جي هدايت تي شهر جي مختلف هنڌن تي مبينا فحاشي جي اڏن تي ڇاپا هنيا

گرفتار ٿيلن خلاف ڪيس داخل، عدالت جي حڪم تي جيل حوالي ڪيو ويو

مورو (ن ع) مورو شهر ۾ مبينا فحاشي جي اڏن خلاف پوليس ڪارروائي ڪندي 8 عورتن سميت 7 مردن کي گرفتار ڪري ورتو پوليس موجب ڪارروائي ايس ايس پي نوشهروفيروز مير روحل خان کوسو کي عوام پاران مليل شڪايتن کان پوءِ ڊي ايس پي مورو ڊاڪٽر فائزا سودر کي ڏنل هدايتن تي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۾ ڏينهن ڏٺي جو عورت کان موبائل ۽ روڪ رقم ڦر

حويلي محلي ۾ بيوٽي پارلر ويندڙ عورت کان ڦر جي سي سي ٽي وي فوٽيج هٿ

ساڳئي علائقي ۾ اڳ به هٿيارن جي زور تي عورت کان ڦر جو واقعو پيش اچي چڪو

گمبٽ (ٽ ر) گمبٽ شهر ۾ ڏينهن ڏٺي جو ڦورو هڪ عورت کان موبائل فون روڪ رقم ڦر ڪري باآساني فرار ٿي ويا گمبٽ حويلي محلا مان عورت کان مبينا طور هڪ ڦورو موبائل فون ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين ۾ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب زخمي ٿيل نوجوان ڪراچي اسپتال ۾ فوت

زمين تي ڪم دوران سيپڪو جون ڪريل تارون ڇهڻ سبب نوجوان زخمي ٿيو هو

وارثن زخمي انف ڏوڪي کي علاج لاءِ ڪراچي منتقل ڪيو ٽراما سينٽر ۾ دم ڏئي ڇڏيو

ڳڙهي ياسين (ن ع) بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب نوجوان فوت ڳڙهي ياسين جيها محلا جو رهواسي نوجوان انف ڏوڪي پٽ ذوالفقار علي ڪجهه ڏينهن اڳ بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب زخمي ٿيو هو جنهن کي وارثن ڪراچي منتقل ڪيو هو اڄ ڪراچي جي اسپتال ٽراما سينٽر ۾ زخمن جا سور نه
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

پبلڪ نوٽيس

روبرو جناب غلام شاهه

بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ

گيس وصولي دعويٰ نمبر: 35 سال 2026.

سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ14- ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجر/ ليگل سروس ريجن آفيس لاڙڪاڻو محبوب ولد محمد منير شيخ ذريعي ....مدعي

خلاف

نياز پٺاڻ ولد نائب خان پٺاڻ ، بالغ ، مسلمان، ڪاروبار ماشاءَ الله هوٽل ، واقع نزد ديدار آئرن اسٽور، هالا ناڪا ، حيدرآباد ....مدعا عليه

ڏانهن،

متي ڄاڻايل مدعا عليه

جيئن ته، متي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سڳوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 3,65,000 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. ۽ جڏهن ته، اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نه آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته اوهان هن عدالت ۾26.09.2026تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن ته داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نه ٿيو ته متي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو. منهنجي صحيح ۽ عدالت جي مهر سان گڏ08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو

بحڪم........
(رئيس احمد شيخ)
اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ
ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.

BY ORDER

PID K.911/26

علائقي واسين پاران ڄامشورو ڪول پاور پلانٽ عالمي ماحولياتي قائدن ۽ قانونن جي ڀڃڪڙي قرار

هي پلانٽ سنڌو درياهه جي ڊائون اسٽريم جي سٺن ضلعن جي ڪروڙين انسانن ۽ ٻي فطري حيات لاءِ انتهائي هاڃيڪار آهي: ميڙاڪر

پلانٽ کي توانائي جي متبادل ذريعن تي تبديل ڪندي ڪروڙين انسانن، فطري جيوت ۽ ماحول کي بچايو وڃي

جيڪڏهن پلانٽ جو ڇوڙ درياهه ۾ جاري رهيو ته اڳيان هلي پاڻي ۾ مڇين بدران رڳو ڪيميائي زهر موجود هوندو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سول سوسائٽي جي اڳواڻن، وڪيلن، صحافين، استادن، شاگردن، هارين، مزدورن، مهاڻن ۽ عام ڳوٺاڻن ڄامشورو ۽ آسپاس جي علائقن جي ماحولياتي رڳن ۾ زهر پريندڙ ڄامشورو ڪول پاور پلانٽ کي پنج هزار سال پراڻي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ڄامشورو واسي ڪول پاور پلانٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

راڌڻيرو لڳ ڳوٺ لنڊي شيخ جي عورتن جو احتجاج، نوجوان جي بازيابي جو مطالبو

راڌڻيرو (ن ع) راڌڻيرو لڳ ڳوٺ لنڊي شيخ جي رهواسين فرزانا شيخ رخسانه شيخ ۽ معصوم ٻارن ميڊيا اڳيان احتجاج ڪندي چيو آهي ته فرزانا شيخ جي مڙس اعجاز شيخ کي لاڙڪاڻو پوليس بيگناهه گرفتار ڪري سينٽرل جيل لاڙڪاڻو منتقل
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف لاڙڪاڻو ۾ سيمينار ڪرايو ۽ سنڌ اسيمبلي مان قرارداد پاس ڪئي: اعجاز جکراڻي

سنڌ ۾ رهندڙ هر ماڻهون ڀلي ان جو ڪنهن به تنظيم سان تعلق هجي پر اهو سنڌ جي ورهاست قبول نه ڪندو

سنڌ حڪومت هن وقت معاشي بحران مان گذري رهي آهي چاڪاڻ ته اسان جي ملڪ جا حالات ڪجهه بهتر ناهن

هن وقت اسان جي فوج جنهن طريقي سان شهادتون ماڻي ملڪ جو دفاع ڪري رهي آهي ان لاءِ صوبا انهن جي مدد ڪري رهيا آهن

جيڪب آباد (ڏ ر) ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي چيو آهي ته سنڌ جي امڪاني ورهاڱي خلاف ٻه ڏينهن اڳ اسين لاڙڪاڻو ۾ سيمينار ڪرايو ۽ ان کان اڳ سنڌ اسيمبلي مان قرارداد پاس ڪئي، پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ سنڌ جو عوام سنڌ ڌرتي جي ورهاڱي واري عمل خلاف سڌو بيٺل آهي سنڌ ۾ رهندڙ هر ماڻهون ڀلي ان جو ڪنهن به تنظيم سان تعلق
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: ايم اين اي مير اعجاز جکراڻي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

سانگهڙ ۾ 21 کان 24 سيپٽمبر تائين پوليو مهم، 5 لک 13 هزار ٻارن کي ڦڙا پيارڻ جو هدف

ضلعي ۾ 1400 کان وڌيڪ پوليو ٽيمون گهر گهر وينديون، 370 ٽرانزٽ پوائنٽن تي به انتظام

87 فڪسڊ سينٽرن تي پوليو ويڪسينيشن جي سهولت، ڊي ايڇ او جي والدين کي ڀرپور سهڪار جي اپيل

ٽنڊوآدم (ن ع) ضلعي صحت آفيسر سانگهڙ ڊاڪٽر محمد فاروق آرائين چيو آهي ته ضلعي ۾ پوليو کان بچاءَ جي خاص مهم 21 کان 24 سيپٽمبر تائين جاري رهندي جنهن دوران پنجن سالن کان گهٽ عمر جي 5 لک 13 هزار ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽي ٽي سي ڪاليج ڪوٽڙي ۾ شاگردن تي حملو، احتجاج

راند لاءِ آيل پٺاڻ ۽ اوڊ برادري جي نوجوانن ڪاليج جي شاگردن تي حملو ڪيو

شاگردن ۽ ڪاليج انتظاميا احتجاجي مظاهرو ڪري مين روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو

ڪوٽڙي (ن ع) ٽي ٽي سي ڪاليج ڪوٽڙي ۾ ڪاليج جي گرائونڊ ۾ زبردستي راند لاءِ آيل پٺاڻ ۽ اوڊ برادري جي نوجوانن ڪاليج جي شاگردن تي حملو ڪيو ۽ شاگردن موجب هو مٿن هوائي فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا. هنن ڪاليج جي شاگردياڻين کي پڻ حراسان ڪيو جنهن بعد شاگردن ۽ ڪاليج
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان آرائين برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، هڪ زخمي

ڳوٺ منشي تاج الدين آرائين ۾ ڌرين ۾ جهيڙي دوران فائرنگ ڪئي وئي

گوليون لڳڻ سبب محمد اعظم زخمي ٿي پيو، سول اسپتال خيرپور منتقل

خيرپور (ڏ ر) خيرپور پرسان اڪنامڪ زون ٿاڻي جي حد ڳوٺ منشي تاج الدين آرائين ۾ آرائين برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ وڌندڙ بدامني ۽ منشيات خلاف نوجوانن جو مظاهرو

پاڪستان نوجوان تحريڪ جي اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ علائقي واسين احتجاج ڪيو

امن امان جي صورتحال خراب آهي، منشيات سبب نوجوانن جو مستقبل تباهه ٿئي پيو: اڳواڻ

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ ۾ وڌندڙ بدامني، چورين، ڦرن ۽ منشيات جي عام واهپي خلاف پاڪستان نوجوان تحريڪ پاران
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: بدامني خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

مورو: تشدد جو شڪار پورهيت جا بيان رڪارڊ، چوڪي انچارج خلاف درخواست تي اڄ ٻڌڻي

پورهيت مجيب الرحمان عالماڻي ڊي ايس پي آفيس مورو ۽ ڪمپليٽ سيل نوشهروفيروز ۾ بيان رڪارڊ ڪرايا ويا

اي ايس آءِ عبدالرئوف سانگهڙي خلاف تشدد جي الزام هيٺ داخل درخواست تي مورو جي عدالت ۾ اڄ ٻڌڻي ٿيندي

مورو (ن ع) مورو ۾ تشدد جو شڪار پورهيت جا بيان رڪارڊ، چوڪي انچارج خلاف اڄ ٻڌڻي مورو ويجهو چوڪي اندر تشدد جي شڪار پورهيت مجيب الرحمان عالماڻي ڊي ايس پي آفيس مورو ۽ ڪمپليٽ سيل نوشهروفيروز ۾ بيان رڪارڊ ڪرائي ڇڏيا، تشدد جي الزام هيٺ آيل
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

سنڌ کي ورهائڻ وارن جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو: مولانا اسد الله ڪهوڙو

سنڌ جي عوام پنهنجي ڌرتي جي وحدت خلاف ڪنهن به سازش کي قبول نه ڪندي

نوان صوبا ٺاهڻ جون ڳالهيون ڪندڙ سنڌ جي تاريخ، ثقافت ۽ عوام جي جذبن کي نظرانداز ڪن پيا

خيرپور (ڏ ر) جي يو آءِ سنڌ جي اڳواڻ مولانا اسدالله ڪهوڙو جي ميڊيا سان ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو آهي ته سنڌ کي ورهائڻ وارن جو خواب ڪڏهن به پورو نه ٿيندو سنڌ هزارين سالن کان هڪ وحدت طور قائم آهي سنڌ جي عوام پنهنجي ڌرتي جي وحدت خلاف ڪنهن به سازش کي قبول نه
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

مقصودو رند: ٻه مهينا اڳ حادثي ۾ زخمي ٿيل ٽينگر فوت، گهر ۾ ڪهرام

مقصودو رند (ن ع) مقصودو رند ۾ ٻه مهينا اڳ نوابشاهه شهدادپور روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل ٽينگر غلام مصطفيٰ رند ولد سانوڻ خان رند زخمن جا سور نه سهندي فوت خبر موجب ٻه مهينا اڳ مقصودو رند ۾ نوابشاهه شهدادپور روڊ تي ڊاٽسن جي ٽڪر ۾ زخمي ٿيل ڳوٺ ميان جو ڪوٽ واسي ٽينگر غلام مصطفيٰ رند ولد سانوڻ خان رند زندگي جنگ هارائي ويٺو ۽
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا ۾ استاد جي بند پگهار وارو معاملو حل، ٽ پ ٽ الف جو ٽن ڏينهن وارو احتجاج ختم

سيٺارجا(ن ع) سيٺارجا جي گورنمينٽ هائر سيڪنڊري اسڪول بوائز جي پرائمري استاد عمران احمد سولنگي جي پگهار بند ٿيڻ واري معاملي تي ٽ پ ٽ الف پاران جاري احتجاجي تحريڪ ٽئين ڏينهن حل ٿي وئي ڊسٽرڪٽ آفيسر ايجوڪيشن سيمس اينڊ پلاننگ خيرپور ظهور احمد جاگيراڻي سيٺارجا پهچي احتجاج ڪندڙ ٽ پ ٽ الف اڳواڻن محمد اسماعيل عاص محمد اعظم
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

فقير آباد لڳ ٽرين مان نامعلوم مسافر ڪري فوت، لاش مرده خاني حوالي

فقيرآباد (ن ع) فقيرآباد لڳ ريلوي پٽڙي پول نمبر 418 کان ريلوي ٽريڪ تي هزاره ايڪسپريس ٽرين مان نامعلوم مسافر ڪري فوت ٿي ويو اطلاع ملڻ بعد ڪنب ٿاڻي جي پوليس ۽ ريلوي پوليس لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي مقامي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي شهر ۾ ڊراءِ فروٽ جي دڪان مان تالا ٽوڙي چوري

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي جي مين لياقت روڊ تي شاهه حسين ٽريڊرز نالي ڊرائي فروٽ ۽ مصالحن جي دڪان ۾ رات جي وقت ۾ چور داخل ٿي ڪائونٽر ۾ پيل هڪ لک 55 هزار رپيا روڪ رقم چوري ڪري فرار ٿي ويا. چوري جي واردات دوران چورن دوڪان اندر رکيل ڪائونٽر مان ڪيش چوري ڪئي، جنهن جا سي سي ٽي وي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through **SAP-Ariba Discovery** for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-FC-CB-PEFD-334676629-2026	PROCUREMENT OF BALL VALVES FOR WELL GURGALOT X1	26.10.2026 AT 1430 HRS

EXTENSION IN BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **09.07.2026, 08.08.2026, 22.08.2026, 04.09.2026** and **08.09.2026,** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PNP-60-4396-333267097-2026	ENGINEERING CONSULTANCY SERVICES FOR DESIGN, PROCUREMENT SUPPORT, VENDOR ENGINEERING REVIEW AND COMMISSIONING SUPPORT FOR FRONT-END GAS COMPRESSION FACILITIES AT NASHPA GAS PROCESSING PLANT, DISTRICT KARAK, KPK	01.10.2026 AT 1030 HRS
2.	OGDCL-SCM-FD-CB-PROD-330576125 -2026	CENTRIFUGAL PUMPS FOR PRODUCTION FIELDS	07.10.2026 AT 1100 HRS
3.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PROD-327380371-2026	HIRING OF INTEGRATED FRACTURING SERVICES	16.10.2026 AT 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted and sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date and time.
5. Tender Notice and detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.gov.pk**.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621**. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue,
Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Phone No. 92-51-920023540/3795

ogdcl.com
No.162/14

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION | WE EXPLORE PROSPERITY

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.